سورج هوندي مُرجهايل



نجم عباسي

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ،سورھ، ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

سورج هوندي مرجهايل

(ڪهاڻيون)

نجم عباسي

نيوفيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ.
1991ع

Soorih Mirani

نيوفيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ڇٽيهه

ڇپائيندڙ	نيوفيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ.
ڇپيندڙ	نيو فيمس پرنٽنگ پريس هوم اسٽيڊ هال چاڙهي حيدرآباد.
ٽائيٽل ڪيليگرافي	شاهد گل ڀيو
پهريون ايڊيشن	ڊسمبر 1982ع
ٻيو ايڊيشن	ڊسمبر 1991ع
قيمت	30/- روپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

SOORAJ HOONDEY MURJHAYAL (Short Stories) by NAJAM ABBASI. Published By New Fields Publications, Tando wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan .First Edition December 1982. Second Edition December 1991. Price Per Copy Rs.30/-

Soorih Mirani

احمد شيخ :

سنڌ پرنٽنگ پريس جو مالڪ ،
جلد سازيءَ جو ماهر ،
زيب ادبي مرڪز جو روح روان ،
جي نالي ،
جو
سنڌي ادب جو
خاموش ترين خدمتگار آهي .

منهنجو ٻارهون ڪتاب

هن کان اڳ واري منهنجي ڪهاڻين جي ڪتاب ”رشتا ناتا“ تي تبصرو ڪندي، قاضي خادم ڪهاڻي نويسيءَ جي سلسلي ۾ واقع نگاري (Factualism) جو نئون اصطلاح استعمال ڪيو آهي. واقع نگاري، حقيقت نگاري (Realism) کان ان ۾ الڳ آهي ته واقع نگاريءَ ۾ اصل واقعي سان گڏ شهرن، ڳوٺن، رستن، بزارن، جاين ۽ ڪن حالتن ۾ ماڻهن جا نالا اصلي ڏنا وڃن ٿا. منهنجي هن ڪتاب جي ڪجهه ڪهاڻين ۾ Factualism جو رنگ آهي.

دنيا جي ٻين ملڪن ۽ خاص ڪري ٽين دنيا جي ملڪن جون ڪي گهٽنائون، ذهن ۾ متڪا هڻي لڳنديون آهن ۽ دل ۾ ڏاڍي بي آرامي پيدا ڪنديون آهن ۽ انهن جي بنياد تي ڪهاڻيون وجود وٺنديون آهن. اهي ڪهاڻيون علامت نگاريءَ جو هڪ روپ هونديون آهن. مون ٻين ملڪن جي راڄنيتي، ٻنگتي ۽ گذراني حالتن جي پٺڀين ڏيک ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن، جن مان ڪي هن ڪتاب ۾ ڏيان پيو.

منهنجي سدائين اها خواهش هوندي آهي ۽ پوري ڪوشش ڪندو آهيان ته ڪتاب جي هر صفحي ۾ گهڻي کان گهڻو مواد اچي. مون ڏٺو ته منهنجي هن ڪتاب جا پبلشر ”نيو فيلڊس پبليڪيشنس“ وارا خود ان خيال جا

Soorih Mirani

آهن. هو نہ رڳو ڪتاب اوچي ٻني تي ۽ خوبصورت ڇپائي ٿا، پر هنن جي هر طرح اها ڪوشش هوندي آهي تہ لفظ ڳتيل هجن ۽ هرهڪ صفحي تي گهٽي کان گهٽيون سٽون ڪمپوز ڪيون وڃن. هن ڪتاب ۾، گهڻو مواد ماپائن لاءِ، ٻن ڪهاڻين (جئن جو تئن، نارنگي ڏرتي) ۾ تجرباتي طور، پئرا بدران چار ٽپڪا (....) ڏئي، لاڳيتو ڪمپوزنگ ڪرائي وئي آهي. البت اهو ضرور آهي تہ انهن ٻنهي ڪهاڻين جي نوعيت ئي اهڙي آهي جو پئرا جي ڪا خاص ضرورت بہ ڪانهي .... نيو فيلڊس پبليڪيشنس جي ٻي خوبي، جنهن مونکي خاص خوشي ڏني ۽ متاثر ڪيو، سا آهي ڪم جي برجستگي. هن سڄي ڪتاب جي ڇپائي (ٻہ سؤ صفحن کان مٿس) ٻن هفتن جي رڪارڊ وقت ۾ پوري ڪرائي وئي....

جيئي سنڌ!

نجم عباسي

٩٥- يونٽ نمبر ٢
لطيف آباد، حيدرآباد سنڌ.

١٧- نومبر ١٩٨٢ع

فهرست

ڪهاڻيون

۰۱ سورج هوندي مرجهايل ۹
۰۲ سمنڊ ٿو پڪاري ۴۷
۰۳ پڙاڏا ۵۸
۰۴ ابتڙايون ۶۱
۰۵ جڻن جو تڻ ۶۹
۰۶ سوچون سرويچن جون ۹۷
۰۷ عظيم ۱۲۱
۰۸ هو فرينچ هو ۱۳۴
۰۹ ٻنيو ۱۴۳
۰۱۰ ڪونج ٻڌائي آڪاڻي ۱۵۶
۰۱۱ ڪڙڪو، ڪڙڪو، ڦڙڪو ۱۶۱
۰۱۲ ڏڪندڙ ڏيل جو اٽل ارادو ۱۶۷
۰۱۳ آواز ڏي ڪٽي آن! ۱۸۱
۰۱۴ نارنگي ڏرني ۱۹۱
۰۱۵ ڪاري ڪلوڙ ۲۰۲

Soorih Mirani

۲۱ مئي ۱۹۸۱ع

سورج هوندي ۾ جهايل

هو ڪراچيءَ مان ٿي ڪُرڪندو آيو: ”هيءَ به ڪا موسم هئي شاديءَ جي تاريخ رکڻ جي. هڪ ٻهراڙيءَ جي ٻُسائي ۽ ٻوريت، مٿان وري اتر سنڌ جي گرمي. پر آهي پاڻيجيءَ جي شادي، جي نه هلبو ته پيڻ چوندي ته هڪڙو ئي ڀاءُ اهو به نه آيو.“

مون هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي چيو ”تون اڪيلو پيو ڏسجين، ڀاڄائي ۽ ٻار ڪٿي؟“

”هڙي گرميءَ ۾ ٻارن کي رلائڻ ڪا شرافت آهي. انڪري هنن کي ڪونه آندم.“ هو هرويرو به اکيون ملائڻ کان لهرائي رهيو هو.

”وڏو ڪو پلستر آهين. سڌو سنئون چو نه ٿو چئين ته پنهنجي ڪليمي زال تي وس نه ٿو هلئي. مونکي پڪ آهي ته جي هنجي پنهنجي پاڻيجيءَ جو پرڻو هجي ها ته اتر سنڌ جي گرمي ته نهيو پر سبيءَ جي گرميءَ ۾ به هڪ ڏينهن بدران اٺ ڏينهن اڳ وڃي سهڙي ها.“ مون چڙي چيو.

”پوءِ ائين ڪٿي سمجهه ته مان بہ توهان ٻين شهري مڙسن وانگر زن مريد آهيان.“ هن ککو وکو ٿي ورائيو.

”جي اسين زن مريد آهيون ته وري به سنڌي زالن جا مريد آهيون، تون ته وچي ڪليمي زال جو مريد ٿئين!“ مون ڪلندي چيو.

هو اداس ۽ گنڀير ٿي ويو ۽ چيائين، ”توکي ته خبر آهي ته مان انگلنڊ مان خاص شادي ڪرڻ واسطي ئي مهني لاء هتي آيو هوس. اڄڪلهه مان توکي ٻڌايو هوم ته شادي سنڌين مان ڪبي. مان چاهيان ها ته لنڊن ۾ ڪنهن انگريز ڇوڪريءَ سان به شادي ڪري ٿي سگهيس. ووڙ ڏنيسين. جن سنڌين جا رشتا مونکي پسند آيا، انهن انڪار ڪري ڇڏيو. هڪڙي چيو ته تنهنجو پيءُ سچو رٽائرڊ خسيس ملازم آهي ۽ ڪا جائداد ڪانهيس. ٻئي چيو تون اسانجي ذات وارو ناهين. ٽئين چيو ته جڏهن ولايت مان واپس اچي هتي بنگلو ۽ ٻي ملڪيت خريد ڪندين ته پوء ڇوڪري ڏينداسين. هوڏانهن منهنجو سهرو، جو ڪليمي هو ۽ اسانجي ڳوٺ ڀرسان ڪليم ۾ زمين ملي هئس ۽ هر فصل تي ڪراچيءَ مان ٻنئي ڪرڻ ايندو هو ۽ ائين بابي جو واقف ٿيو هو، تنهن سان جو بابي منهنجي ڳالهه ڪئي ته هڪدم چيائين ته منهنجي ڌيءَ آهي ۽ ڪاليج ۾ پڙهي ٿي. هن وڏيڪ ڏنو ٿي ڪونه ۽ اهو ڏنائين ته ڇوڪرو ڊاڪٽر آهي ۽ انگلنڊ ۾ ڪمائي ٿو ۽ زال کي پاڻ سان اوڏانهن وٺي ويندو. مان پنهنجن جي روبي جي موٽ عمل ۾ چڙي ويو هوس ۽ موڪل به ختم ٿي رهي هئي ۽ بنا ڏيکه، جي اهو سنگ قبول ڪرڻو پيو.“

هي هو منهنجو دوست ۽ مائٽ جـو شفن مان ڦري ڊاڪٽر شفيع محمد بڻجي ويو هو. چاڙو نپيو ته لاڙ جي هڪ ڳوٺ ۾ هو پر ايم-بي-بي-ايس پاس ڪرڻ کانپوءِ پندرهن سال کن ولايت ۾ رهيو. شادي ڪراچيءَ مان ڪئي هئائين. ۽ هينئر اسپتال به اتي هئس، انڪري هو نه پنهنجي ڳوٺ ويندو هو، نه اسانجي ڳوٺ ۽ نه ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾. وڏ ۾ وڏ ڪراچيءَ مان هتي مون وٽ حيدرآباد ۾ ايندو هو. هينئر به منهنجي ڳوٺ وهاڻ ۽ تي هتان گڏجي نڪرڻا هئاسين. ڪنوار، جا هنجي ڀائيجي آهي سا منهنجي ڀائٽي ٿئي ۽ گهوٽ منهنجو ڀائيجو هو. منهنجا ٻار هفتو کن اول ڏي ڳوٺ پهچي ويا هئا.

* *

موٽر ۾ نڪتاسين ته واٽ تي شفن مون کان پڇيو:

”گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ ڪهڙا تحفا ورتا اٿئي؟“

”گهوٽ واسطي هڪڙو پلو اجرڪ ورتو اٿم ۽ ڪنوار لاءِ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪتابن جو سيٽ.“

”اڙي مروان، اجا اهي ڪنجوسيءَ جون عادتون ڪونه ڇڏيئي. خبر اٿئي سون واري زال گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ ڇا ڇا وٺي ڏنو آهي؟“

”ٻڌاءِ ڪئي.“

”ڪنوار لاءِ نوين سوٽن وارو بنارسي جوڙو آهي، ان سان گڏ سئو رپئي واري پوتي آهي. پوتي ته سئو رپئي واري آهي پر ان تي سادي ٽين سوين جـو ڀرائيءَ جو ڪم ٿيل

آهي، ۽ گهوٽ واسطي فل سوٽ جو ولايتي اوني ڪپڙو، جنهن ٻارهن سؤ ڪاڏا.“

”ها، پيسا ته تنهنجا هئا، پوءِ تنهنجن پيسن تي حاتم طائيءَ ڪان به سخاوت ۾ گوءِ ڪٽي هڪ تير سان ٻه ڪانوَ ماريائين: هڪ ته تو تي هٿڙو کهمايائين ۽ ٻيو پنهنجي ڪليمي تهذيب جو مظاهرو ڪيائين. ڪليمي تهذيب ان ڪري ٿو چوان جو اسان وٽ شاديءَ تي ڏاج ڏيڻ جو جيڪو رواج هو تنهن ۾ برائي ڪڏهن به محسوس نه ٿي. ڏاج ۾ مختصر ۽ مناسب شيون ڏنيون ويندڀون هيون. ڪابه ڌارٿي ڏاج ۾ فلاڻي فلاڻي شيءِ ڏيڻ جو شرط نه وجهندي هئي. هنن ڪليمين ۾ ڏاج، جنهن کي هو جهيز چون ٿا، تنهنجي نهايت نامناسب رسم آهي. جهيز مهيا ڪرڻ لاءِ گهر ٻاري ڏياري ڪرڻي هوندي آهي. تمام گهڻو سامان ۽ ملڪيتون ڏنيون ويندڀون آهن، وڏو ڏيکاءُ ڪيو ويندو آهي ۽ ڪن شين ڏيڻ لاءِ شرط وڌا ويندا آهن. انهيءَ جهيزڪري ڪيترين ڇوڪرين جون شاديون ٿي نه سگهنديون آهن ۽ ڪن کي مناسب وَرُ نه ملندو آهي. ڏسندي ڏسندي ڪيترا سنڌي به ان مرض جا روڳي بنجندا وڃن.“

”مون اجا ڳالهه پوري ڪانه ڪئي هئي، تون وري پنهنجي بڪ ۾ پئجي وئين. سو انهن سوڪڙين ڪانسواءِ زال اهو به چيو آهي ته ڪنوار کي منهن ڏسائي پنج سؤ رپيا ڏجان يعني نڪاح ڪانپوءِ خاندان ۾ جڏهن ڪنوار جو پهريون پيرو منهن ڏسبو. تنهن ڪانسواءِ گهوٽ کي سلاميءَ

جا پنج سؤ ڏجانءِ. نڪاح ڪالپوءِ خاندان ۾ گهوٽ آداب عرض چئي اچي سلام ڪندو، ان وقت هنکي اها خرچي ڏبي.“

”توکي اها به سڌ ڪانهي تہ اهي سنڌي سڀيتا جون رسمون نہ آهن، اهي تہ ڪليمي تهذيب جون ڳالهيون آهن. مونکي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ توتي ٽڪا ٽيڙي ڪريان يا ڪليمي تهذيب تي.“

* *

شفن شروعات کان ئي سنڌي ڪتاب شوق سان پڙهندو رهيو آهي. هو ترقي پسند سنڌي اديبن کان متاثر بہ آهي ۽ هنن جو مداح پڻ. رستي تي سڪرنڊ مان لنگهندي بڪ اسٽال تي تاج کي بيٺل ڏٺم تہ پير پائمرادو روڪڻيءَ تي پهچي ويو. بيٺي پير پندرهن ويهہ منٽ هن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئيسين. وري گاڏيءَ ۾ اچي ويٺاسين تہ شفن چيو:

”مونکي اندازو ئي ڪونہ هو تہ ڀراڙيءَ جو سنڌي اديب ايترو سڃاڻ آهي ۽ هنجو مطالعو ايترو وسيع آهي جو انقلاب جي جديد نظرين ۽ انهن جي عملي اثرن کان واقف آهي ۽ انهن تي سنڌ جي حوالي سان روشني وجهي سگهي ٿو، ۽ هنجي گهوٽ ۽ گهوٽائن سان ايتري لهہ وچڙ آهي ۽ هو هنن کي ايتري سچائيءَ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جو هنن جي ننڍي کان ننڍي سماجي ۽ اقتصادي مسئلي کان واقف آهي، ان کي سائنسي طرح سمجهي ٿو ۽ ان جي حل جي صحيح سوچ رکي ٿو. هي اديب فقط ميز تي ويهي لکڻ وارو نہ آهي، پر عملي اديب آهي.“

گهوٽ پيءِ چيو هو ته سڪرنڊ جي هڪ دوست کي ضرور ڪوٺ ڏيندا اچجو. ان دوست اسانجو ڏاڍي سڪ سان آدرڀاءُ ڪيو ۽ ڏاڍو قرب ڏيکاريو. موڪلائڻ وقت مرڪندي چيائين:

”توهانجي وهانءُ تي ناچ گانو ته ڪونه هوندو پر گهوٽ پيءُ آهي مولانا ۽ سياڻي آهي جمعو، ۽ وقت به رکيو اٿو نماز وارو، سو ائين نه ٿئي ته هو اسانکي نماز تي هلڻ لاءِ چئي شرمندو ڪري.“

اسان کلي ڏنو. پوءِ مون چيومانس ”خيال نه ڪر، ان معاملي ۾ تون اڪيلو نه هوندين.“

سڪرنڊ کان اڳتي وڌياسين. صبح جا ڏهه ٿيا هئا پر هتي هائي ئي گرمي محسوس ٿيڻ لڳي هئي، ۽ شفق کي پاڻ وڌيڪ ٿي محسوس ٿي. گاڏي ۾ ويٺي ته گهٽ ٿي محسوس ٿي جو هوا صفا ڪانه هئي. گاڏي ٿي هلي ته ڪوسي هوا ڪن ٿي ساڙيا. گاڏي به تپڻ لڳي هئي. رستي تي گاڏين جي آمدرفت جي وڏي رش هئي: موٽرون، ٽرڪون سوزوڪيون، لاريون، ٽرئڪٽر. سوزوڪين ۽ لارين ۾ هيٺان توڙي مٿان ڇت تي ماڻهو ستيل هئا. رستي جي ٻنهي پاسن کان زمينون آباد هيون. جتي ڪٿي ڪيلن، ايمن ۽ انبن جا باغ آهن. ڪٿ ڪٿ جا لابارا پنجي چڪا هئا ۽ ٿريشرن سان بهه ۽ ڪٿ ڪٿ اڳ ئي ڪيا ويا. هميشه وانگر هڪڙي قسم جون وڏيون بند ٿيل گاڏيون، لانڍ ڪيو ٿي لنگهيون. هرهڪ گاڏي جي ماپ چڱي چوکي گدام جيڏي ٿيندي.

ڪجهه ورهين کان هن قسم جون گاڏيون هتي رستي تي عام جام پئي نظر آيون آهن. ڇهه وڳي ته اهي هتي خالي ايندڙيون آهن ۽ هتان پرچي ڀاهر وينديون آهن.

موري سان تي لنگهياسين ته رستي جي پاسي ۾ هڪ دڪان تي راشد نظر آيو. راشد سان ملڻ جو موقعو هتان وڃائڻ جو سوال ئي ڪونه ٿي اٿيو. لهي پياسين ۽ هن سان اڌ ڪلاڪ کن ڪچهري ڪئيسين.

وري موٽر ۾ چڙهياسين ته شفن ڏاڍي گنڀيرائيءَ سان چوڻ لڳو: ”هتي جي نوجوان شاعرن جو حوصلو بلند ڏسي ۽ انقلابي ڳالهيون ٻڌي منهنجي سنڌي رت ۾ نئون جوش اچڻ لڳو آهي. معلوم ٿو ٿئي ته سنڌي ڳوٺاڻو ٻئي قوميت جي جذبي سان تمتار آهي، هو ڪهاڙيءَ جي صحيح استعمال کي سمجهڻ لڳو آهي. وڏي ڳالهه ته هو وڏيري کي پنهنجي آزاديءَ جو ۽ سماجي دشمن سمجهي ٿو ۽ اهڙو دشمن سمجهي ٿو جو وقت تي سندن دشمن سان وڃيو سات ڏئي. جي اها ڳالهه سچي آهي ته اسانجي شاگردن ۾ ايترو جذبو پيدا ٿي ويو آهي جو هو هاري ٻنجيو ڀهراڙيءَ ۾ وڃي هارين سان گڏ هر ڪاهين ۽ لابارو لڻن ۽ اهڙي نموني پنهنجو قومي پرچار ڪن، ته پوءِ حالتون ڏاڍيون اميدافزا آهن. اسانجو آئيندو ستن سجن جي روشنيءَ کان وڌيڪ روشن آهي.... هڪڙي ڳالهه ٻڌ! موٽندي هنن اديب ڪارڪنن سان وري ملبو ۽ تفصيلي گفتگو ڪبي.“

منهنجو هڪڙو پاءُ هتي نوڪريءَ ۾ آهي. اسان کي

خبر هئي تہ هو بہ ڳوٺ ويل آهي پر ڀوءِ بہ خالي گهر ۾ پيرو پرڻ جو خيال ڪيوسين. درڪڙڪايوسين تہ چوڪيدار ٻاهر نڪري آيو. هو ستر سالن جو پوڙهو هو. تمام ڊگهي اڇي ڏاڙهي، بدن گدلو ۽ ميرُ سان ڀريل، چپ خشڪ، نرڙ تي نماز جو داغ، فقط ميري ۽ ڦاٽل ڳوڏ پهريل. اسان پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي. اندر ڏورو وڃاسين ۽ ناڙي ڇوڙ ڪئيسين. وچ وقت پوڙهي چوڪيدار بنا چتاءَ جي چوڻ شروع ڪيو:

”نماز پڙهندا ڪريو، نماز ۾ وڏو ثواب آهي، نمازي بهشت ۾ ويندو، هيءَ دنيا چار ڏينهن آهي، آخرت جي دائمي زندگي آهي، ان لاءِ توشو ڻاهيو....“

مون ڏٺو تہ شفن پوڙهي کي ٺوڪ وارو جواب ڏيڻ وارو هو. مون هنکي اشاري سان منع ڪئي. هن پوڙهي جاهل سان ڪهڙو بحث.

هو چوندو رهيو ”.... بهشت ۾ وڏيون وڏيون نعمتون آهن....“

اسان سان گڏ منهنجو هڪ سوٽ بہ موٽر ۾ سفر ڪري رهيو هو. ان وقت هو حيدرآباد سان آندل ڪولر مان پاڻي ڪڍي پي رهيو هو. مون رڙ ڪري هن کي چيو: ”اقبال، ان مان چاچي کي بہ ٿڌو پاڻي پيار تہ هتي ئي بهشت جو مزو وٺي.“ پوڙهي جو ڳالهائڻ بند ٿي ويو. مون ڏي نهاريائين ۽ مرڪي ڏنائين. هيڙي ڪاڙهي ۾ ٿڌو پاڻي پيئڻ سان سچ پچ تہ هنجي چپن تي محسوس ٿيندڙ تازگي ۽ هن

جي منهن تي محسوس ٿيندڙ رونق مڙي آئي. مون موقعي جو فائدو وٺندي چيو: ”چاچا، تون ته اڻ ڏٺي بهشت جون پيو ڳالهيون ڪرين، پر هڪڙا انسان اهڙا به آهن جي پنهنجي سوچ، ڪاريگري ۽ محنت سان ڌرتيءَ تي بهشت جون نعمتون پيدا ڪري يا بهشت جي ٻڌايل نعمتن کان وڌيڪ نعمتون پيدا ڪري بهشت جا يا ان کان به وڌيڪ مزا پيا مائين. اسين به چاهيون ٿا ته گڏيل محنت ۽ ڪاوش سان هن دنيا کي بهشت بڻايون، نه رڳو مسلمانن لاءِ پر سڀني انسانن لاءِ.“

خبر ناهي هن منهنجو ليڪچرسمجهيو يا نه پر چيائين: ”هائو ابا، خدا خوش رکيو.“

هاڻي گرمي چوٽ تي پهچي چڪي هئي. ڪن هنڌ گرميءَ ڪري رستي جو رجيل ڏامر اٿين نظر اچي رهيو هو ڄڻ ڪاري شيديءَ پنهنجي چمڙيءَ تي تيل جي لپ مکي هئي.

ڪنڊياري ۾ ظفر سان مليا سين. اتان اڳتي هليا سين ته شفن چيو:

”ڏسجي ٿو ته تنهنجي اٿ ويهه ۽ لهه وچڙ سنڌي اديبن، دانشورن، سياسي ڪارڪنن ۽ شاگردن سان آهي. هن شاگرد نوجوان جي به سوچ تعميري ٿي ڏٺي.“

* *

هڪ ٻجي ڏاري پنهنجي ڳوٺ خانواهڻ جي ويجهو پهتاسون. ڳوٺ وڻن ۾ ويڙهيل ٿو نظر اچي. ڪافي وڻڪار آهي.

ھندن جي زماني ۾ جاگرافيءَ ۾ به چانايل ھوندو ھو ته ھي شھر باغن کان مشھور آھي. ھندن ھن شھر ۾ وڏيون وڏيون ماڙيون اڏايون ھيون. ھندن جي وڃڻ کانپوءِ ھنن جي باغن جي سنڀال نه ھجڻ ڪري اھي برباد ٿي ويا ۽ ھنن جي ماڙين کي ڍاھي مسلمان انھن جو سامان ۽ ڪاٺ جا در دريون ڪڍي کڻي ويا ۽ شھر جو گھڻو حصو موھن جو دڙو بنائي ڇڏيائون.

ڳوٺ ۾ گھوڙن سان ڏسجي ٿو ته ڍڳھا ڍڳھا وڻ نم، سرنھه ۽ پپرين جا آھن. آس ٿاڌي تيز آھي، صاف آسمان ڇڻ آگ پيو وسائي ۽ ھوا ڇڻ ڪنھن دشمن کي ايندو ڏسي دم جھلي بيٺي آھي. وڻ چرپر کانسواءِ ائين ڏسجن ٿا ڇڻ گوتم ٻڌ گيان ڌيان ۾ بت بڻيل آھي. مان شفن کي اھو قتل کوھه ٿو ڏيکاريان جو ھڪ ھندوءَ ٺھرايو ھو ۽ جو ”بالوءَ جو کوھه“ جي نالي سان مشھور ھو. ان مان ڳوٺ جا ماڻھو پاڻي ڀريندا ھئا. ٻه وھنجڻ جايون ٺھيل ھيون: ھڪ مردن لاءِ ۽ ٻي عورتن واسطي، ۽ گھوڙن ۽ ڍورن جي پاڻي پيئڻ واسطي ھوديون ٺھيل ھيون.

شفن سان منھنجي پنجتيھه سالن کان دوستي آھي پر ھو منھنجي ڳوٺ ۾ پھريون ڀيرو آيو ھو.

ٻاھران ٿي گھر اندر لاڏا ۽ دھل جو آواز پڌي ائين محسوس ٿيم ڇڻ ھن سخت آس ۽ ٻوسٽ واري گرميءَ ۾ ٿڌڙي فرحتي ھوا جو جھوٽو گلن کي ڇھندو ھجي. ٽڪڙو ٽڪڙو گھر ۾ گھڙي ويس. آواز چقمق وانگر چڪي رھيو

هو. سندو اوڏانهن وڌيس جتان آواز ٿي آيو. هڪ صفي ۾ ترڏي ٿي ميڙ ڪيل رنـگ برنگي لباسن ۾ ڇوڪرين جو جهڳٽو هو. پهرين خيال آيو ته متان ڳائيندڙ ۽ دهل وڄائيندڙ اوڙي پاڙي واريون هجن. پر نه، هي سڀ اسانجي پنهنجي خاندان جون هيون. مونکي ڏسي چپ ٿي ويون. مان هڙني کي حيرانيءَ سان ڏسڻ لڳس. پوءِ سرهائيءَ مان چيم:

”مان ڇو ٿي ويون؟ وڄايو، وڄايو! ڳايو، ٽپايو!“

هو وري شروع ٿي ويون. مونکي ايڏو مزو آيو، مونکي ايتري خوشي ٿي، مان ايترو اتساهه ۾ پرجي ويس جو بيٺي بيٺي هنن سان گڏ تاڙي وڄائڻ لڳس. خبر ناهي نچڻ کان پاڻ کي ڪيئن روڪي سگهيس. هنن جو من وڌي ويو ۽ هو وڌيڪ جوش سان ڳائڻ وڄائڻ لڳيون. مان وڌيڪ اچرج سان پنهنجي ان ڀائيجيءَ کي ڏسي رهيو هوس جا دهل وڄائي رهي هئي ۽ ڏاڍو سٺو وڄائي رهي هئي. جڏهن اهـو لاڏو پورو ڪيائون تـه پهرين مون پنهنجي ان دهـل وڄائيندڙ ڀائيجيءَ کان پڇيو:

”هي تون دهل وڄائڻ ڪٿان سکي آهين؟“

”هتي ئي. اسين سڻ ڏينهن کان پيا ڳايون ۽ وڄايون.“

”توهانکي ڪنهن گهر ۾ جهليو ئي ڪونه؟“

”ڏاڏيءَ اسانکي منع ڪئي ته ڳائڻ وڄائڻ گناهه آهي، پر اسان هنکي ڪن ئي ڪونـه ڏنو.“ ٻي ڀائيجيءَ چيو.

”چاچا حاجيءَ پهرين منهن ۾ گهنج وجهي اسان ڏي ڏٺو ۽ پوءِ مرڪي هليو ويو.“ ٻي ڪنهن ڇوڪريءَ چيو.

”اسان هي دهل به پنهنجي مرضي ڪري هٿ ڪيو آهي.“ ڪنهن ٽين ڇوڪريءَ ٻڌايو.

ٻئي طرف هڪڙو ڪمرو ڪاغذ جي رنگين ڦيتين، جهنڊين ۽ گلن سان گهوٽ ڪنوار لاءِ سينگاريو ٿي ويو. ٻه ٽي ڇوڪرا، ۽ ٻه ٽي ڇوڪريون ان ڪارج ۾ رڌل هيون. منهنجون ٻئي ڪڪيون هن ڪم ۾ ٻين کان سرس سرگرم ٿي ڏٺيون. مون شفن کي چيو:

”توکي شايد چاڻ يا احساس نه هجي پر خوشيءَ جي اظهار جا هي نمونا يعني دهل وڄائڻ، سهرا ڳائڻ ۽ گهوٽ ڪنوار لاءِ ڪمرو سينگارڻ اسانجي آڪهه ۾ انقلابي تبديليءَ جا اهڃاڻ آهن.“

* *

هينئر گرمي گهٽي ٿي وئي هئي. اندر ڪمري ۾ هلندڙ بجليءَ جي پکي جي هوا به ڇوڇڙين جو ڦوهارو ٿي وسايو. شفن جو ڪرڪڻ شروع ٿي ويو: ”هي ته برداشت کان ٻاهر گرمي آهي، چڻ ڪوري ۾ ويٺا آهيون. اچا ته رات گذارڻي آهي، اچا ته ڇوويهه ڪلاڪ هتي بسر ڪرڻا آهن.“ ڪاڪوس مان ٽي آيو ته ڇپائين منٽ ته مان جئن تئن ڪري آيس پر ههڙي ڪليل گندگيءَ ۾ منهنجو ٿورو ته چڙهي ويندو. مون ٻڌايومانس ته انڪري ئي مان جڏهن به ڳوٺ ايندو هوس ته جهنگ جي خيال کان ٻاهر جهنگ ۾ هليو ويندو هوس، پر ان مقصد لاءِ جيڪو قتل واهه هو سو اتئي اتي آبادي ڪئي وئي آهي ۽ جيڪي جهنگ هئا سي به وڃي ويا

آھن ۽ ان ھنڌ بہ پوک ٿي ٿئي، انڪري گھر ڪان ٻاھر ھنگڻ جي جاءِ ئي ڪانہ رھي آھي ۽ مجبور ٿي مونکي گھر جو ڪاڪوس استعمال ڪرڻو پوندو آھي.

پنجين بجي چيومانس ھل تہ ھلي پنھنجي خاندان وارن جون ٻنيون ۽ جايون ڏيکاريانءِ. ٻاھر نڪتاسون تہ آسمان، جو اڳھڻون صفا صاف ھو، تنھن تي ھيٺئر ڪجھہ ڪڪر چرندا نظر آيا. ھوا بلڪل بند ھئي. شفن چيو مينھن پئجي وڃي تہ ٺڪار ٿي ويندو. مون ھن کي پنھنجيون ۽ پنھنجن مائٽن جون جايون ۽ ٻنيون ڏيکاريون. ٻنين ۾ ڪٽڪ جو لاٻارو پئجي ويو ھو ۽ لٽيل ڪٽڪ جا ڍيرا موجود ھئا، جي اَن ۽ ٻُھہ جدا ڪرڻ لاءِ ٽرئشر جي انتظام ۾ ھئا. ڏسندي ڏسندي جُھڙ ٿي ويو. مٽي ڏھاريوسين تہ اُپُ ڪڪرن سان پرجي رھيو ھو. ڪڪر ٻاڻ ۾ ملي گھاٽا ٿي جُٽ مقابلي واسطي متحد ٿي رھيا ھئا. وري اوپر ٻامي پري ڪان فضا پوري ناسي ٿيندي نظر آئي. مٽيءَ جو طوفان اچي رھيو ھو. منھنجو سوٽ ڪرنل جو ڪراچيءَ مان آيل ھو ۽ ھڪڙو ٻيو سوٽ سي بہ گرميءَ کان بچڻ ۽ ٻني گھمڻ جي خيال ڪان اچي پھتا ھئا. مٽيءَ جي طوفان کي ويجھو ايندو ڏسي تڪڙو تڪڙو ھلي وڃي لانڍيءَ ۾ ويٺاسين. طوفان پھچي ويو. تيز ھوا جي گھوگھٽن سان گڏ ڌوڙ ڪري اوندھہ انڌوڪار ٿي ويو. ڪک، پن، ڪاٺيون ۽ ڪاڳر ڪرڪڙاھٽ ڪندا لانڍيءَ ۾ اڏامندا ٿي آيا. دم گھٽجڻ لڳو. ڪپڙن ۽ بدن تي خوب مٽيءَ جور پاڏوٻ

لڳي ويو. پر جيڪا مٿي اکين، ڪنن، نڪ ۽ وات ۾ ٿي وئي تنهن ڏاڍي چڙ ڏياريندڙ بدمزگي ٿي پيدا ڪئي. مون چيو مينهن نہ پئجي وڃي ڏاڍي مصيبت ٿيندي. نذير سوٽ چيو مٿي ۽ جي طوفان کان پوءِ مينهن نہ پوندو آهي ۽ جي پوندو آهي تہ بہ تمام ھلڪو. حقيقت ۾ هن وقت اسانجي پنهنجي تمنا واري سوچ هئي. مون بہ نہ ٿي چاهيو تہ برسات پوي. برسات پوڻ ڪري ڪليل ميدان تي پيل ڪاٺ خراب ٿيندي، ڳوٺ جي گهٽين ۾ گپ ۽ گندگي ٿيندي ۽ شاديءَ جي انتظام ۾ گڙ بڙ ٿيندي. مٿي گهٽ ٿي ۽ سوجهرو ٿيو تہ اسين لانديءَ مان نڪري اوطاق ڏي روانا ٿياسين. هوا اڃا تيز لڳي رهي هئي ۽ مينهن جي ڦوڙي ڪرڻ ڪرڻ شروع ٿي. اوطاق تائين پهچندي بارش ڪجهہ تکڙو پوڻ لڳي. هاڻي گجگوڙ ۽ وڄ جو چمڪو بہ شروع ٿي ويو هو. اندر وڃي ويٺاسين تہ وسڪارو تکو ٿي ويو، پر جلد ئي ان جي رفتار ڍلي ٿي وئي. نذير سوٽ چيو تہ هي فقط مختصر ڇنڪارو هو ۽ وڏيڪ نہ وسندو ۽ هوا جو هيڏي تيز ٿي پئي لڳي سا بادلن کي گهلي ويندي. مونکي بہ آسرو هو تہ سرس مينهن نہ پوندو. پر ويرم ٿي ڪانہ گذري تہ بارش جو ڏاڍو ڇوهو ريلو شروع ٿي ويو. گونگي گگن کي زبان ملي وئي هئي، سا بہ شينهن واري زبان، گجگوڙ مٿي گجگوڙ لائي ڏنائين. گجگوڙ جا اهڙا زوردار نڪاءَ ۽ وڄ جا اهڙا تکا چمڪاٽ ۽ ڪڙڪاٽ شروع ٿي ويا ڄڻ تہ بهوديڻ ۽ عربن جي لڙائي لڳي رهي هئي. رکي رکي ڪنوڻ سان گڏ

اهڙو خطرناڪ نڪاهه تي ٿيو جو ترن ڏکي تي وئي ۽ خيال ٿي ايريو ته اها وچ ضرور ڪتي ڪري آهي. ڇت مٿان مينهن ڪنهن اينڌ آپدا ڪان چتاءَ جا نغارا وڄائي رهيو هو. منهنجي دل شدت سان چاهيو ته انسان اهڙي شڪتي جلدي حاصل ڪري وٺي جنهن ذريعي هو طوفان جا منهن موڙي سگهي ۽ اڻ گهربل بارش کي بريڪ لڳائي سگهي.

ڪافي مهل ٿي وئي، مينهن بند ٿيڻ جو نالو ئي نه ٿي ورتو. آسمان جو بند ڇڄي پيو هو. نيسارا وهندا رهيا. اوطاق جو اڱڻ، جتي سيائي جي شاديءَ جي گڏجاڻيءَ لاءِ شاميانو لڳائڻو هو، اتي پاڻي پرجندو ٿي ويو. اڱڻ گهٽيءَ جي مٿاڇري کان گهٽو مٿي نه هو ۽ گهٽيءَ جي پاڻيءَ جي نيڪال جي ڪا واهه ڪانه هئي، ان ڪري ٿوري دير کان پوءِ گهٽيءَ وارو پاڻي به اندر اوطاق ۾ اچڻ لڳو. پاڻيءَ جو تلاءُ بڻجندو ٿي ويو. پدر هڏڻ سان گڏ امان جي دل به ٻڏي رهي هئي. سيڻي ويلن جا منهن لهي ويا هئا. مون کي ته اهو سوچي به مايوسي ٿي رهي هئي ته هاڻي خاص ڪري شفن جي بوريت وڌندي، جو گهٽين ۾ ايڏي چڪڻ، ترڪڻ ۽ گهمسان ٿي ويندو جو گهر کان ٻاهر نڪري ڪونه سگهنو، نه ته هونءَ ٻاهر نڪري، گهوٽ جو واءُ سواءُ لهڻ ۾ ڪجهه وقت ڪنهن جي ٿي سگهيو.

گهر مان نڪرڻ وقت ڪڪين ٻڌايو هو ته هينئر ٻه ڪي آهي، جنهن ۾ اوڙي ٻاڙي جون ۽ گوٺ جون مايون

اچي مڙنديون ۽ انهن کي ڪنوار کي ململ ڏاجو ڏيکاريو ويندو. مونکي خيال آيو ته ٻڪيءَ جو مزو بس هن برسات ۽ طوفان خراب ڪري ڇڏيو هوندو.

ڪلاڪ سوا آڪاش پنهنجو غصو ڇنڊيندو رهيو. وسي وسي نيٺ بس ٿيو.

چنتا اها ظاهر ڪئي وئي ته شاميانا، ڪرسيون ۽ ٻيو سامان ترڪ ۾ سکر مان اچڻو هو، سو سلامتيءَ سان پهچندو الائي نه، ۽ پهچي ويو ته هن پاڻي پريل پـڌر ۾ بندوبست ڪيئن ڪري سگهبو. ٻئي ڏينهن ڏهين بجي صبح جو رسمون شروع ٿيڻيون هيون.

هاڻي گهر پهچڻ جو مسئلو هو.

شفن چيو: "اسانجي لاڙ ڏي ته ڪلراٺي ۽ سم واري زمين آهي. اها مينهن جو پاڻي چهندي ئي ناهي. پر اتر لاهه چوندا آهن ته چيڪي مٽي ٿيندي آهي، جا مينهن جو پاڻي جلدي چهي ويندي آهي."

"سڄو ميدان هجي ۽ ٿوري برسات پئي هجي ته شايد پاڻي جلدي جذب ٿي وڃي. پر بارش پئي آهي ڏاڍي ۽ وري آهن کڏون ۽ کوٻا، سو ڪي ڏينهن پاڻيءَ جا ڍُٻا بيٺا هوندا. وري هيءَ چيڪي مٽي آلي ٿيڻ سان اهڙي ترڪڻي ٿي پوندي آهي جو بيپرواهيءَ سان ماڻهوءَ پير رکيو ناهي ۽ ترڪيو ناهي، اهڙو وڃيو ڦهڪو ڪري جو ٿيڻ وڃيو پٽ سان نڪاح ڪري." مون تبصرو ڪيو.

گهر ته رڳو سؤ کن وکون پري هو، پر اوستائين پهچڻ

هينئر سولو نہ رهيو هو. رات جا نئوَ وڃي رهيا هئا. گهٽيءَ ۾ پڻي ٻوڙ ڏاڍو گندو پاڻي بيهي ويو هو. گهٽيءَ جي وچ ۾ هيٺاهين هئي ۽ پاسن کان لاهيءَ واري ڇيڪي مٿي ترڪڻي تي پئي هئي. ٻيو کو چارو ئي ڪونہ هو، سواءِ پاڻي جهاڳڻ جي. شفن، مونکي ۽ ڪرنل کي گهر ڏي پهچڻو هو. نئڊو سوٽ اسانجي رهنمائي ڪرڻ لاءِ اڳيان ٿيو. ڪانئچن جا ور متي ڪنياسين ۽ چمپلون هٿن ۾. گهٽيءَ جي وچ مان جهاڳيندا هلياسين. پير ڪوڙي تي ڪنياسين ۽ قدم سنڀالي آهستي آهستي اڳيان ٿي وڌاڍوسين. پير هيٺ گپ ۾ کپي ٿي ويا. ڇپڪ ڇپڪ جي آوازن جي وچ ۾ مون چيو:

”شايد ٽيهن سالن کانپوءِ اهڙو اتفاق ٿيو آهي جو ٻوٽ ۾ هوندي مينهن پيو آهي ۽ جهڙي طرح مينهن جي پاڻيءَ ۾ جهاڳڻو پيو آهي جهڙي طرح ننڍي هوندي جهاڳيندا هئاسين ۽ هن پاڻيءَ ۾ ٻوڙون پائيندي، ترڪندي، مستيون ڪندي کيڏندا هئاسين.“

پيا پڻ منهنجي ان ياد سان سهمت ٿيا.

نلڪي جي پاڻيءَ ۾ پير ڌئندي شفن چيو: ”هن مينهن جي پاڻيءَ مان جهاڳڻ منهنجي دل جي ڪنهن ڪنڊ کي وٺندڙ پئي لڳو. مونکي ڪا ڇاتل يا ٻالڪپڻ ۾ مانيل خوشي ٿي محسوس ٿي.“

* *

اڄا ماني پئي کاڌيسين تہ ڪجهہ ڇوڪريون آيون ۽ اچي

پٽر ۾ ڏٺو وڇايائون. پٽر پڪسرو هو، مينهن ۾ ڌوپي صاف ۽ ٺڏڙو ٿي پيو هو. آلي چوڪي مٿي ۽ جو پنل سڳنڌ هو. آسمان صاف ٿي ويو هو، تارن سان مرڪندڙ. ڏاڍو معصوم ۽ ميسوٺو چڻ نه به ٿي ڪلاڪ اڳ جيڪي راڳا ڪيا هئائين تنهن سان منڌس واسطو ئي ڪونه هو.

هڪ ڇوڪري دهل وڄائڻ لڳي. ٻيون لاڏا ڳائڻ سان گڏ تاڙيون به وڄائڻ لڳيون. هڪڙي ڇوڪري هڪ پير ۾ ڇير ٻڌي دهل ۽ لاڏي جي لئه تي نچڻ لڳي. منهنجا طاق لڳي ويا. ڇا هي اسانجو اهو دقيانوسي گهر آهي؟ ائن نون سالن جي اها نچندڙ نياڻي مونکي ڏاڍي ڀلي لڳي رهي هئي ۽ هن تي بيحد پيار اچي رهيو هو. منهنجي دل اتماهه سان ڀرجي وئي. اتساهه اهو ته مان به اٿي نچڻ لڳان.

ماني ڪائي، شفن ۽ مان ڪرسيون ميري ويجها ٿياسين. هاڻي ٿڌڙي پنل هوا لڳي رهي هئي. ٻيون ڇوڪريون ۽ مايون به اينديون ويون. سڀ دهل جي لئه تي تاڙيون وڄائڻ ۽ سهرا ڳائڻ لڳيون. ٻه ڇوڪريون اٿي بيٺيون ۽ ٿڌي فرش تي ڳائيندي نچڻ لڳيون. ننڍا ڇوڪرا به هنن سان شامل ٿي ويا. مان حيرت جو بوتو بنيو نهاريندو رهيس. وڏا ڇوڪرا اچي بيٺا ته ڇوڪرين گهلي هنن کي به نچڻ ۾ شامل ڪيو. هڪڙو لاڏو ٿي پورو ٿيو ته ٻيو ٿي شروع ڪيو ويو. سڀ نچندا رهيا.

اسانجي خاندان جو احوال هي آهي ته هن وهڙهي اندر سڀ سوٽ، ماسات ۽ ڀائر آهيون ۽ اسانجو اولاد آهي ۽

اسانجون مائرون، ماسيون ۽ چاچيون آهن. سڀ رت جا رشتيدار آهيون. ڪل پنجاهه ڪن ڀاتي ٿيندا سين. اسانجا هڙئي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڙهيل آهن ۽ ڪي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هن وقت ڪاليجن ۾ آهن.

ڪرنل ساني ڪاٺي ڪمري ۾ وڃي ستو هو ۽ وري ٻاهر نه نڪتو. هو ٻه اڪيلو آيو هو ۽ هنجي اڙدوڳالهائيندڙ زال ۽ ٻار ڪونه آيا هئا. ٻه ٽي پوڙها ۽ ٻه ٽي پوڙهيون جن کي ٿئين ٿهي وارن جي هي ڳالهه ۽ نچڻ واري ڳالهه نئي وٺي سي سوير ٿي وڃي سمهيا هئا. منهنجا ڀائر ۽ سوٽ اوطاق ۽ گهٽيءَ مان ڀاڻي ڪيائڻ، شاميانا هٽائڻ ۽ ٻئي انتظام ڪرڻ ۾ رڌل هئا. ٻڍوسين ته اوڙي پاڙي ۽ ڳوٺ جا ٿيهارو ڪن ماڻهو مدد ڪري رهيا آهن ۽ ڀاڻي ڪيڻ ۽ ڀنجو ۽ ڀراڻ وجهڻ ۾ پنهنجي ننڊ جي پرواهه نه ڪري ڪم ڪري رهيا آهن جڻ شاديءَ جي سڀاڻ ۾ رخنو نه پوي. شفن کي ان ڳالهه تي ٻه حيرت ۽ خوشي ٿي: ڀهراڙيءَ وارن ۾ باهمي مدد جو جذبو.

منهنجي ڪڪيءَ ۽ هڪ ڀائيجي پنهنجيون پنهنجيون ڪشميرائون ۽ رنگين رول آندا هئا. هو فوٽا ڪيدي رهيا هئا. مونکي مامي جو خيال آيو. اڇڻ سان ٿي ٻچا ڪئي هئي. ٻدايائون ته هنکي سڌ ڏنو ائڻون پر آيو ڪونهي. هو مولوي آهي ۽ ترقي ڪري پير ٻنجي ويو آهي. ورهين کان هي گهر ۽ ڳوٺ ڇڏي ٻئي هنڌ مريدن جو ڳوٺ اڏائي اتي وڃي رهيو آهي. سون هتي ماڻهن جي مرڻي پرڻي تي

هنکي ايندي ڪونہ ڏٺو آهي. جڏهن اسان ننڍا هئاسين تڏهن گهر تي هنجو وڏو اثر ۽ رعب هو. اسانجي انگريزي پڙهڻ جي ڏاڍي مخالفت ڪيائين. هنجي ئي سختيءَ ڪري بيو نہ ٻيو پر شاديءَ جي موقعي تي بہ گهر ۾ لاڏا ڪونہ ڳايا ويندا هئا، ۽ نہ دهل وڄايو ويندو هو. نہ رڳو ايترو پر پاڙي يا ڳوٺ ۾ جنهن وهانءَ تي دهل وڄندو هو ان ۾ شريڪ ٿيڻ يا ڀت کائڻ حرام هو. فوٽو ڪيرائڻ تہ پري رهيو پر ڪا تصوير ديوار تي ٽنگڻ جي اجازت بہ نہ هئي. ڏسجي ٿو تہ پوءِ هو هن خاندان کي پنهنجي راهہ تي هلائڻ کان نااميد ٿي ويو ۽ هتان هليو ويو. مون سوچيو تہ جي هو هن وقت هتي هجي ها تہ هنجو هيانءُ ڦاٽي پوي ها.

نچندڙن ۾ منهنجي ان ڀاءُ جا بہ ٻہ پٽ آهن، جو مامي جو مريد آهي ۽ هنجي پڙاڻي ڳوٺ ۾ رهندو آهي. ان ڳوٺ وارا انگريزي نہ پڙهندا آهن ۽ پنهنجن ٻارن کي ڳوٺ واري مدرسي ۾ داخل ڪندا آهن، جتي عربي ۽ فارسي پڙهائي ويندي آهي. ان ڳوٺ ۾ ٽي-وي تہ ٺهيو پر ڪو ريڊيو بہ نہ رکندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن وٽ آهي بہ تہ هو ان تي فقط خبرون ۽ قرآن ٻڌي سگهي ٿو. راڳ ٻڌڻ هنن جي عقيدي موجب حرام آهي. هو پردي جا ايترا پابند آهن جو پنهنجي سڳي ڀاءُ کان بہ پنهنجي زال کي پردو ڪرائيندا آهن. منهنجا هي ٻہ ڀائٽيا، جن مان هڪ جي عمر ۱۲ سال ۽ ٻئي جي ۱۰ سال آهي، سي جڏهن بہ هتي ايندا آهن تہ ٽي-ويءَ جو پاسو ئي نہ ڇڏيندا آهن ۽ ڏاڍي شوق ۽ چاهہ سان ان

جا پروگرام ڏسڻ ۾ مگن رهندا آهن. هيئنر به هو پنهنجن عزيزن ۽ هڪجيڏن سان سات ڏئي، بنا ڪنهن جي چوڻ جي، آڏا ابتا پير هلائي ۽ هٿ لوڏي ڏاڍي مزي ۽ موج سان نچي رهيا آهن، ۽ مان سوچيان ٿو ته انسان جي اڏمن ۽ ماحول جي اثر کي روڪڻ ڏاڍو ڏکن آهي.

منهنجيون ٻئي ڀينر، جن جي ويهه ٻاويهه سال اڳ جڏهن شادي ٿي هئي ته ڪنهن لاڏي جي هڪڙي مصرع به نه ڳائي هئي، سي اڄ پوري آواز سان ڳائي رهيون آهن، خوب نچي رهيون آهن ۽ سيني کان وڌيڪ نچي رهيون آهن. اڄ سندن پٽ جي شادي آهي.

وڏيون ماڻيون به موجود آهن ۽ بيٺي بيٺي هٿڙا هلائي هلائي ڳائڻ ۽ نچڻ ۾ سات ڏئي رهيون آهن.

گهر جو هر ڀاتي هن موقعي تي پنهنجو خوشيءَ جو اظهار ڪري رهيو آهي.

بزرگ مردن مان فقط مان ۽ شفن موجود آهيون. شفن جي رخ ۾ به هائي ڦيرو اچي ويو آهي. هو خوشگوار ۽ موجي موڊ ۾ آهي ۽ ننڊ وسري وئي اٿس، اهو ڦيرو مينهن جي پاڻي جهاڳڻ کان پوءِ شروع ٿيو هو. ان جو سبب گهڻيءَ مان جهاڳڻ ڪري لاشعور مان ننڍپڻ جي ڪنهن خوشيءَ جو جاڳڻ هو، يا ڪاڙهي بدران ٿڌڙي هير شروع ٿيڻ يا هنن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جون معصوم ۽ خلوص ڀريون خوشيون ڏسي.

هو چوڻ لڳو: ”مون کي جي خبر هجي ها ته هتي

يارن جي ههڙي اتساهه ڀري ۽ مزيدار محفل ڇمندي ته، پنهنجي فئملي آئيان ها ۽ گهٽ ۾ گهٽ منهنجا يار هنن خوشين ۾ شامل ٿي وڃن ها ۽ بور ڪونه ٿين ها. هو اهڙين محفلن جا ڏاڍا شوقين آهن. مون پنهنجي زال کي ان ڪري نه آندو جو منهنجو اندازو هو ته توهان جي گهر جو ماحول دهقاني ۽ دقيانوسي آهي ۽ رڳو ٻڪر ٻوساٽ هوندي ۽ خوشيءَ جي جشن جو ڪوبه اهڃاڻ ڪونه هوندو. اهو پڻ انديشو هو ته هوءَ بيخياليءَ ۾ ٿي سهي، هتي اسان جي شاديءَ جي سنڌي رسمن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري ها ۽ اها ڳالهه بدمزگي پيدا ڪري ٿي سگهي. ٻيو ته هوءَ اسان جي ٻولي ڪانه ڄاڻي، ان ڪري هتي جي عورتن لاءِ الجهن جو باعث بنجي ها."

مان ۽ شفن ڪڏهن ٻيهي ٿي رهياسين ۽ ڪڏهن ڪرسين تي ٿي ويٺاسين. پر دهل ۽ ناچ جي لئه تي ناڙيون وڄائيندا ٿي رهياسين. اسان جي موجودگي ٿنڊن لاءِ خوشي، اتساهه ۽ همت افزائيءَ جو باعث ٿي رهي هئي. رات جا ٻارنهن ٿيا هئا. گهوٽ، جو نظر ڪونه آيو هو، تنهن کي ڇوڪرا مينديءَ جي رسم لاءِ پڪڙي آيا. ڇوڪرين ميندي لڳائيندي هن سان چرچا ڪيا، ڇيڙ ڇاڙ ڪئي، تعديون ڪيون، جنيون ڪيون. سارو وقت ٺهڪن جي گونجار رهي.

ڪنوار کي روايتي ونواهه ۾ ڪونه وهاريو ويو هو، پر هوءَ هڪڙي ڪمري ۾ ويٺي هئي ۽ گهٽو ٻاهر نه ٿي نڪتي. مان ان ڪمري ڀرسان ويس ته مون سان ملڻ واسطي

ٻاهر نڪري آئي. اهڙي طرح گهر جا ٻيا ماڻهو هن وٽ ان ڪمري ۾ آيا ويا پئي. نه هن کي اٿو تڪيو ويو هو ۽ هن کي هر ڪنهن ڪان منهن لڪائڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي. هيئنر به هوءَ ان ڪمري جي دريءَ جو هڪڙو طاق کولي هيءَ محفل ڏسي رهي هئي.

نچڻ ۽ ڳائڻ جي وچ ۾ چانهه جو دور به پئي هليا.

پوءِ اسان ڏٺو ته ڇوڪريون ٻريل ميڻ بتيون ٿالهين ۾ چنبڙائي، اهي ٿالهيون هٿ جي ترين تي رکي گول چڪري ۾ نچڻ لڳيون. شفن مون کي چيو:

”هي ته واڏڪو نمونو آهي.“

”واڏڪو نه پر موهن جي دڙي جو، ان ڪري سنڌين جو.“ مون چيو.

”ها يار، سچ ٿو چئين.“ هن ڇهولندي جواب ڏنو.

اهو ٻڌائي ڇڏيان ته اسان جي هنن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي نچڻ ۾ ناچ واريون فني خوبيون ڪونه هيون. هيءَ ته آڏا ابتا قدم کڻي ۽ بدن جي بي ترتيب چرپر هئي، رڳو ان ۾ خوشيءَ جي جذبي جو سياويڪ اظهار هو. وري سنڌي لاڏو ۽ سنڌي ساز، سو اهڙو ٿي مزو آيو جو دل ٿي چاهيو ته اٿي سڀني سان گڏجي نچجي، پر ايتري اخلاقي همت ڪانه هئي.

پريان به ٿي ڇوڪريون پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳيون ۽ پوءِ منهنجي وڏي ڪڪي اسان ڏانهن آئي ۽ اچي چيائين ته بابا، سڀ چون ٿيون ته توهين ۽ چاچا شفن به اچي ناچ

۾ شامل ٿيو. وڏي مشڪل سان هن کي ان ڳالهه تان لاٿوسين.
مان ته اجا به عجب ۾ هوس ته اسان جي ٻارن ايترو ٻون شيون ڪيئن سکي ورتيون آهن، جيتوڻيڪ هنن پڙهايو هو ته هنن اٺن ڏينهن کان اهو شغل جاري رکيو هو ۽ مشق ڪئي هئي.
پوءِ ڇوڪريون ٻن قطارن ۾ ٿي بيٺيون ۽ ڇوڪرا گول چڪرو ڪري سندرا پڙدي بيٺا. هوجمالو شروع ٿي ويو. ڇوڪريون ڳائي رهيون هيون ۽ ڇوڪرا نچي رهيا هئا.
مون کي ڏاڍو مزو آيو.
رات جا ٻه وڄي چڪا هئا. وڏيڪ ننڊ روڪڻ مون لاءِ محال هو. شفن کي چيم ته مان وڃي ٿو سمهان.
هن چيو: "اڄ رات مان نه سمهندس. اڄ رات سنڌي رات آهي ۽ اهڙي رات روز نه ايندي آهي. صدين کان پوءِ مون کي سنڌي خوشي حاصل ٿي آهي."
شور هوندي به مون کي هڪدم گهري ننڊ وٺي وئي.

* *

صبح جو هڪڙا لڳا مڙائي، سهڻي سنهري ٻاهر نڪتاسين ته ڏٺوسين ته گهر جي گهٽيءَ جي گپ وارو بارش جو پاڻي، جنهن جو ڪو نيڪال ڪونه هو، ۽ جو سڪڻ ۾ ٻه هفتن کان وڌيڪ وٺي ها، سو ڪونه هو ۽ گهٽي هلڻ لائق بڻائي وئي هئي. اوطاق جي اڳڻ ۾ هڪڙي پاسي وڏو شاميانو لڳايو ويو هو، جنهن اندر ٿلهو ٻاٺو ويو هو ۽ ڪرچ ۽ ڪرسيون قطارن ۾ ترتيب سان رکيون ويون هيون. ٿڪي

شاميانَي اندر ڪاٺي جون ميزون رکيون ويون هيون. پنهنجن ديگين ۾ ڪاٺو رڌجي رهيو هو. ٻاهرين سڄي رات جاڳيءَ، پاڙيسرين ۽ ڳوٺاڻن جي سهڪار سان هي منڊل مچايو هو.

”هي اٿئي گڏيل محنت جو ڪرشمو“ مون چيو.

”سچ ٿو چوين“ شفن ورائيو.

نڪاح جو وقت ٻارهين بجا رکيل هو. ڏهين بجي کان ماڻهو اچڻ شروع ٿيا. حيدرآباد، نواب شاهه، سکر ۽ ٻين پاسن جا مهمان به آيا ٿي. اسان پڻ سڀني سان ملياسين پئي. ڪرسيون پرچنديون ٿي ويون. ڪاڙهو شروع ٿي ويو هو، پر اڄ پکن جي هوا گرم نه ٿي لڳي. اسانجي پرسان شاه ويٺو هو. هتي هر سال ميلو لڳندو آهي. هفتي کانپوءِ اهو لڳڻو هو. انجو انتظام ڪندڙ شاهه آهي. مون هن سان اول به ڳالهه ڪئي هئي ته ان ميلي ۾ ادبي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي روايت به قائم ڪئي وڃي. ميلا ملاکڙا سنڌي سڀيتا جو حصو آهن. ادب پڻ سڀيتا جو حصو آهي. مون هتي جي سنڌي ادبي سنگت وارن سان به ان باري ۾ ڳالهايو هو. هو ميلي جي انتظام ڪندڙن جي سهڪار سان اهڙي ڪانفرنس لاءِ تيار هئا. شاهه پاڻ به روشن خيال شاعر آهي. هنکي منهنجي تجويز پسند آئي هئي. هونئر ٻڌايو مانس ته سنڌي ادبي سنگت وارا ان سلسلي ۾ توهان سان ملڻ ايندا. هن پوري دلچسپي ڏيکاري ۽ فراخدليءَ سان چيو ته اسين ”ميلي ۾ راڳ جي محفل واسطي اسٽيج ۽ پنڊال ٺاهيندا آهيون، جتي ماڻهن جي وهڻ جو جوڳو بندوبست هوندو آهي. اهو ئي

ڌن ڪلاڪن لاءِ ادبي ڪانفرنس واسطي هنن جي حوالي ڪندا هين، باقي ڳوٺ جا ٿورڙي پاڙيسان اديب ڪين آئا آهن ۽ ادبي پروگرام پاڻ تيار ڪرڻو آهي. اهڙي ريت ان رٿا جو آخري فيصلو ڪيو ويو.

* *

پنهيان ڪجهه ڳوٺاڻا گفتگو ڪري رهيا هئا. ڏنم ته شفن به ڪن ڏئي اها پڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو:

”ڪالهه هوٽل ۾ ٽي-ويءَ جو سنڌي پروگرام ڏٺم. مائي ڀاڳيءَ راڳ ڳايو، اقبال جوڳيءَ مرليون وڄايون ۽ خميسي خان بينن تي لهرا ڏنا. ڏاڍو مزو آيو. دل پئي چوي ته سڄي رات اهو پروگرام هلندو رهي.“

”مون به اهو ڏٺو هو. مونکي به ڏاڍو مزو آيو. مون ٽيو ڏينهن وارو سنڌي ناٽڪ به ڏٺو هو. اهو به ڏاڍو وڻيو هوم. منهنجي ته دل چاهيندي آهي سنڌي فلمون ڏين جو ٽي ڪلاڪ ساندهه سنڌي فلم پيا ڏسون. پاڻ ته سنڌي آهيون، اسانکي جو مزو سنڌي پروگرام ڏيندو سو بيو ٿورو ئي ڏيندو. سان ته وڏيري جي اوطاق تي پهلي آهيان. اتي اڌ رات تائين پئي ٽي-وي هلندي آهي. پر سنڌي پروگرام رکيو ويهه پنجويهه منٽ ڏين، باقي اردو ۽ انگريزي پروگرام ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيو هلي.“

”ها ادا، ماحول جو اهڙو آهي.“

”ادا، ماحول جي ڳالهه ته ڪرين ته جڏهن سنڌي وڏيرن جي بادشاهي هئي تڏهن به سنڌيءَ جو ٽي-ويءَ تي

پروگرام اهڙو ئي هوندو هو."

"اهي سنڌي وڏيرا به پنهنجي ڪرسي بچائڻ خاطر هنن جا محتاج هئا ۽ انهن ڪان ڊڄندا هئا."

"شهرن ۾ گوڙ گهمسان ڪري ڪرسيءَ تان لاٿن به انهن. اسان جن وڏيرن کي ووٽ ڏئي ڪامياب بنايو، انهن به ڀوتو ڪونه ڀاريو. پنهنجي ٻوليءَ لاءِ اهڙو به ڪري ڪونه سگهيا ۽ اسين پنهنجا ناٽڪ ۽ پنهنجا راڳ ڏسڻ ٻڌڻ کان سگهندا رهون ٿا. اسانجي ئي ڌرتيءَ تي اسانجي ٻوليءَ کي نه ئو ليکيو وڃي. ڇاڪاڻ ته شهرين جو وڏو ڪو زور آهي."

"اهي ڪي اسان کان وڌيڪ دلير ڪونه آهن. پر هنن جي پاڻ ۾ ٻڌي آهي ۽ هڪ هنڌ گڏيل رهن ٿا ۽ هڪدم هجوم ٺاهي نڪري پون ٿا. اسان ۾ به جي ٻڌي هجي ۽ اسانجو ڪو سونهون هجي ته اسين پنهنجا حق حاصل ڪري سگهون ٿا."

* *

ٿورو پريرو هڪڙي ڪاليجيءَ کي ڏٺم. هن کان پڇيم:
"پنهنجن سائين سان جيل ۾ ملي آئين؟"

"ها سائين، ڪالهه ئي ويو هوس. هنن جا حوصلا بلند آهن. هنن کي اڳئين هفتي جيل ۾ ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي وئي آهي. هنن ڇيو ته اسانکي سزا جي پرواهه ناهي. هيءَ ته معمولي شيءِ آهي. ديس خاطر آئرلنڊ جي بابي سئنڊس بک هڙتال ڪري سر ڏنو آهي."

”بابي سئنڊس ڪير آهي؟“ ڪنهن وچ ۾ پڇيو.

”ٽي صديون اڳ انگريزن پنهنجي پاڙيسري ملڪ آئرلنڊ تي قبضو ڪري انکي غلام بنايو. اتي انگريز زميندارن کي زمينون ڏنيون ويون ۽ انگريزن جي وڏي تعداد کي اتي آئي آباد ڪيو ويو. انگريز آبادڪارن جي آمد جاري رهي. ١٩٢٠ع ۾ آئرلنڊ وارن آزاديءَ جي جنگ لڙي پنهنجو ملڪ انگريزن کان آزاد ڪرايو. پيو تہ سڄو ملڪ آزاد ٿي ويو پر انجي هڪڙي صوبي اتر آئرلنڊ تي انگريز پنهنجو قبضو جاري رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. انجو سبب اهو هو جو ان صوبي ۾، آدمشماريءَ ۾ اتي جي اصلي رهاڪين کان انگريز گهڻائي ۾ آباد ٿي ويئا هئا. هاڻي اتر آئرلنڊ جا اصلي رهاڪو پنهنجو هي صوبو انگريزن کان آزاد ڪرائڻ واسطي گوريلا جنگ لڙي رهيا آهن. بابي سئنڊس اتر آئرلنڊ جو گوريلا اڳواڻ هو. هنکي گرفتار ڪري جيل ۾ رکيو ويو هو. جيل اندر هن مرڻ تائين بک هڙتال انکري ڪئي هئي تہ گوريلن کي سياسي قيدي ليکيو وڃي ۽ نہ اخلاقي ڏوهاري. هنجو اهو مطالبو نہ مڃيو ويو ۽ هو مرندو مري ويو پر ماني نہ کاڌائين.“ ڪاليجيءَ ٻڌايو.

”سائين اهو گوريلو ڪير ٿيندو آهي؟“ هڪ هاري سوال ڪيو.

”گوريلو سياسي ڌاڙيل ٿيندو آهي. رواجي ڌاڙيل دولت ڦرڻ لاءِ وڙهندو آهي ۽ دولتمندن کي ڦريندو آهي، گوريلو ديس خاطر وڙهندو آهي ۽ ديس جي دشمنن کي ماريندو آهي.“

ڪاليجيءَ ورائيو.

پريان هڪڙو نوجوان ويٺو هو. هن جي هٿ ۾ اخبار هئي. هن رڙ ڪري چيو: ”اچوڪي هلال پاڪستان اخبار ۾ انٽر نئشنل رائونڊ اپ جي سري سان، بابي سئنڊس جي باري ۾ هڪڙو مضمون ڇپيو آهي، مان اهو زور سان پڙهان ٿو، مهرباني ڪري غور سان ٻڌجو.“

هن جي آسپاس ويٺل ماڻهو هن ڏي متوجهه ٿي ويا. هن پڙهڻ شروع ڪيو: ”آئر آئرانڊ جو ڪونٽر بابي سئنڊس، چاهڻ، ڏينهن جي بک هڙتال ڪان پوءِ جيل ۾ مري ويو. اها خبر هئي جيڪا ريڊيو تان ٻڌائي وئي.“

جيڪڏهن لاڳيتي ويڙهاند ۽ آزاديءَ کي حاصل ڪرڻ جو جتاءُ پريو عمل جاري رهندڙ آهي ته، پوءِ ريڊيو وارن بابي سئنڊس جي موت جي ڳالهه ڪري ڪوڙ هنيو آهي، ڌرتيءَ جي ڪنهن ٻه حصي تي بابي سئنڊس جي موت ڪان پوءِ ظلم خلاف جيڪڏهن صدائن جا پڙاڏا بند ٿي ويا هجن ها ته پوءِ اها خبر سچي هئي ۽ ميڻ ۾ اچڻ جهڙي هئي ته واقعي بابي سئنڊس مري چڪو آهي. بابي سئنڊس جيڪڏهن سمجهي ها ته سندس مرڻ ڪان پوءِ آزادي لاءِ وڙهندڙ قوتون ٻه فنا ٿي ويندبون ته پوءِ هو نه مري ها. پر هن کي پڪ هئي ته سندس موت، انسان جي گڏيل بقا، آزادي ۽ سلامتيءَ لاءِ نهايت ضروري قرباني آهي، ۽ اها هن بنا ڪنهن هٻڪ جي ڪايل دل سان پيش ڪري ڇڏي ۽ دنيا ۾ سچ جو ڳاٽ وري اوچو ٿي ويو.

ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي تہ هر اها شيء جيڪا سچ آهي، سا ئي سونهن آهي. سچ، سونهن آهي ۽ آزاديءَ کان وڌيڪ دنيا جي تختي تي ٻي ڪا بہ سونهن ڪانهي. پر ان سچ ۽ سونهن کي حاصل ڪرڻ جي راهہ ۾ بدصورتي ۽ ازلي ڪوجهائپ جا راڪاس رنڊڪ آهن. آزاديءَ کي ڳڙڪائي ويندڙ بلائون ئي آهن، جن وٽ سگهہ بہ وحشي آهي ۽ ان جو استعمال بہ وحشيائو آهي. ان وحشيپڻي جو شڪار، دنيا جي اڪين اڳيان بابي سئنڌ تي ٿيو.

پر اهو تاريخي عمل آهي ۽ زندگيءَ جي سونهن کي بقا ۽ جلا بخشڻ لاءِ نهايت ضروري بہ، ڇاڪاڻ تہ جيوت، جيڪڏهن پنهنجي سونهن مان ڪو حصو قربان نہ ڪندي، ۽ ڊرنيءَ تان قرباني ڏيڻ وارن جو ڪال ٿي ويو، تہ پوءِ هيءَ دنيا، مصلحتن، نڱين، مڪر، ڏاڍ مڙسي، منافقي ۽ حرامخوريءَ جو جهنم بنجي ويندي. ان ڪري اهڙي قرباني ڏيڻ جو فلسفو ڏاڍو ڳهرو آهي، بظاهر ڏاڍو اٽانگو، پر نهايت لازم ۽ ان کي سڌ ڏيڻ وارن جو شل ڪال نہ پوي.

بابي سئنڌ جي موت کان پوءِ ماڻهن جي اک پٽجي وئي. بظاهر جمهوريت جي ڏيک ڏيندڙ معاشري ۾ ماڻهن جي چونڊيل عيوضيءَ جو هن ريت مري وڃڻ، ماڻهن جي اک پٽائڻ لاءِ ڪافي ثابتي آهي."

* *

شفن کي پنيان کو پنهنجو واقفڪار نظر آيو، سو اٿي هن سان ملڻ ويو. موٽيو ته ٻڌايائين ته هڪ همراه کي ڏاڍو مناسب گفتو چوندي ٻڌم. هو چئي رهيو هو ته اسان کي پنهنجن گيتن جون لشڪري ڌُنون ڳاهڻ کپن، جڻن ٻڌڻ سان اسان ۾ قومي جذبو ۽ اتساهه ايري ۽ جوش پيڙڪو کائي اٿي.

* *

هن وقت سيني جو ڌيان شاميانـي جي در ڏانهن ڇڪجي ويو. سڀ ڪنڌ ورائي اڏانهن نهارڻ لڳا. شاگرد ۽ شاگرديائيون اندر گهڙي رهيون هيون. اٺ ڏهه کن ڇوڪرا هئا ۽ اٺ ڏهه کن ڇوڪريون. ڇوڪرن کي ڪلهن تي اجرڪ هئا ۽ ڇوڪرين جون پوتيون اجرڪ جون هيون. انهن سان گهڻن مون کي سجاتو ٿـي. سڀ مون سان ڏاڍي سڪ ۽ عقيدتمنديءَ سان مليا. ڇوڪريون ڏسي گهڻن ٻهراڙيءَ وارن جا وات ڦاٽي ويا هئا.... ڀهڙيون سهڻيون، صحتمند، سگهاريون ۽ بيباڪ ڇوڪريون. نه هنن جي چرپر ۾ چلو لاٿي هئي، نه لباس ۾ ٽرڙائپ. نه سرخي پائوڊر سان سينگار ۽ نه ڳالهائڻ ۾ هلڪڙائپ. هنن جا پُر وقار گنڀير مرڪندڙ چهرا ڏسي هنن لاءِ ڪشش ڪندڙ عزت جو جذبو ٿي پيدا ٿيو.

ڇوڪريون گهر ڏانهن هليون ويون ۽ ڇوڪرا ٽڙي پکڙي جدا جدا هنڌن تي وڃي ويٺا. ڪجهه وقت کان پوءِ هنن کي ٻيـر وارن سان ڪچهريءَ ۾ مشغول ڏٺو ويو. اهو

معلوم ڪرڻ لاءِ تہ هو ڪهڙي قسم جون ڳالهيون ڪن ٿا، شفن اٿي وڃي ٻن ٽن اهڙن ڇوڪرن جي پرسان ويٺو. موٽي اچي ٻڌايائين تہ ڇوڪرا ڏاڍي سولي، اثرائتي ۽ پياري نموني ۾ ڳوٺائن ڪي سندن ٻنگتي ۽ راڄنيتي حقن جو احساس ڏياري رهيا آهن ۽ هنن جي معاشي مشڪلان جو اصل ڪارڻ سمجهائي رهيا آهن ۽ انهن تي قابو پائڻ ۽ حقن حاصل ڪرڻ لاءِ عملي تدبيرن جو خاڪو بہ ذهن نشين ڪري رهيا آهن. پڇاڙيءَ ۾ چيائين:

”ٻهراڙيءَ جي عام رهاڪوءَ ۾ هيءَ تبديلي پڌري آهي تہ هاڻي هو ڪتن ۽ ڪڪڙن جي ويڙهين ۽ گناهہ ثواب جي ڳالهين بدران سياسي بحث ڪن ٿا ۽ پنهنجي سماجي ۽ اقتصادي حقن حاصل ڪرڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا. هو مُلي ۽ وڏيري ڪان وڌيڪ قومي ڳالهيون ڪندڙ شاگرد کي اهميت ڏين ٿا، پيرن فقيرن ڪان وڌيڪ سياسي اڳواڻن جي پچار ڪن ٿا.“

خبر پئي تہ شاگردن جي ان ٽوليءَ کي ڪوٺ ڏيڻ ۽ هني آڻڻ جي ڪارگذاري منهنجي ان ڀائٽي جي هئي جو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو آهي.

* *

يارهين ڏاري ڪهوٽ کي ٿلهي تي آندو ويو. ڪهوٽ پيءُ، ڪنوار پيءُ ۽ نڪاح پڙهڻ وارو ملو بہ اتي اچي ويٺا.

شفن چيو ”چو ڪهوٽ کي موڙ ٻڌل ڪونهن؟“

منهنجو بہ ان طرف ڌيان ڇڪيو. مون چيو ”اسانجي

خاندان ۾ اها رسم ڪانهي."

"ان ۾ ڇاهي، اها ته هڪ بيضرر شيءِ آهي ۽ هن ميڙ ۾ اڻواقف به سمجهي وڃي ها ته گهوٽ ڪهڙو آهي."

شفق چيو.

مون پاڻ سوچيو ته موڙ ٻڌڻ ۾ ڪهڙي قباحت هئي يا ان ۾ مذهبي منع ڇو ٿي ٿي سگهي جو اسانجي وڏن ان دستوري رسم کي نظرانداز ڪيو هو. اها ته واقعي ٿي گهوٽ جي سجاڳپ لاءِ ضروري رسم آهي. تنهن ڪانسواءِ اسانجي شاديءَ جي گهڻن لاڏن ۽ سهرن جو مرڪزي موضوع موڙ ئي آهي.

مون چيو "گهوٽ کي ڪو هار ئي اچي پارائي ته به گهوٽ جي نشاندهي ٿي وڃي."

مون ايتر: چئي بس ڪيو ته هڪڙي همراهه گهوٽ جي ڳچيءَ ۾ نوٽن جو هار اچي پاتو. پوءِ هارن جي بارش شروع ٿي وئي. مونکي نئين ڳالهه اها نظر آئي ته هرڪنهن نوٽن جو هار آندو هو. اڳي ڳوٺن ۾ ۽ شهرن ۾ اڃا تائين گهوٽ کي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نوٽن جو هار پارائيندو آهي. گهڻو ڪري تازن گلن يا زري ۽ ڪاغذ جي گلن جا هار پارايا ويندا آهن.

نوٽن جي هارن ٺاهڻ تي ڪافي محنت ڪئي وئي هئي. نوٽن کي موڙي ۽ نوٽن تي ڇپيل تصويرن جو سهارو وٺي وڻندڙ ڊزائينون پيدا ڪيون ويون هيون. شاهه ٻڌايو ته ڀاراڙيءَ ۾ نوٽن جا هار پارائڻ جو رواج هاڻي عام ٿي ويو

آهي: مون ان تي ڪجهه تبصرو ڪرڻ لاءِ سوچيو. دل ڏي دل ۾ چيم: علامتي طرح اهو سچ ڪي وڏيڪ ويجهو آهي. اسانجي سماج ۾ جتي نہ عورت ڪمائيندڙ نہ تي ٿئي تنهنڪري شادي گلن جي هار بدران گلي جو اقتصادي ڦندو آهي. ائين تہ هيءَ ڪنوار ڪاليج پڙهي رهي آهي، خبر ناهي اسانجي خاندان ۾ چوڪرين کي ملازمت ڪرائڻ جي نئين روايت شروع ڪئي ويندي يا نہ؟

ان دوران ملو رجسٽر ڪڍي پنهنجي ڪارروائي پوري ڪندو رهيو.

منهنجو هڪ پاڻيجو پنهنجي ڪئميرا سان جدا جدا هنڌن تان ۽ خاص ڪري ٿلهي تي گهوٽ ۽ ڀين ويٺلن جا فوٽا ڪڍي رهيو هو. نڪاح پڙهڻ وارو ملو، جو گهوٽ جي پرسان ويٺو هو ۽ جو سامي مولويءَ جو پڳ مٽ دوست ۽ هم خيال ۽ هاڻي هنجو مريد آهي، سو ڪئميرا جي سامهون تيڻ وقت منهن ۾ سونڊ يا گهنج وجهڻ بدران مرڪيو ٿي.

ملو نڪاح پڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳو تہ ميڙ مان ڪنهن رڙ ڪئي: ”مولانا، نڪاح سنڌيءَ ۾ پڙهجو!“

ان تي مون شفن کي ٻڌائڻ شروع ڪيو: ”حيدرآباد ۾ اختر بلوچ جي نڪاح جي موقعي تي دعوتي گهڻو ڪري سنڌي اديب هئاسين. سرڪار طرفان مقرر ان پاڙي جو نڪاح خوان سڏايو ويو هو. هن جو اردوءَ ۾ نڪاح پڙهيو تہ اسانکي ڳالهہ اڻوڻندڙ لڳي. مٿي جي وڃڻ ڪافيوءَ پليجي کي چيو ويو تہ ”اختر بلوچ ۽ اردوءَ ۾ نڪاح“ اسانجو ذهن

نہ ٿو مڃي، انڪري ڪنهن ڪاٿ بہ وري سنڌيءَ ۾ پڙهايو وڃي. خير ڳالهہ ڪي چرچو سمجهي ختم ڪيو ويو. حيدرآباد ۾ جتي منهنجي اسپتال آهي، ان پاڙي جي هڪ پوڙهي ڪليمي وڪيل جي پنهنجي پٽ جي ضد تي منلس عشق واري شادي ٿي ڪرائي. ڪنوار وارا شيعا هئا ۽ وڪيل پاڻ سني هو. ڪنوار وارن شيعائي نموني نڪاح پڙهايو. پوڙهي وڪيل پنهنجي پٽ کي ڪنن کان وٺي روڪي رکيو ۽ هنڪي ڙال سان ايستائين ملڻ لاءِ نہ ڇڏيائين، جيستائين پنهنجا چاچي واپس پنهنجي گهر وٺي اچي نڪاح وري سني نموني نہ پڙهايائين."

* *

نڪاح ڪانپوءِ پتاشا ٿي ورهايا ويا تہ شاگرديائيون وري اچي سهڙيون. اسانجي ڇوڪرن اول ئي شاميانې جي هڪ حصي مان ڪرسيون هٽائي اهو خالي ڪيو هو. شاگردن وچ تي ڪنسيٽ وڇائڻو رکيو ۽ ان سان ٻہ لائوڊ اسپيڪر ڳنڍيا. پوءِ انجي چوڌاري گول چڪرو ناهي ويٺا، اهڙي ترتيب سان جو لاڳيتو ٻہ ڇوڪرا يا ٻہ ڇوڪريون نہ هيون پر هڪ ڇوڪرو تہ هڪ ڇوڪري. ڇوڪرن پنهنجي اجرڪ جو سندرو ٻڌو هو ۽ ڇوڪرين پنهنجي اجرڪ جي پوتي ڪلهي تان ورائي، ان سان ڇاتي ڍڪي ڇيلهہ وٽ انکي ڳنڍ ڏئي ڇڏي هئي.

هُو هو جمالو نچڻ لاءِ تيار ويٺا هئا. ماڻهو هنن کي حيرت سان ڏسندا، هنن جي چوڌاري اچي مڙيا هئا.

ڪئسيٽ وڄائڻ جو ٻٽڻ دٻايو ويو. اھڙو دھل وڳو، شرناءِ جو آواز اھڙو بلند ٿيو جو سيسراٽ نڪري ويو. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گنيير مرڪندڙ چھرن سان تاڙين جا ٺھڪا ڪندا نچڻ لڳا. ڪئسيٽ جو آواز بلند ٿيندو ويو:

اسان جو جمالو سنڌڙيءَ سان ....
ھو جمالو !
سائي ڌرتي سنڌ جي ....
ھو جمالو !
جاني ساٿو سنڌ جا ....
ھو جمالو !
سپاھي آھيون ديس جا ....
ھو جمالو !
سپاھيءَ جي سرمي آ ....
ھو جمالو !
آگ آھيون، آگ آھيون ....
ھو جمالو !
دشمن لاءِ آگ آھيون ....
ھو جمالو !
ھستون ھتن ۾ ....
ھو جمالو !
ڪھاڙي ڪلھي تي ....
ھو جمالو !

سپاهي آهيون ديس جا ....
هو جمالو !

ماڻهو منڊجي ويا هئا، ماڻهو سراپجي ويا هئا، ماڻهو خمارجي ويا هئا. هو انساهه ۾ نچندڙن جي تاڙين سان گڏ بيتحاشو تاڙيون وڄائيندا رهيا.

* *

هڪ بجي ڏاري ڪاڏو ڪارائڻ شروع ڪيو ويو. ماني ڪائي ٻاهرين مهمانن موڪلائڻ شروع ڪيو. ڪجھ ماڻهن ڇهو هي مناسب وقت رکيو ويو آهي. عام طرح ٻهراڙيءَ ۾ رات جو نڪاح وغيره جو پروگرام رکندا آهن. ان ۾ رسمن پوري ڪندي رات لڙيو وڃي ۽ ٻاهرين مهمانن جي رهائش ۽ هنڌ بستري وغيره جو ڪيو ڪرڻو پوي. اڄ جمعي جو موڪل جو ڏينهن آهي. پرين شهرن وارا به صبح جو اٿان هليا ته هتي مهل تي پهچي ويا ۽ هاڻي واپس گهر پهچي سگهندا.

شفن حيدرآباد ۾ ڇهو هو ته موٽندڙن ۾ سان ٻهريون شخص هوندس. ڪوڙ مهمان هليا ويا ۽ سانيءَ ڪان واندو ٿيندي هن کي ڪجھ مهل ٿي وئي هئي، پر اڃا هن وڃڻ جو خيال نه ٿي ڏيکاريو. جڏهن مون هن کي هدايو ته شام جو مون کي پنهنجو پروگرام آهي، جڏهن به سان هتي ايندو آهيان ته هتي جي سنڌي ادبي سنگت وارا ڪچهري رکندا آهن، اڄ به اها ڪچهري رکي اٿن، ان ۾ شعر ۽ ڪهاڻيون پڙهيون وينديون ۽ ادب تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي. ان

تي ڇپائين نه مان هتي اچا ڏينهن اڏ رهڻ ٿو چاهيان. ادبي سنگت جي ڪچهريءَ ۾ بہ هلي شامل ٿيندس . پوءِ هو ڪلهي پيو:

”منهنجي گهر جو ماحول ڌاريو آهي. اتي جمي اٿي وهٺي، رهڻي ڪرڻي، ڳالهائڻ ٻولائڻ سڀ ڌاريو آهي، پوءِ ڪٿي منهنجو پنهنجو رت ڇو نہ هجي، مان وچايل هستي آهيان. هتي مان ائين ٿو محسوس ڪريان ڄڻ پنهنجي ماحول ۾ موٽي آيو آهيان. ڪراچيءَ ۾ منهنجي گهر جو ماحول غير فطري آهي. غير فطري ان خيال کان تہ سنڌ جي سرزمين تي هر غير سنڌي ماحول غير فطري لڳي ٿو.“

٢٣ سيپٽمبر ١٩٧٥ع

سمنڊ تي پڪاري

هي سمنڊ،
هي سنڌي سمنڊ،
سنڌ جو اصل ڪان ساٿي،
سنڌ جي ڌرتيءَ جو
هم عمر، هم عصر،
سنڌ جي ڌرتيءَ کان
ڪڏهن نه جدا ٿيندڙ.
آهي ان سان
اسان سنڌين جو
ويجهو واسطو،
دائمي ناتو.
سنڌو سڪائي مڪهجي تو،
سمنڊ سڪائي ڪير!

* *

ڪراچيءَ ۾ ڪلفٽن وٽ، سمنڊ جي ڪناري وارين پٽ
مٿان ويهي، هو مٺيون گيت ڳائي رهيو هو. هڪڙي مشهور
فلم ائڪٽر پڌي آڏوانيءَ جو ريڊيٽي تي هتل انٽرويو ٻاد

اچي ويو. هن چيو هو ته چاليهه سال اڳ، جڏهن هُو سنڌ ڇڏي، فلمن ۾ ڪم ڪرڻ خاطر بمبيءِ آيو هو، تڏهن هنکي سنڌي ڳالهائڻ ۽ سنڌين سان گڏجڻ جي اهڙي ياد لڳندي هئي، جو هو سمنڊ جي ڪناري، اپالو بندر، وٽ وڃي، ماڻهن جي ميڙ ۾ سان بيهي رڙيون ڪري چوندو هو:
”توهان ۾ ڪو سنڌي آهي؟“

اڄ هنکي به ڪراچيءَ ۾ اوستا محسوس ٿيو هو. هو ساموندي سڪيا جي ڪاليج ۾ داخلا ملڻ يا نه ملڻ بابت خبر چار لهڻ ويو هو. اتي خبر پئي هئس ته ڪيس داخلا ڪانه ملي آهي. ان ڪانپوءِ هو ٽرام تي چڙهيو، بس ۾ ويٺو رڪشا تي سوار ٿيو، دڪانن ۾ ويو، هوٽل ۾ ڪاڏو ڪاڏائين، فلم ڏٺائين، پر ڪٿي به هنکي سنڌي ڳالهائڻ وارو ڪونه مليو.

هاڻي سانجهي ٿي هئي ۽ هو سمنڊ جي ڪناري اچي ويٺو هو ۽ زور زور سان ڳائڻ لڳو ته شايد ڪو سنڌي، سنڌي راڳ ٻڌي، ساڻس اچي ڳالهائي ۽ هو هن کي پنهنجون دل جون ڳالهيون ٻڌائي، دل جو بار هلڪو ڪري.

سامهون اٿاهه سمنڊ هو، جنهن تي جهاز هلائڻ، جنهن تي سفر ڪرڻ، جنهن سان مقابلو ڪرڻ، جتي جاکوڙ ڪرڻ، جتي جون نيون ۽ عجيب دنيائون ڏسڻ لاءِ هن ڪجهه عرصي کان آرزو ڪئي هئي.

هو لطيف سائينءَ جا ٽي سر: سريراڳ، ساموندي ۽ گهاتو، ڏاڍي شوق سان پڙهندو هو. اهي ٽيئي سر سمنڊ جي باري ۾ آهن. انهن ۾ سنڌين جي سمنڊ سان سنبنڌ جي

نهايت چٽي تصوير چٽيل آهي. هن کي انهن شعرن مان معلوم ٿيو هو ته: جڏهن سنڌين جو پنهنجي ڌرتيءَ ۾ ساهه هوندو آهي، تڏهن هو سمنڊ جي ٻه اصل پوڄا ڪندا هئا. ناکئا، ملاح، مهاڻا، گهاتو، رهبر، سونهان، سکاڻي، ڪشتيبان ٻيڙياتا، ٽوبا ۽ ونجارا، سمنڊ ۽ ساموندي جهازن جا سنڌي ڪردار هئا. سمنڊ هنن جي حياتيءَ جو مکيه حصو هو. غريباڻا غراب، جنگ جهاج، نيهه، مکڙيون، دنگيون، ترازو، چتر، وڏاندريون، پاڪڙيون ۽ هوڙاڪ جدا جدا قسمن جا جهاز ۽ ٻيڙيون هيون جي سنڌي، سمنڊ تي هلائيندا هئا. هو پاڻ ئي ٻيڙيون ناهيندا هئا. پراڻين ٻيڙين جي مرمت ڪندا هئا، ٽنگ بند ڪندا هئا، تيل جو مک ڏيندا هئا، صابڻ سان سڙهه ڌوئي صاف ڪندا هئا. هنن وٽ دوربينيون هيون، جن سان سمنڊ تي پري پري جون حالتون ڏسندا ۽ چڪاسيندا هئا. هو پاڻ سان ترها کڻندا هئا.

سنڌي سڀيون سڀيون راتيون جاڳي، ٻيڙيون هاڪاريندا هئا. سنڌي لڙ، لهرين، لمي، ليٽ، بي انت آب، وير، سير ڪارونيار ڪنن، درياهي چورن، غير سنڌين، مينهن ۽ طوفان سان مڙساڻا مقابلا ڪري، سمنڊ پار پهچندا هئا. سنڌي ٽوبا سمنڊ جي اونهاين مان موتي، ماڻڪ، سپون، لال، جواهر ڪڍي ايندا هئا. هو منهن ڦي ڪاٽي جو ٻوٿاڙو چاڙهي، سمنڊ جي گهراين ۾ پهچي ويندا هئا. سنڌي، سمنڊ آڪري ڏيساور ۾ وڃي واپار ڪندا هئا. هو جهازن ۽ ٻيڙين ۾ موتي ماڻڪ، لال، جواهر، سپون، لونگ، ڦوٽا، ڪپهه، ڪپڙو

۽ اناج کڻي وڃي واپار ڪندا هئا. سنڌي سونهان، سمنڊ جي حالتن ۽ موسم جو ڀلي ڀت سماءُ رکندا هئا ۽ هوا جي رخ مطابق سفر تي اسهندا هئا. سنڌي پور بندر، عدن ۽ لنڪا جي بندرن ڏانهن ويندا هئا ۽ اهڙي طرح ڪاٺياواڙ، لنڪا ۽ عربستان سان واپار ڪندا هئا.

ساموندين جي ڪري بندرن ۽ بازارين ۾ رونق رهندي هئي. سنڌي ونجارا پنهنجيون نيون پرٺيل ڪنوارون ڇڏي ۾ واپار سانگي ڏيساور ويندا هئا. هو پنهنجا گهر ٻار ڇڏي ويندا هئا. پوئيان هنن جون پياريون وڇوڙي ۾ ورلاپ ڪنديون هيون، جهرنديون ۽ جهرنديون هيون. بعضي بعضي سنڌي ساموندي، سمنڊ تي طوفان يا ٻين حادثن ڪري موت جو ٻڪ ٿي ويندا هئا ۽ ڪڏهن نه موٽندا هئا. اهڙي قسم جا وهم سنڌن زالن کي سدائين پيا وڏ وجهندا هئا. هو سمنڊ تي وڃي پنهنجن مڙسن ۽ پيارن جي سلامتيءَ لاءِ سمنڊ جي پوڄا ڪنديون هيون، سوين سکائون باسينديون هيون.

سنڌي ساموندي، دنيا جي ٻين ڪنڊن تائين سفر ڪندا هئا. هو ڪنڊ ڪيڙائو هئا. هو طوفانن سان مقابلو ڪري، سمنڊ جهاڳي، ملڪ ملڪ ۾ وڃي سنڌ جو نالو مشهور ۽ مانُ مٿيرو ڪندا هئا. اهڙي طرح ٻاهرين ملڪن مان پنهنجا ٻيڙا ۽ جهاز، سامان سان ڀرائي، سنڌ ۾ کڻي ايندا هئا. سنڌي ساموندين کي سمنڊ تي وڃڻ جو ايڏو شوق هوندو هو، جو سوين خطرا کڻي، جان جوکن ۾ وجهي، پنهنجن پيارن جو

وڇوڙو سهي، پنهنجن ٻارن ٻچن جي ورلاپن کي نظر انداز ڪري ٻه سمنڊ جي سفر تي اسهندا هئا. هو هڪڙو سفر ڪري موٽندا هئا ته ايستائين آرام نه ايندو هون، جيستائين وري ٻئي سفر تي نه اسهن.

ڪراچيءَ جو ڪئن ڏاڍو خطرناڪ هوندو هو. پر سنڌي گهانو يا مڇيون مارينڙ، ان قهري ڪئن ۾ به گهڙي، مڇين جو شڪار ڪندا هئا. هڪ لڳا، ان ڪئن ۾ مورڙي جي ڀائرن کي هڪ مانگر مڇ ڳڙڪائي ويو. ان تي، مورڙي اڪيلي سر ان خطرناڪ واڳونءَ سان وڃي مقابلو ڪيو ۽ ان کي ماريائين. اهي هڪ سنڌيءَ جي همت ۽ هوشياريءَ جو بيمثال ڪارنامو آهي.

هو اڪثر لطيف سائينءَ جي مٿين سرن جا بيت جهونگاريندو رهندو هو.

الطاف شيخ جي سفرنامن پڻ هن ۾ سامونڊي سڪيا لاءِ اتساهه وڌايو هو. هن اهي ملڪ، بيٽ ۽ هنڌ ماڳ ياد ڪري ڇڏيا هئا، جتي جتي الطاف کي سنڌي مليا هئا. هن پاڻ پنهنجي اکين سان ڏسڻ ٿي چاهيو ته سنڌي سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جو آواز دنيا جي هر ڪنڊ ۾ گونجندو رهي ٿو. اهڙي طرح هو دنيا جي سامونڊي ادب جا ڪتاب پڙهندو رهيو، انهي لاءِ ته هن کي بحري حياتيءَ جي چڱي چوکي واقفيت حاصل ٿي وڃي. هڪ روسي ناول "سمنڊ ٿو سڏي" Sea Beckons ته ڏاڍو وڻيس. هو سارو وقت ناول جي مکيه ڪردار ڪپتان گراچوف سان ريس

ڪندو رهيو. اچا به ائين چوڻ صحيح ٿيندو ته هو پاڻ کي ڪپتان گراچوف سمجهندو رهيو. هن جي اها تمنا رهي ته هو به اهڙي ئي جهاز جو ڪپتان يا انجنير هجي، جنهن ۾ اهڙن ئي طوفانن، تڪليفن، اندازين ۽ آفتن سان سامهون ٿئي، ۽ نيٺ پنهنجي حوصلي ۽ هوشياري، مردانگي ۽ مڙسپڻي کان ڪم وٺي، انهن مصيبتن مان جهاز کي پار پهچائي وڃي. هن هيمنگوي جو ناول "پوڙهو ۽ سمنڊ" پڻ پڙهيو هو ۽ اهو پڙهي، ان پوڙهي وانگر، هن زندگيءَ جي سمنڊ ۾ طوفانن سان لاڳيتو مقابلو ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو هو.

* *

هن پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ خاطر ڏينهن رات دل لائي محنت ڪئي. هو مئٽرڪ ۾ فرسٽ ڊويزن ۾ يو هو ۽ انٽر سائنس ۾ نه رڳو فرسٽ ڊويزن ۾ آيو، پر پهرين نمبر پڻ ڪتيائين. هو شڪل جو ٺاهوڪو، قداور ۽ صحتمند هو. پر تڏهن به باقاعدگيءَ سان ورزش ڪندو رهيو جئين هنجو جسم ۽ جسماني صحت قائم رهي ۽ هنکي رڳو صحت جي بنياد تي سامونڊي سڪيا جي ڪاليج ۾ داخلا ڏيڻ کان انڪار نه ڪيو وڃي. انهيءَ خيال کان هو ترڻ به سکيو ۽ ترڻ جي مشق به ڪندو رهيو. هنکي خبر هئي ته انهيءَ ڪاليج ۾ سکيا وٺندڙن لاءِ تارو هجڻ ضروري آهي.

* *

نيٺ وقت اچي پهتو. ان ڪاليج ۾ داخلا واسطي درخواستون گهرايون ويون. هن درخواست موڪلي. پهرين

Soorih Mirani

لکيت ۾ امتحان ورتو ويو. سنڌ مان ان ۾ پنجاهه اميد وار ويٺا. جڏهن نتيجو ظاهر ٿيو ته اٺ ڄڻا پاس ٿيا. انهن اٺن ۾ هي به هو. ان کانپوءِ ڊاڪٽرن جو بورڊ ويٺو. انهن، هنن اٺن اميدوارن جي چڪاس ڪري، فقط ٽن کي جسماني طرح فِٽ ٺهرايو. انهن ٽن ۾ هُو به هو. هنکي ان تي به اچرج لڳو ته سڀ ڏٺا مٺا ۽ تندرست توانا ۽ نوخيز نوجوان هئا، پوءِ به رڳو ٽن کي صحتمند قرار ڏنو ويو. ڇا به هو، هنکي ڪاميابيءَ جي ڪناري تي پهچڻ جي هاڻي پوري پڪ هئي. باقي انٽرويو جو ڏاڪو رهيل هو. هن سوچيو ته هو انٽر سائنس جي امتحان ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ آيو آهي ۽ باقي ٻه ٻيا سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيا هئا. انڪري رڳو هڪڙو ڪنهن ته به هو کڻجي ويندو. اها خاطري سمجهي، هو پنهنجي آئيندي کي سمنڊ سان ڳنڍي، هوائي قلعا اڏڻ لڳو. اڄ نتيجو ظاهر ٿيو هو. هن ڪامياب شاگردن جي لسٽ ور ور ڪري پڙهي پر پنهنجو نالو نظر ڪونه آيس. هنجا بنايل هوائي قلعا ڊهي، پٽ تي اچي پيا. هن جي اندر ۾ غم ۽ غصي جون ويرون چڙهيون .... اسانکي اسانجي ئي سمنڊ کان پري رکيو ٿو وڃي. ايتري بي انصافي !.... هو دل ئي دل ۾ دهرائيندو، هتي سمنڊ جي ڪناري تي اچي ويٺو هو. سمنڊ ڏي نهاري وري دل ۾ چوي ٿو.. .. بي انصافي ان سان ٿيندي آهي جو ڪمزور، بي عمل ۽ زندگيءَ کان خالي هوندو آهي. اسان ۾ سمنڊ جهڙي ساندهه چر پر، جوش ۽ اپار هجڻ گهرجي....

وري هو ڳائڻ لڳي ٿو:
لڏي ۽ ڳجي ٿو:
بي انت آب،
ڪٿي ساهه پيو
ڇڙ انقلاب.
لهرون ۽ لوڏا،
ڇوليون ۽ ڇلڪا،
ڦوڪجڻ ۽ ڦونڊجڻ،
نچڻ ۽ ٽپڻ،
طوفان ۽ هنگاما
سدا وڌندو رهڻ اڳيان.
هيبت ۽ ڪجڪوڙ،
شور ۽ گوڙ،
ڇڙ نعرا پيو هڻي،
زور سان سڀون آلاري.
ڇُر پُر، هر وقت ڇُر پر،
ڇُر پر، هر وقت ڇرپر،
سمنڊ جا اهڃاڻ،
زندگيءَ جا اهڃاڻ،
انقلاب جا اهڃاڻ.

* *

هن جي من ۾ لاڳيتو خيالن جون لهرون اڀري رهيون آهن:
هن ساموندي ڪاليج ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي رهاڪن کي

داخل ٿيڻ جو پهريون موقعو ڏجي، ڇو ته انهن ٻنهي ٻرڪٽن جي ڪنارن تي سمنڊ آهي ۽ اتي جي رهاڪن جو سمنڊ سان دائمي ۽ نه ٽٽندڙ ناتو آهي. وري هتي جي ملاحن، مير بحرن ۽ گهاتن جي ٻارن کي خاص طرح ان ڪاليج ۾ ڪنيو وڃي ۽ هنن کي سڀ سهوليتون ڏنيون وڃن، ڇو ته هنن جي حياتي سمنڊ سان ڳنڍيل آهي ۽ هو ماهر سامونڊي، ماهر سامونڊي انجنير، ماهر جهازران ۽ سامونڊي ويڙهه جا ماهر آسانيءَ سان بڻجي سگهن ٿا ۽ هنن جو سمنڊ سان جو گهاتو ناتو آهي، اهو هنن کي سکيا وٺڻ ۾ وڏيڪ مددگار ٿيندو.

هو سوچي ٿو ته مان هاڻي نيويءَ ۾ داخلا وٺڻ جو جتن ڪندس، جي اتي ڪاميابي حاصل نه ٿي ته پوءِ ڪنهن خانگي سامونڊي جهاز ڪمپنيءَ ۾ ڪهڙي به معمولي نوڪري وٺڻ جي ڪوشش ڪندس. جي اتي به جواب مليو ته پوءِ سامونڊي بڻجڻ جي شروعات ڪرڻ خاطر مهاڻن سان مهاڻو بڻجي مڇي ماريندس ۽ سمنڊ ۾ لهرن، ويرن، ڪُنن، بارشن، واڪن، اجگرن، اونداهين ۽ طوفانن سان مقابلو ڪندس.

هو وري ڳائڻ لڳي ٿو:

ساگر ٿو ساري،
سمنڊ ٿو پڪاري:
تنهنجي ديس جي ڌرتيءَ وانگر
مان بي تنهنجو ديس،
پاتم پاڻيءَ ويس.

Soorih Mirani

ڌرتيءَ جي پيٽ جيان،
مان پڻ خزانن سان ڀرپور.
ڌارين کان ڌرتي بچائڻ،
جاڪوڙ تنهنجي جيون جي ۔
پوءِ ڪيئن سهي سگهندين
مون تي
پرماريت غيرن جي!

* *

هڪ اٺ وارو خالي اٺ ڪاهيو ٿي پيرا هڻ وڻان لنگهيو آهي. هينئر لنگهڻ وقت هن کي سنڌيءَ ۾ ڳائيندي ٻڌي بيهي رهي ٿو ۽ چوي ٿو: ”سائين اچو توهان ٿي اٺ تي چڪر ڏيو. اڄ ته هڪڙو گراهڪ به ڪونه مليو اٿم.“

سنڌي آواز ٻڌي هنجو چهرو ائين چمڪي ٿو جئن منجهند جي وقت سج جي ڪرڻن ۾ سمنڊ جي لهرن جون چوٽيون چمڪنديون آهن. هن کي پاڻ سان گڏ پيت مٿان وهاري چوي ٿو: ”ويهه ته چانهه به پيون ۽ ڪچهري به ڪريون . جيترو وقت اٺ تي گهمائيندين اوترو وقت مون سان ڳالهيون ڪر، پوءِ پاڙي جيترا پيسا مون کان وٺجان. مان اٺ تي گهٽو ئي چڙهندو آهيان. منهنجو ڳوٺ ادڙي هنڌ تي آهي، جتي رستو ئي ڪونهي ۽ اٺ ذريعي ويندو آهيان.“

پوڙهو اٺ وارو، جو ٽڪل آهي، سو خوشيءَ سان اها آڇ قبول ڪري ٿو. هو شاگرد کي ٻڌائي ٿو ته هو مهاڻو

Soorih Mirani

آهي پر پيرسنيءَ ڪري هينئر مڇي مارڻ جو ڪم ڪري نہ ٿو سگهي، انڪري هتي ماڻهن کي ان ٿي گهمائي پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي پيٽ پالڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

شاگرد سارو وقت هن ڪان سمنڊ جي باري ۾ سوال پڇي ٿو ۽ اها به معلومات حاصل ڪري ٿو ته هو مهاڻن جي ڪنهن ٽولي سان مڇي مارڻ جي ڏنڊي ڪرڻ لاءِ ڪهڙي طرح شامل ٿي سگهي ٿو؟

۲۴- مارچ ۱۹۷۸ع

ڀڙاڏا

ڪاڪي ڪي اڄوڪي اخبار ۾ دلچسپيءَ جو نئون موضوع ملي ويو. هونءَ هن جي خاص توجهه جو مرڪز هونديون هيون فلسطين جي باري ۾ خبرون، جي هو ڏاڍي غور سان پڙهندو هو.... هن جي ذهن ۾ سدائين اهاڳالهه رهندي هئي ته فلسطين ۾ ڌارين ماڻهن يهودين اچي قبضو ڪيو هو ۽ انهي پنهنجو ڌاريو مذهب، ڌاريا نظريا، ۽ ڌاري ٻولي مڙهي هئائون ۽ اتي جي اصلي رهاڪن: فلسطينين، کي ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪيائون.... هاڻي فلسطيني پنهنجو وطن واپس وٺڻ واسطي جاکوڙ ڪري رهيا هئا. پرديس ۾ هوندي ۽ پناهگير ڪئمپن ۾ نوڪرون ڪائيندي، فلسطينين پنهنجي نئين نسل کي اوچي تعليم، خاص ڪري ٽيڪنالاجي ۽ سائنس جي تعليم ۽ جنگي سکيا سان مالا مال ڪيو هو. اڄ هو سرڌڙ جي بازي لڳائي، پنهنجو ملڪ يهودين کان آجو ڪرائڻ ۾ رڌل هئا. هنن جي جيڪا به جاکوڙ هوندي هئي، ڪاڪو ان جو ڏاڍي گهرائي سان اڀياس ڪندو هو. ان دوران هو پنهنجي سائيهه جي سانگيئڙن ۽ جهانگيئڙن جي پيڙيل ۽ پرماريل جيون تي به سوچيندو هو ۽ اهو به

خيال ايندو هوس ته هنن ۾ به چرپر آهي، هو پڻ جاڪوڙ ۾ جنبيل آهن.

پر ڪاڪي لاءِ اچوڪي اخبار ۾ نئين دلچسپي پيدا ڪندڙ هئا ڪن راڄنيتي اڳواڻن ۽ تعليمي ماهرن جا بيان. انهن بيانن جا ميرا پڙهڻ سان، اهي پڙاڏا ٻنجي ڪا دير هن جي ڪنن ۾ گونجندا رهيا:

هن ملڪ ۾ ڪو ڏاريو نظريو نه هلندو.
.... هن ملڪ ۾ ڪو ڏاريو نظريو نه هلندو!
.... هن ملڪ ۾ ڪو ڏاريو نظريو نه هلندو!
.... هن ملڪ ۾ ڪو ڏاريو نظريو نه هلندو!

* *

هن ملڪ ۾ ڪنهن ڏاري "ازم" لاءِ جڳهه نه آهي.
.... هن ملڪ ۾ ڪنهن ڏاري "ازم" لاءِ جڳهه نه آهي!
.... هن ملڪ ۾ ڪنهن ڏاري "ازم" لاءِ جڳهه نه آهي!
.... هن ملڪ ۾ ڪنهن ڏاري "ازم" لاءِ جڳهه نه آهي!

* *

نصاب ۾ ڏاري ٻوليءَ کي هتي جلد ختم ڪيو وڃي.
.... نصاب ۾ ڏاري ٻوليءَ کي هتي جلد ختم ڪيو وڃي!
.... نصاب ۾ ڏاري ٻوليءَ کي هتي جلد ختم ڪيو وڃي!
.... نصاب ۾ ڏاري ٻوليءَ کي هتي جلد ختم ڪيو وڃي!

* *

اندروني معاملن ۾ ڏارين جي دست اندازي برداشت نه ڪئي ويندي.

.... اندروني معاملن ۾ ڌارين جي دست اندازي برداشت نہ ڪئي ويندي!

.... اندروني معاملن ۾ ڌارين جي دست اندازي برداشت نہ ڪئي ويندي!

.... اندروني معاملن ۾ ڌارين جي دست اندازي برداشت نہ ڪئي ويندي!

* *

اھم خبرون پڙھندو ويو. پڙاڏا پيدا ٿيندا رھيا. ھن جي ذھن جي سنڌوءَ ۾ سوالن جون ڇوليون ڪٽڙ ڪنديون رھيون.... ھو ۽ ھن جي سائيھ جا ماڻھو ڀلا پيو ڇا لاءِ جاکوڙ ڪري رھيا ھئا؟

ھي ھو ڪاڪو موھن داس اوڏ، رٽائرڊ مختيارڪار.

١٧- آڪٽوبر ١٩٧٨

ابتڙايون

هي منهنجو وٽندڙ ۾ وٽندڙ وارو منڊل آهي. مان پنهنجي گهر جي لئبرريءَ واري ڪوٺيءَ ۾ ليٽيو پيو آهيان. هيءَ ڪوٺي، گهر جي اهڙي ڪنڊ ۾ آهي، جتي نه گهر جو ۽ نه ٻاهر جو گوڙ يا آواز اچي ٿو. پنهنجي شوق مطابق ڏاهوڪن ڪبٽن ۾ خوبصورت ڪتاب سهڻي نموني ترتيب ڏئي رکيا اٿم. انهن ڏي رکو نهارڻ سان ٿي منهنجا نيڻ ٺري پون ٿا. ميز بتيءَ جي ڪير جهڙي روشنيءَ ۾ مان پنهنجو هڪ دلپسند ڪتاب پڙهي رهيو آهيان. فرانسز فينن جو هي ڪتاب "The Wretched Earth"، جو الجزائر جي قومي آزاديءَ جي جنگ جي پس منظر ۾ لکيل آهي، پڙهندي مون کي بار بار خيال ايندو رهي ٿو ته هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪجي.

منهنجي ڪڪي ڪونج اچي ٿي. هن جي هٿ ۾ منهنجو ڪتاب "ناوڻي" آهي. هوءَ چوي ٿي: "بابا! توهان جي هن ڪتاب جو پنو ڪيڏو نه اوچو ۽ سنو آهي، وري چاچوا حمد توهان جا ڪتاب خاص خيال سان ڇپيندو ۽ بائينڊ ڪندو آهي. هيترا سال گذرڻ ڪان پوءِ به تازو ٿي تازو پيو آهي.

مون ته اجا هاڻي هي ڪتاب پڙهيو آهي . ڏاڍو دلچسپ آهي، هر ڳالهه دل سان لڳي ٿي، ڪجهه به منجهيل ۽ بنا دليل ناهي.“

مان هن ڪي ان ڳالهه تي ڇنڊڇاڻ ڪندو آهيان، جو ڪورس جا ڪتاب جلدي جلدي ڦاٽي پوندا اٿس. هينئر به هن ڪي هڪ ڦاٽل ڪتاب جي جڳهه تي نئون وٺڻو هو. هوءَ پيسا وٺي هلي وڃي ٿي .... مان ڪم تي وڃان ٿو ڪن گذريل گفتگوءَ جي نظارن ۾.

(١)

”هن ڪتاب جي اهڙي قيمت ڇو؟“

”مون پاڻ ڏٺو ته توهان هن ڪتاب ڪي ڏسي حيران ۽ پريشان ٿي ويا آهيو. مون اهو به ڏٺو ته توهان هر هر پٺي ان جي قيمت ڏٺي، وري وري پٺي ان جا پنا اٿلايا ۽ اڳيان پويان چڪاسيو ۽ سا ڳئي وقت دڪان جي ٻين ڪتابن ڏي پڻ نظر پٺي ڦيرائي.“

”توهان صحيح آهيو. ڳالهه ٿي حيرانگيءَ جهڙي آهي. مون ٿورو ٿي وقت اڳ هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن ورتو هو. ان جو پنو اوچو، ڇپائي بهترين ۽ جلد ۽ پوش ڏسڻ جهڙا هئا.“

”توهان صفا سچ ٿا چئو.“

”پر هن ايڊيشن ۾ جو پنو استعمال ڪيو ويو آهي، سو رديءَ ۾ ردي آهي، ان جي ڇپائي ٿرڊ ڪلاس ۽ بائينڊنگ بيڪار آهي.“

”ان ۾ ڪا شڪ جي گنجائش ڪانهي.“

”تنهن هوندي به هن ايڊيشن جي قيمت اڳئين ايڊيشن کان ھيٺي رکي ويئي آهي، جيتوڻيڪ ان جي قيمت، اڳئين جي قيمت جي اڌ کان به گهٽ هجڻ کپي ها.“

”ان ۾ به مان توهان سان ٻڪراءِ آهيان.“

”پوءِ پلا ايڏي قيمت رکڻ جو ڪارڻ.“

”هاڻي هي ڪتاب نصابي ڪتاب طور منظور ڪيو ويو آهي“

(٢)

”ٻڌو اٿم ته تنهنجو ناول ٻيو ڇپجي؟“

”ها يار، دعا ڪجانءِ.“

”تون پنهنجي خرچ تي ٻيو ڇپرائين ٿو يا ڪو ادارو ٿو ڇپرائي؟“

”مان پنهنجي هٿان ٻيو ڇپرايان.“

”هي تنهنجو پهريون ناول آهي؟“

”ها.“

”اهو به ٻڌو اٿم ته پنج هزار ڪاپيون ٻيو ڇپرائين؟“

”ها.“

”تون ته ادبي دنيا ۾ ڄاتل سڃاتل ڪونه آهين....“

”هرو ڀرو ائين نه آهي. منهنجون چار ڪهاڻيون جدا جدا رسالن ۾ ڇپيون آهن.“

”منهنجو مطلب آهي ته سنڌي ڪتاب تمام گهٽ ٿا ملن. سنڌيءَ جا مشهور، معروف ۽ مقبول ليکڪ به پنهنجا

ڪتاب هڪ هزار ڪاپين ڪان وڌيڪ ڇپرائڻ جي همت نه ساريندا آهن. انهن جي وڪري ٿيڻ ۾ به ڪافي وقت لڳندو آهي. ڪن حالتن ۾ ته سال به لڳي ويندا آهن.“

”منهنجي هن ڪتاب جي معاملي ۾ ائين نه ٿيندو. مان ان جي قيمت به پنهنجي دل گهري رکندس، ۽ ويندو به هٿون هٿ ڪپي.“

”ڪيئن پلا“

”اسڪولن جو هڪ وڏو عملدار منهنجو پڪو متيو ۽ گڏ ڪائڻ پيئڻ وارو يار آهي. هن منهنجو هي ڪتاب سڄي سنڌ جي اسڪولن واسطي انعامي طور منظور ڪري ڇڏيو آهي.“

(٣)

”واڌايون هجني، ڪرت سان پيو ڏسجين.“

”ڪرت ڪهڙي آهي، مڙئي بڪ جا چڪ آهن.“

”ڪهڙو ڪم پيو ڪرين؟“

”هڪ درسي ڪتاب جو ترجمو.“

”ترجمي جو نه تون ماهر آهين.“

”مهارت ۽ قابليت جو بحر ته تڏهن جوش ۾ ايندو آهي، جڏهن ڪم دل وٽان هجي. هتي ته پنهنجي ذهن ۽ ضمير تي دانگي ڦيري هي ڪم پيو ڪريان.“

”ڪيئن پلا.“

”هن ڪتاب جو مواد آسماني ڳالهين سان ڀريل آهي. ان ۾ پوئتي قدم (رجعت پرستيءَ) جو ڀرپور مظاهرو ڪيل

آهي. مون واسطي تہ ميٿ سيٺ ميٽ آهي ۽ لفظ لفظ ڏنگ آهي."

"اجورو ڪهڙي حساب سان ٿو ملئي."

"حساب! اهي بہ اماڙيون آهن، اهي بہ ڏنڀ آهن ۽ ههڙو ڪم اسان جهڙن ڪي سڏيءَ طرح نہ ملندو آهي. هي ڪم تعليم کاتي جي هڪ هلندي پڄندي واري آفيسر ڪي ڏنو ويو. ادب سان هو ڪجهہ نہ چاٽي. ان ڪري اهو ڪم مون کان ڪرائيندو آهي. ناٿو سندس ٿيندو. مون کي هر هڪ صفحي جا ٽي رپيا ڏيندو آهي ۽ جيتوڻيڪ هن کي سرڪار وٽان هر صفحي لاءِ ڏهہ رپيا ملندا آهن."

(٤)

"مون کي ڪتابن هٿي ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي. ڏس، هيءَ منهنجي لئبرري. ڪهڙا نہ سهڻا سهڻا ڪتاب آهن. پر انهن جي وچ ۾ ڪو ڪورس جو ڪتاب اچي ويندو آهي تہ ائين لڳندو اٿم تہ ڄڻ تہ ڪاليجي ڇوڪرين جي ڪنهن پارٽيءَ ۾ ڪا ڪني ڪوجهي ۽ ڪراڙي فقيرياڻي ڍُڪي آئي آهي. مون کي تہ سهڻو ڪتاب ڏسي اهو پڙهڻ تي شوق بہ ٿيندو آهي ۽ ان جي پڙهڻ ۾ مزو بہ ايندو آهي."

"اها تہ ٿي ڪتابن جي ٻاهرين صورت، پر انهن اندر جو مواد آهي، درسي ڪتابن جو اهو بہ ڪو واڪاڻ جوڳو ڪونهي ۽ اهو اهڙي ٻوليءَ ۾ آهي، جا اسان جي مادري زبان ڪانهي ۽ نہ انگريزي وانگر سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي زبان."

”ھا، اڄڪلھ دنيا ۾ ترقيءَ جو مدار سائنس ۽ ٽيڪنالاجي تي آھي. پر ھنن نصابي ڪتابن ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ کان وڌيڪ آسماني ۽ غير سائنسي ڳالھين تي زور ڏنو ويو آھي.“

”مزي جي ڳالھ اھا آھي تہ آسماني ڳالھين ۽ سائنس جي حقيقتن ۾ وڏيون ابتڙايون آھن جا ڳالھ خود ھنن ڪتابن جي سبقن مان پڌري آھي ۽ اسان جي ذھنن کي لوڏي بہ ڇڏي ٿي.“

”تو تضاد لاءِ ’ابتڙايون‘ جو مناسب لفظ ڪتب آندو آھي. اصل ۾ ھنن ڪتابن ۾ سياسي ۽ سماجي سطح تي بہ وڏيون ابتڙايون موجود آھن. شاگردن کي پنھنجن جذبن، لاڙن، احساسن ۽ اتساھن جي انھن ۾ ترجماني ڪانہ ٿي ملي. ھو ٻاھرين ۽ عملي دنيا ۾ اھو ڪجھ نہ ڏسن ٿا ۽ نہ محسوس ڪن ٿا، جو ھنن کي انھن ڪتابن ۾ پڙھايو ويو ٿو. پوءِ ھنن جو اندر ذھني ڇڪتاڻ جو ڪورو بڻجيو پوي.“

(٥)

”مان اديبن کان سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب لاءِ رايا پيو معلوم ڪريان. اھي مون کي پنھنجي ٻارن جي رسالي ۾ شايع ڪرڻ واسطي گھربل آھن. توھان ڇا ٿا سمجھو تہ سنڌيءَ ۾ جو ٻاراڻو ادب ڇپيل آھي يا ڇپجي پيو، سو ڪافي آھي؟“

”نہ، تمام گھٽ آھي. گھڻو ھجڻ گھرجي، تمام گھڻو.

ان ۾ به ترجما وڏيڪ آهن. اسان جي اديبن کي ٻارن لاءِ اصلي ادب به پيدا ڪرڻ کپي."

"معيار بابت راءِ؟"

"اسان وٽ ٻارن لاءِ نثري ادب ڪان شعري ادب وڏيڪ سٺو پيو پچجي. نثري ادب گهڻو ڪري جنن ڀوتن ۽ پرين جون ڳالهيون آهن يا وعظ ۽ نصيحت سان ڀريل آکاڻيون."

"توهان جي خيال موجب ڪهڙي قسم جون ڳالهيون ۽ ڪهاڻيون هجڻ کپن؟"

"هن دور ۾ دنيا جي انقلابن ۽ قومي تحريڪن ۾ جو ٻارن ۽ ننڍي ٿهيءَ وارن جو حصو ۽ انهن جا ڪارناما آهن، يا جدا جدا ملڪن جي شاگردن جون هلچلون آهن، تن کي لکڻين جو موضوع بڻائجي. ان کانسواءِ سائنس جي ملڪ جي ترقي ۽ انسان لاءِ خوشحالي مهيا ڪرڻ ۾ جا اهميت آهي، تنهن تي زور ڏجي، جيئن ننڍي عمر ۾ ئي سائنسي ذهن پيدا ٿي وڃي."

"ٻاراڻي ادب جي ضرورت تي ڪجهه وڌيڪ ٻڌايو؟"

"ٻارن جا ڪتاب ۽ رسالا جام هوندا ته ٻار لاڳيتو پڙهندا رهندا. انهن ۾ ننڍي هوندي ڪان ئي پڙهڻ جي عادت پوندي ۽ وڏي هوندي به هو پنهنجو اهو شوق جاري رکندا. انگريزي اديبن جو ٺهاپو به گهڻن ڏاڻين پهچندو رهندو ۽ ڪتابن جو کاپو به وڌندو. ٻي ڳالهه ته پڙهڻ جي عادت سان ئي لکڻ جو شوق ۽ جذبو جاڳي پوندو آهي. ٽين ڳالهه جا اسان لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي، اها هيءَ آهي ته درسي

ڪتابن ۾ ڪاٿي ڪاٿي تاريخي ۽ نظرياتي غلط بيان اچي ويندا آهن. ان لاءِ ضروري آهي ته اسين ادبي ڪتابن ذريعي ٻارن کي صحيح ۽ نوان نظريا ۽ صحيح تاريخي حقيقتون ٻڌايون."

جئڻ جو تئڻ

ڪڏهن ڪڏهن مون کي ڪو خط ملندو آهي، جنهن ۾ لکندڙ پنهنجي جيون جون حقيقتون، ڳالهيون يا گهٽنائون لکندو آهي ۽ پوءِ چوندو آهي ته انهن تي ڪهاڻي لکو. اهڙي قسم جي ڪن خطن کي مون ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو آهي.... مان هيٺ هڪڙو خط جئڻ جو تئڻ ڏئي رهيو آهيان. صورتخطي ۽ گرامر جي ڪن درستين کان سواءِ مون ان ۾ ڪابه قير گهير ڪانه ڪئي آهي. لکڻيءَ مان لڳي ٿو ته لکندڙ ٿورو پڙهيل، غريب گهر جي نيم شهري ڇوڪري آهي. هن هي خط ڪهاڻيءَ جي ڍنگ ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ مون کي لڳي ٿو ته جنهن کي هن "سوني" سڏيو آهي، سا هوءَ خود پاڻ آهي:

* *

.... هيءَ ڪهاڻي هڪ اهڙي ڇوڪريءَ جي آهي، جنهن ڪڏهن به سک نه ڏٺو. اگر خوشي ملي هوندي ته صرف ٿورن ڏينهن لاءِ. اها خوشي به هن کي راس نه ايندي هئي. هن جو نالو سوني آهي. هو چار ڀينر ۽ ٻه ڀائر آهن. سوني ٽيون نمبر آهي. پيءُ هڪ غريب ۽ طبيعت جو سادو ماڻهو

آهي. هو ڪيترن سالن کان ڳوٺ مان لڏي شهر ۾ اچي وينا آهن. ڳوٺ شهر کان گهڻو پري ڪونهي. سوني پنجن سالن جي هئي ته هن جي چاچي چٽڻ ۾ هڏي مٽي تي هٿ ڦيري هن کان ڪم وٺندي هئي. اهڙي طرح سوني اجها ننڍڙي هئي ته چاچيءَ جي سڄي گهر جو ڪم ڪندي هئي. چاچيءَ اهو نه سوچيو ته پرائي نياڻي آهي، هن کي دڙڪو ڏيان ته وڃي پڙهي پر سونيءَ کي نوڪرياڻيءَ وانگر وهائڻ لڳي. هن کي اسڪول وڃڻ نه ڏيندي هئي. هوڏانهن وري سوني اسڪول نه ويندي هئي ته هن جي ماءُ کيس ڪاوڙ ايندي هئي ۽ سوني کي مار ڏيندي هئي. ان تي چاچي سونيءَ کي وٺي ويندي هئي ۽ پيار ڪري چوندي هئي ته تنهنجي ماءُ توکي ماري ٿي، مان توکي نه ماريندس ۽ پوءِ سارو ڏينهن هن کان پنهنجي گهر جو ڪم ڪرائيندي هئي. چاچيءَ کي ڪڏهن به احساس نه ٿيو ته هوءَ سونيءَ جي حياتي برباد ڪري رهي آهي. پاڻ جڻن پوءِ ٽڻن سختيون ڪندي وئي. سونيءَ جون سوٽيون به هيون پر اهي اسڪول وينديون هيون. سونيءَ کي اسڪول ڪونه اماڻيندي هئي. هوءَ ويچاري ننڍڙن هٿن سان سڄي گهر جو ڪم ڪندي هئي. ننڍڙي سوني گهر جو ايڏو ڪم ڪندي هئي جو ٿڪجي پوندي هئي. ساڻي ٿي اچي پنهنجي ماءُ وٽ ٿوري دير لاءِ آرام ڪندي هئي. پر اجا ٻه گهڙيون نه ٿينديون هيون ته چاچي خوفناڪ سڏ ڪندي هئي. سوني ويچاري اٿي ڊُڪي ڊڪي ويندي هئي. چاچي چوندي هئي ٻهاج ڪيڏانهن مري

وڻينءَ. سونيءَ جا هٿ پير ساهه ڇڏي ويندا هئا. صبح جو سويل ئي سوني چاچيءَ جي گهر ويندي هئي. ان وقت به چاچيءَ جو پارو چڙهيل هوندو هو. هن کي نوڪرن وانگر سڄي گهر جو ڪم ڪرائيندي هئي . هن کي ڪڏهن به ڪٿي به گهمڻ لاءِ نه ڇڏيندي هئي ۽ پنهنجي ڌيئن کي ڇڏيندي هئي. مطلب ته چاچي پنهنجي ڌيئن کي شهزادين وانگر رکندي هئي. ڪڏهن به ڪو ٿورو ڪم ڪنديون هيون ته چاچي فورن سونيءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي هئي ۽ ڪنديون گاريون ڏيندي هئي. چاچي تمام چالاڪ مائي هئي. سونيءَ جو مامو ڳوٺ ۾ رهندو هو. هو سونيءَ کي ڏاڍو پيار ڪندو هو ۽ مامي به سونيءَ کي تمام گهڻو پيائيندي هئي. سونيءَ کي پڻ پنهنجي مامي ۽ ماميءَ سان الاهي قرب هو. هن جو ننڍو پٽ سڄڻ شهر ۾ نڪاري ڪندو هو. هو سونيءَ کان پنج سال وڏو هو. جڏهن سڄڻ ننڍو هو ته سڄڻ جي ماءُ سڄڻ کي ڪٺي سونيءَ جي ماءُ جي جهوليءَ ۾ وڌو هو ته سڄڻ تنهنجو ناتي آهي. سڄڻ ۽ سونيءَ جي ننڍي هوندي کان ڳالهه ٽيل هئي پر سونيءَ کي خبر نه هئي. هوءَ بيخبر هئي. سوني ڪڏهن ڳوٺ ويندي هئي يا مامو وٺي ويندو هوس. سونيءَ کي اڃا پيار جي ڪابه خبر نه هئي. اني سڄڻ جهڪو سونيءَ جو مڱيندو هو، سو هن کي تمام گهڻو پيار ڪندو هو ۽ سونيءَ کي به هو ڏاڍو وڻندو هو. مامو ۽ مامي به هن کي بيحد چاهيندا هئا هن جي دل چاهيندي هئي ته ساري عمر اني رهي پئي.

سچل، سونيءَ کي "سونا" ڪري ڪوٺيندو هو. انڪري هاڻي هن کي سونا ڪوٺبو. ڳوٺ ۾ اچا ۽ تي ڏينهن مس گهاريندي هئي ته شهر مان ماڻهو ايندو هو ته سونا هل توکي تنهنجي چاچيءَ گهرايو آهي. مجبوري هئي. سونا ويچاري شهر هلي ايندي هئي ۽ اچي چاچيءَ جو نوڪرن وانگر ڪم ڪندي هئي. سچل ساڳئي شهر ۾ مزوري ڪندو هو پر رهندو شهر جي ٻيءَ ڪند ۾ پري هو. وقت گذرندو ويو. سچل ڪڏهن ڪڏهن سونا وارن جي گهر ايندو هو. جيترو وقت ويٺو هوندو هو صرف سونا کي ڏسندو هو. ڪڏهن ڪا سوکڙي وٺي ايندو هو ۽ اچي سونا جي ساءِ کي ڏيندو هو. سونا جو پيءُ تمام غريب هو. سونا کي پورا ڪپڙا نه هوندا هئا. سچا ڦاٽي ويندا هئا تڏهن چاچي هنکي لٽل پراڻا ڪپڙا ڏيندي هئي. هر سال عيد تي چاچي سوناءَ سندس ڀيڻن کي هڪ جوڙو وٺي ڏيندي هئي سو به ڇيٽ جو. سونا ان ۾ به خوش هوندي هئي. گهر جو ڪم پئي ڪندي هئي. هنجي چاچي به ظلم پئي ڪندي هئي. رمضان ايندو هو ته سڀ روزو رکندا هئا. سونا به روزو رکندي هئي. هن کي روزو هوندو هو ته به چاچي هن کان گهر جو پورو ڪم وٺندي هئي ۽ جڏهن سندس ڏيئر، جي روزو ڪونه رکنديون هيون، سي ننڊ مان اٿنديون هيون ته هنن جي اڳيان سوني چانهه تيار ڪري رکندي هئي. هو نازن نخرن سان چانهه ۾ هٿ وجهنديون هيون ۽ جي چانهه ٿوري به ٿڌي هوندي هئي ته اها پيالي واپس سونا جي منهن ۾ اڇلندي هئي. پوءِ پيا ته مٿو

ڦاٿندو هوس يا ڪجهه ڌڪ لڳندو هوس. مطلب ته سونا ويچاري هر وقت ڊپ ۾ رهندي هئي ۽ خدا کان پئي دعا گهرندي هئي ته يا پروردگار خير ڪجان. ايڏو ظلم ٿيندو رهيو پر سونا جا ماءُ پيءُ ڪجهه به چئي نه ٿي سگهيا، ڇو جو سونا جو چاچو، سونا جي پيءُ کان عمر ۾ گهڻو وڏو هو ۽ سونا جي ڏاڏي جي وفات ان وقت ٿي هئي جڏهن سونا جو پيءُ رڳو ٻن سالن جو هو. ان ڪري وڏو ڀاءُ مربي ۽ سرپرست هو ۽ سونا جي پيءُ ماءُ توڙي ڀائرن ڀيڻن جي ٽڪي جي عزت ڪانه هوندي هئي. مطلب اهو ته سونا جو پيءُ ننڍو هو ۽ وڏي ڀاءُ تي بار هو، هنڪانڊ ڏاڍو ڪم ونندو هو ۽ ٿوري گهڻي تي وحشي نموني ۾ ماريندو هو. انهن مامرن ۾ چاچي يعني سونا جي پيءُ جي ڀاڄائي باهه ۾ پيٽرول جو ڪم ڏيندي هئي. سونا جي پيءُ هڪ پيري جي ڳالهه، پنهنجن ٻارن کي ٻڌائيندو هو: هڪ ڏينهن مار جي ڊپ کان هو هڪ مقام ۾ نم جي وڻ تي چڙهي وڃي لڪو ۽ سڄي رات اتي ڪاٽيائين. انڪري ئي هو چوندو هو ته ڪتو ٿجي ننڍو ڀاءُ نه ٿجي.... سونا ويچاري ظلم جي انڌير نگريءَ ۾ پئي ڦٿڪندي هئي. بچاءُ جو ڪوبه رستو نه هوندو هو. خير، ڏينهن پنيان مهينا ۽ مهينن پنيان سال گذري ويا، اڄي جوان ٿي. چوڏهن سال عمر. پر ڪم اهو هوندو هو. روزانه صبح جو سوير اٿندي هئي ۽ وڃي چانهه، پاڻي نيرن سڀ ڪجهه ڪندي هئي. سوٽين جا بوٽ پالش ڪندي هئي ۽ ڪپڙا به استري ڪندي هئي.

ايتري قدر جو ڇوڪرين کي گنديون ايندڙيون هيون ته هو نه ڏئنديون هيون. اهي پليٽ ڪپڙا به سونا کي ڏئنا پوندا هئا. سونا نه ڏئندي هئي ته اهي گندا ڪپڙا هن جي منهن ۾ لڳندا هئا.... هڪ ڏينهن سڄڻ آيو. سونا سان ملڻ آيو ۽ ڪجهه ميوو به وٺي آيو. سونا چاچيءَ جي گهر هئي. ڏسڻ سان چاچيءَ هن تي گارين جو ڊوڙيو وسائي ڏنو ۽ ميوو واپس اڇلائي چوڻ لڳي: هليو وڃ هتان نه ته ٽنهنجيون اکيون ڪڍي ڇڏينديس، ڇو آيو آهين ڪهڙو ڪم اٿئي، ڪنهن جي لاءِ ميوو آندو اٿئي. سڄڻ ويچارو موٽي ويو ۽ ميوو وڃي سونا جي ماءُ کي ڏنائين. سونا به هن جي پنيان پهتي.... سونا جي وڏي سوٽ جو نالو رقيه هو. رقيه ان وقت مئٽرڪ ۾ هئي. هن جي عمر ويهه سال هئي ۽ سڄڻ جي هم عمر هئي، پر هن کان گهٽو وڏي لڳندي هئي. رقيه سڄڻ ۽ سونا کي ڏسندي هئي ۽ دل ئي دل ۾ پئي سڙندي هئي. سونا ۽ سڄڻ جي پاڻ ۾ ايڏي محبت هوندي هئي جو ڪڏهن سونا جي دل کي محسوس ٿيندو هو ته سڄڻ اڄ ضرور ايندو. هوءَ ان ڏينهن ڪو ڪم نه ڪندي هئي. گهڻي دڙڪا ملندا هئس، پر سونا سوچيندي هئي ته پل ڇا به ٿئي هو ضرور ايندو. پوءِ ڇرين وانگر دروازي ۾ اکيون وجهي پئي انتظار ڪندي هئي. دروازي ۾ نظرون هونديون هيون سونا جون. نيٺ سڄڻ اچي نڪرندو هو. چاچي به پئي چوڪيداري ڪندي هئي ته متان سونا کي سڄڻ سان اڪيلائي ملي. سڄڻ سونا سان تمام گهڻي محبت ڪندو

هو. پر قسمت اهڙي هئي جو جڏهن سچڻ ايندو هو ته هوءَ دل پيري هنگي ڏسي به نه سگهندي هئي. ان وقت سچڻ ويهن سالن جو هو. هو تمام غريب هئا. سونا جڏهن به ڳوٺ ويندي هئي ته سچڻ وارن جي گهر وچي ٽڪندي هئي. ماٽي اتي به ماڻهو سونا ۽ سچڻ کي اک ۾ رکندا هئا. پر مامي سونا کي تمام گهڻو گهرندي هئي. سونا کي چوندي هئي ته دعا کر ته آءٌ سچڻ جي شادي جلدي کرايان. سچڻ جي ماءُ جڏهن شاديءَ جو نالو وٺندي هئي ته سونا جا خوشيءَ کان هٿ پير ٺري ويندا هئا. ائين لڳندو هو سونا مثل آهي. پر ٿوري دير کان پوءِ، جڏهن سامت ۾ ايندي هئي ته اهو خيال ايندو هوس ته سچڻ گهوٽ ٿيل آهي ۽ سونا ڪنوار ۽ ٻئي سيج تي لاڏون لهي رهيا آهن. پر خيال وري خيال هوندا آهن .... سونا جوان ٿي ته هنجي سونهن کي چار چنڊ لڳي ويا. خاندان، ذات وارن ۽ اوڙي پاڙي جي ڇوڪرن جي نگاهن جو مرڪز بنجي وئي. ڳوٺ جو هڪڙو ڇوڪرو، جو سونا جو هم عمر هو، سو دل ئي دل ۾ هن کي چاهڻ لڳو هو. سونا کي خبر ئي ڪانه هئي ته سانوڻ هن کي چاهڻ لڳو آهي. ڳوٺ ۾ خوشيءَ جو وقت گذاري هوءَ واپس ايندي هئي ته چاچيءَ جي گهر جو اڇي ڪم ڪندي هئي ۽ ان سان گڏ اهي سا ڳيا ظلم سهندي هئي. سونا برداشت ڪندي رهي. هن جا ماٽ به برداشت ڪندا رهيا. هڪ دفعي ڳوٺ کان ماڻهو آيو، جو هنجي سوٽ جو پاڻتيو هو. خميسو نالو هوس. هو سونا کي گهوري

گهوري بري نظرن سان ڏسندو رهيو. سونا ته انهن نظرن کان ڊپ ۾ پرجي ٿي وئي. چاچيءَ جو به خميسي جي نظرن ڏيان چڪايو هو. سو جڏهن هو هليو ويو ته سوناکي ڏاڍي مار ڏنائين. هوءَ ظلم ڪندي رهي . چوندا آهن ته ظالم جي ساري متي هوندي آهي . سونا جو چاچو هوندو هو سو به ان وقت سدائين نشي ۾ رهندو هو. هن کي ايتري به سڌ نه هوندي هئي ته ڏينهن آهي يا رات. نه ته اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته هو پنهنجي سڳي ڀائٽيءَ تي ايڏو ظلم برداشت ڪري. سونا جي چاچيءَ نه رڳو سونا تي ظلم ٿي ڪيا، پر هن جون ٻيون ڀيڻون به هن جي ظلم جو شڪار هيون. انهن ٽيني کي به اسڪول کان محروم ڪيائين . قرآن پڙهڻ ويندڙيون هيون سو به چاچي چوندي هئي ته سونا فلاڻي يار سان ملي آئي، اڄ فلاڻي يار سان پٺي مليو اچي. انهن الزامن ڪري جڏهن سوناگهر پهچندي هئي ته ماڻس ڏاڍي مار ڏيندي هئس. سونا گهٽوٽي چوندي هئي اسان مون کي منهنجو ڏوهه ته ٻڌاءِ، پر ماءُ ايڏي ڪاوڙ ۾ هوندي هئي جو جواب ئي ڪونه ڏيندي هئي. هڪ دفعي سونا ۽ سونا جي ننڍي ڀيڻ قرآن پڙهي آيون . ٿورو گهر ۾ ويهي هڪ ساهيڙيءَ جي گهر هليون ويون. ان ساهيڙيءَ جي گڏيءَ جي شادي هئي. هو راند ڪيڏڻ ۾ لڳي ويون. هنن کي اهو به ياد ڪونه رهيو ته چاچيءَ جي گهر جو ڪم ڪرڻو آهي. ٻارهين جو وقت هو. سونا کي ڪوڙ ڀيرا ٻار سڏڻ آيا پر گڏين جي شاديءَ ۾ هن سڄڻ کي پٺي ڏنو. هن کي ڪوبه

هوش نہ هو. وري ٻار آيا تہ توکي ۽ تنهنجي ڀيڻ کي توهان جو بابا پيو سڏي. هو اٿي کڙيون ٿيون. پنيان اچ چاچي ۽ سونا جي ماءُ ٻڌران هن جي پيءُ کي چغلي هڻي هنن تي ڪوڙو بهتان مڙهيو هو. پيءُ چيا ڪيو جو جهلينديءَ ڀرين سونا جي ننڍي ڀيڻ کي کڻي ليٽائي تڪبير ٿي وڌائين تہ سونا جي ڀڄي دروازو ٽوڙي ڪمري ۾ گهڙي سونا جي ڀيڻ کي ڪڍي هلي وئي. پوءِ پيءُ اچي سونا کي ورتو. موچڙا هڻي هن جو منهو ڦاڙي وڌائين. اڃا بہ هن جي ڪاوڙ ڍري نہ ٿي ۽ ڪاتي کڻي هن تي تڪبير ٿي وڌائين. پر اڃا سونا کي هن دنيا ۾ جيئڻو هو پنهنجي سڄڻ لاءِ، نہ تہ هن جي حياتي وري کهڙي هئي. هوءَ زهر کائي پنهنجو انت آڻڻ جو بہ سوچيندي هئي.... ڏينهن گذرندا ويا. اهو ڏينهن بہ آيو جو سڄڻ پنهنجن مائٽن کي سونا جي سنگ لاءِ موڪليو. سونا جي پيءُ کي سڄڻ پسند هو ۽ هن هائو ڪئي. پر هي فيصلو حالي ڀيڻ کي ڪونہ ٻڌايو ويو. سڄڻ پنهنجي سڪ پوري ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن سونا جي گهر پيو ايندو هو. ماڻهن هنن جي باري ۾ الاهي ڳالهيون ڪئي ٿاهيون. سونا جي سوٽ رفيق دل ئي دل ۾ پئي سڙندي هئي. آخر هڪ ڏينهن ڦاٽ ڪاڏائين تہ هوءَ سڄڻ کي چاهي ٿي ۽ ماءُ کي چيائين تہ مان شادي ڪندس تہ سڄڻ سان، نہ تہ سڄڻ بنا آءٌ مري ويندس. ان وچ ۾ سونا جو هڪڙو مائٽ ڇوڪرو سانوڻ، جو سونا تي اڳ کان ڇڪيل هو پر پنهنجي دال ڳرندي نہ ڏٺائين تہ وڃي سڄڻ کي چوندو هو تہ سونا مون سان محبت

ٿي ڪري. سچل، ساٺوڻ جي ڳالهه ٻڌي ان ٻڌي ڪري چڙهندو هو. هو سوچي به نه ٿي سگهيو ته سونا اهڙي ٿي سگهي ٿي. سچل هاڻي ٿورو پئسي وارو ٿيو هو. پنهنجي محنت ۽ هوشياريءَ ڪري هو مزور مان ترقي ڪري؛ رازو بڻجي ويو هو. هو سونا جي گهر به ايندو رهندو هو. چاچي سمجهندي هئي ته منهنجي ڌيءَ ۾ ٿو لالچ رکي، پر اهو غلط هو. هو ته سونا لاءِ ايندو هو. هڪ ڀيري هن ڀير سو ڪڙي ڪري آندا ۽ اچي سونا جي ماءُ کي ڏنائين. سونا جي ماءُ ٿورا ٿورا سيني کي ڏنا. جڏهن چاچيءَ کي ڏيڻ ويئي ته هن کي ٻاهه وٺي وئي ۽ چيائين ته ڇٽ جي پٽ کي چوءِ ته اهي ڀير واپس ڪٽي وڃي نه ته مون جهڙي ٻچڙي نه ملندس. پر قسمت جا کيل نرالا هوندا آهن. انهن ئي ڏينهن چاچيءَ کي سندس پاءُ چيو ته سچل کي هٿن مان نه وڃاءِ. هو ڀاڳ وارو ٿو ڏسجي. هاڻي ته رازي مان ٺري ٺيڪيدار بڻجي رهيو آهي ۽ جاين جوڙڻ جا ٺيڪا کڻڻ لڳو آهي ۽ پيسي وارو پيو ٿيندو وڃي. چاچي لالچ ۾ اچي پئي. پوءِ هنن جا سلسلا هلندا رهيا. سونا کي خبر هئي ته ڪو ڦوٽو ڏهاڙي اچي ٿو ۽ هڪڙي مان ٻي ڪري هليو ٿي وڃي. سونا کي اها خبر به نه هئي ته مون کي ڪو ڌاڙو لڳندو. ڦوٽي جو روزانو اچڻ قريب هو. هوڏانهن سچل سمجهندو هو ته ساما ڦوٽو شهر ۾ سونا لاءِ منهنجي ڳالهه پڪي ڪرڻ ٿو وڃي. رقم مشترڪ پاس ڪري چڏي هئي. هن کي خبر هئي ته سونا جو رشتو هاڻ سچل سان ٿيڻ وارو آهي. هن چا ڪيو

جو ماءُ کي ڇيائين ته پراڻا ڪپڙا ڏي ته آءٌ ڳوٺ وڃي مهنو کڻ رهي رليون سبي اچان. هوءَ سڄڻ وارن جي گهر وڃي ٽڪي. سڄڻ به شهر مان گهٽو ڪري روز ڳوٺ ايندو هو. رقيه هن کي پيار جي نظرن سان ڏسندي هئي. هوڏانهن وري ساٺوڻ چا ڪيو جو سڄڻ کي وڃي ڇيائين ته مون سونا جي عزت لٽي ڇڏي آهي، هاڻي سونا تنهنجي ڪم جي ناهي، هن سان شادي ڪري چا ڪندين. پر سونا اڃا پاڪدامن هئي. هوءَ هن دنيا ۾ آئي ئي سڄڻ لاءِ هئي. سڄڻ کي ساٺوڻ تي اعتبار اچي ويو ۽ ڪاوڙ مان سونا جي گهر اچڻ بند ڪري ڇڏيو. سونا ويچاري ته هر وقت انتظار ۾ هوندي هئي. پر سڄڻ هن کي نه سڃاتو. سڄڻ پنهنجي دنيا وسائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. هن کي غيرت اچي وڻي هئي. پوءِ سڄڻ رقيه ڏي ڏبان ڏيڻ لڳو. هن ڏٺو ته هوءَ هيڏو پڙهيل چوڪري آهي، سو جي ملي ته هن سان شادي ڪريان. سونا ته آهي بيوفا. پر سونا روز انتظار ۾ هوندي هئي ته ڇاڻ کي آيا منهنجو سنگ گهرڻ. هن کي خبر نه هئي ته سڄڻ ڦري ويو آهي. هن کي ڪا به خبر نه هئي. ٻئي پاسي سونا جي پيءُ ڇيو ته مڙس کي ميڙيان ته سونا ۽ سڄڻ جي شاديءَ جي ڳالهه پڪي ڪريون. پر هن کي به سڌ نه هئي ته ڪهڙو ناٽڪ پيو هلي. رقيه مهنو کڻ ڳوٺ ۾ رهي، پنهنجي گهر شهر ۾ آئي ته ڏاڍي خوش هئي ته ڇاڻ شادي ٿي. سونا کي ته اڃا به خبر نه پئي ته ڇا آهي. ويچاريءَ کي خبر نه هئي ته ڪو سڄڻ ڪاوڙيل آهي، رٺل

آهي. جي خبر هجيس ها تہ پنهنجي سچڻ کي ضرور پرچائي ها. پر سونا جي قسمت ۾ شايد خوشي نہ هئي. خدا سونا جي قسمت سٺي ڪري ها تہ ڪيترو نہ سٺو ٿئي ها. پر سونا نياڳي هئي. هن جي قسمت ۾ روشني نہ پر اونداهي هئي. سونا جي قسمت هنجي چاچيءَ جي هٿ ۾ هئي. هوءَ جئن بہ ڪري، سڀ ڪجهہ هن جي وس ۾ هو.... هڪ ڏينهن سچڻ جو مامو آيو. پهرين چاچيءَ سان ڳالهايائين. پوءِ سونا جي پيءُ کي اچي چيائين تہ اسان فيصلو ڪيو آهي جي توکي قبول ناهي تہ هن گهر مان تپڙ ڪڇا پوندءِ. سونا جي پيءُ جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. حيرت سان اکيون ڦاڙي پڇيائين تہ ڳالهہ ڪهڙي آهي؟ سچڻ جي مامي چيو تہ هتي ها يا نہ ڪرڻي اٿئي. چاچيءَ ٺڪا ڪيو هو جو رقيہ جو سنگ سچڻ کي ٿي ڏنائين ۽ سونا پنهنجي پيڻ جي پٽ سان ٿي پرڻايائين. هنجو نالو حميد هو ۽ عمر ۾ سونا کان تمام وڏو هو ۽ الاهي شراب پيئندو هو. خير، طبيعت جو سٺو هو. پر حميد تہ رقيہ جو رشتو گهريو هو. هن کي بہ خبر نہ هئي تہ ماسيءَ ٺڪا ڪيو آهي. سونا جو پيءُ اهي مائٽيءَ جون ڳالهيون ٻڌي گهر اچي پنهنجي زال کي چيو تہ اڄ ڀاڄائيءَ اسان سان ظلم ڪري ڇڏيو: سونا جو رشتو سچڻ سان نہ ڪيو اٿس، رقيہ جو رشتو سچڻ سان ڪيو اٿس. ان وقت سونا ٻاهر ورانڊي ۾ ويٺي هئي ۽ اهي ڳالهيون ٻڌائين تہ يقين ڪين آيس. اتي ئي چاچي ڊوڙندي آئي ۽ اچڻ سان چيائين تہ مبارڪ هجيوَ رقيہ جو رشتو سچڻ سان

طئہ ٿيو آهي. سونا کي ائين لڳو ڄڻ اکيون انڌيون ٿي ويون آهن، هوءَ انڌي ٿي وئي آهي ۽ هنکي ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو. پوءِ ڇا ٿي ٿيي سگهيو. ويچاريءَ روئي روئي پنهنجو حال تمام خراب ڪري ڇڏيو. پورو هفتو ماني نہ کاڌائين. هوءَ هڪ زنده لاش هئي. هنکي خبر نہ هئي تہ ڪهڙي دنيا ۾ آهيان. هن کي پڪ ٿيڻ لڳي تہ مان نياڳي آهيان ۽ منهنجي زندگيءَ ۾ ڪابہ خوشي نہ ايندي. هوءَ هاڻي بہ ڏينهن جو چاچيءَ جي غلامي ڪندي هئي ۽ رات جا چار پهر اچي پنهنجي گهر سمهندي هئي. صبح جو ڇهين بجي اٿو پوندو هوس. پنهنجي سوٽين کي اسڪول اماڻيندي هئي. ٻارن کي ڪپڙا پارائيندي هئي، ڦٽي ڦوڪارو ڪندي هئي ۽ انهن جي ٽهل ٽڪور ڪندي هئي. هوءَ صرف سورن لاءِ زندهہ هئي. سڄڻ هنکي وساري ڇڏيو هو. هاڻي هو رڳو رقيہ وارن جي گهر رقيہ لاءِ ايندو هو. سونا کي رخ نہ ڏيندو هو. ڪاش، سڄڻ ائين نہ ڪري ها، هو سونا کي نہ وساري ها. سونا پنهنجي حياتيءَ مان تمام تنگ هئي. خودڪشيءَ جو خيال ڪيائين ۽ ان ارادي سان زهر بہ کاڌائين. پر خدا کي اها ڳالهہ بہ منظور نہ هئي. ٻہ ٽي ڏينهن بيمار رهي ۽ وري ٺيڪ. سڄڻ رقيہ کي ايڏو چاهڻ لڳو جو سونا کي صفا نظرانداز ڪري ڇڏيائين. سونا چاهيو ٿي تہ سڄڻ ائين نہ ڪري ها، پهرين سونا کان پڇي ها، سانوڻ جي چوڻ تي سونا کي ائين اڇلي نہ ڇڏي ها. هڪ دفعي ڇا ٿيو جو سڄڻ رقيہ کي پيار پئي ڪيو تہ سونا جي اوچتو هنن تي نظر

پنجي وئي. سونا لڪي لڪي ڏٺو ته سچڻ، رقيه جي ڳلن تي چمي پيو ڏئي. ان ڪانپوءِ ويچاري سونا ڏينهن رات پئي سڙندي هئي. نيٺ شاديءَ جو ڏينهن آيو. سچڻ ته سونا کي صفا وساري ڇڏيو هو. سچڻ، سونا کي ڪونه سڄاتو ۽ نه سڃاڻي سگهيو. سونا پنهنجي هٿن سان پنهنجي سچڻ جي شادي ڪرائي. هن ته اهو ئي سوچيو ته سچڻ ڀلي رقيه سان شادي ڪري، شال سدائين خوش هجي، شال وڏي حياتي مائي. آءٌ ڪيس پري کان ڏسي پئي سڪ لاهيندس .... سچڻ ته خوش حياتي پئي گذاري پر سونا روئي روئي خدا کان پئي دعا گهرندي هئي ته موکي هن دنيا مان ڪڍ. هن سورن جا ڏينهن پئي گهاريا. خدا شل نه پيدا ڪري ها هن کي.... سونا جو سنگ حميد سان طئه ٿيو هو. سونا ويچاري چوندي هئي ته خدا پاڻ ڏسي پيو ته آءٌ صرف سچڻ لاءِ آهيان. ڀلي سچڻ شادي ڪئي پر شال خوش هجي. سونا جي چاچيءَ وري ڇا ڪيو جو پنهنجي پاڻيجي کي چيو ته سونا نياڳي آهي، جو مڱڻو ٿيو ته هڪ سال اندر تنهنجي ماءُ مري وئي، تنهنڪري مڱڻو ٽوڙي ڇڏ. حميد جي ماءُ سونا کي الاهي پيار ڪندي هئي، هنکي الاهي چاهيندي هئي ۽ هوءَ خود الاهي سٺي عورت هئي. ڪڏهن به ايندي هئي ته سونا جي لاءِ ڪا نه ڪا نئين سوکڙي آڻيندي هئي. مطلب ته سونا کي تمام گهڻو پيار ڪندي هئي. جڏهن سونا کي پيار ڪرڻ لڳي ته خدا جلد ئي پاڻ وٽ گهرائي ورتس. انهن ڳالهين کي ڏسي ئي سونا پاڻ کي نياڳي سمجهڻ تي مجبور ٿي

ٿي. چاچيءَ کي وجهه ملي ويو. هن حميد کي چيو ته سونا نياڻي اٿئي، هن کي ڇڏي ڏي. اڃا ته رکيو مڱڻو ٿيو آهي ته تنهنجي ماءُ مري وئي، جي شادي ٿي ته پوءِ خبر ناهي ڇا ٿيندو. حميد جي ماءُ جي مرڻ جي ٿورن ڏينهن کانپوءِ چاچيءَ حميد کان جواب آڻي ڏنو. حميد چيو ته مون رقيه جي هٿن گهري هئي، مون سونا جي هٿن نه گهري هئي، مونکي سونا سان پرڻو ناهي ڪرڻو. چاچيءَ جو مطلب هو ته سونا سکي نه ٿئي، سدائين ڏکي ڏهاڳڻ هجي... سونا ويچاري سورن ڀري حياتي گذاري رهي هئي. مرڻ چاهيائين ته مري به نه سگهي. نيٺ خدا اهڙو ڏينهن به ڪيو جو سچل کي سونا جو احساس ٿيو. سچل سونا جا گهڻا آزمودا ورتا. پر ڳالهه ٿي ڪانه هئي ته سونا کي ساڻس سان پيار ٿي ڪيو. پوءِ ساڻس جو منهن ڪارو ٿيو. هن ايڏو وڏو ڪوڙ ڳالهايو هو ۽ سونا جي دعا آخر قبول ٿي. سچل وري به سونا سان پيار ڪرڻ لڳو. پنهنجي سونا کي چاهڻ لڳو ۽ هن کان پڇيو ته سچ سچ ٻڌاءِ ته ساڻس تنهنجي عزت لٽي آهي. سونا خدا جو قسم کنيو ته مان پاڪدامن آهيان، بي داغ آهيان. سچل يقين ڪيو. سونا کي وري آسرو جاڳيو ته سچل ساڻس شادي ڪندو. سچل هن کي ايڏو چاهڻ لڳو جو هن پڇتايو ۽ پنهنجي غلطيءَ تي الاهي افسوس ٿيس. غلطي هن جي هئي. شاديءَ کان پهرين سونا کان پڇي ها ته ساڻس سچ ٿو چوي يا نه. پهرين پڇي پڪ ڪري ها پوءِ يلي رقيه سان شادي ڪري ها. پر سچل ڪجهه به نه

پڇيو سونا ڪان. سونا صبر ڪيو ۽ ڳالهه هٿن مان نڪري وئي. سچڻ غلطي ڪئي ۽ عمر جو جنجال ٿيو.... پوءِ سچڻ به اڇي ساهرن وٽ رهيو. سچو ڏينهن پيو سونا کي ڏسندو هو. سونا به سچڻ کي ڏسندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن رقيه ڪجهه ڏينهن لاءِ ڳوٺ وينديءَ هئي ته سچڻ چوري چوري سونا سان ملندو هو. هڪ دفعي گهر ۾ ڪير ڪونه هو ته سچڻ آيو. سونا کي خبر نه هئي. ڪم ڪندي هوءَ ڪوٺيءَ ۾ وئي ته سچڻ ڪمري جو دروازو ڪئي بند ڪيو ۽ حياتيءَ ۾ پهريون گهرو سونا کي پيار ڪيائين. سونا جي سڄي جسم مان جهڙو ڪر ساهه نڪري ويو. هٿ پير ٺري وياءِ سونا الاهي ڊڄي وئي ته متان چاچي نه اچي وڃي. اگر چاچيءَ ڏسي ورتو ته مصيبت اچي ويندي. سچو سونا کي الاهي گهڻو پيار ڪيو. سونا ڏاڍي خوش هئي، اڄ سچڻ حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو سونا کي الاهي پيار ڪيو هو، تمام گهڻو پيار. سونا ڏاڍو خوش هئي. پوءِ سونا سچڻ کي هٿ ٻڌي چوڻ لڳي ته هاڻي دروازو کول. پوءِ سچڻ دروازو کوليو. سونا ٻاهر نڪتي، هن کي ڪنهن به نه ڏٺو ۽ هوءَ پنهنجي ڪم کي لڳي وئي. پنهنجي سچڻ لاءِ ماني تيار ڪرڻ ۾ لڳي وئي. اڄ هوءَ الاهي خوش هئي. هوءَ دل ۾ چوڻ لڳي ته ڪاش آءٌ سدائين هڙئي خوش هجان. پوءِ سچو جي سونا سان ايڏي محبت ٿي وئي جو کائيندي، پيئندي، اٿندي، ويهندي، سمهندي سونا ئي ياد رهڻ لڳي. هو چاهيندو هو ته سونا کي ايڏو ته پيار ڪريان ايڏو ته

پيار ڪريان جو دشمن ڏسي سڙن. هن جي اهڙي حالت تي وٺي جو ڪتي به سڪ نه ٿي آيس، ڪنهن به شيءِ ۾ دل نه ٿي لڳس. سونا ۽ سچن هڪ ٻئي، ڪان پري رهي نه سگهندا هئا. هنن جو ايڏو پيار ڏسي چاچيءَ سونا کي ڏاڍو بدنام ڪيو. ڳوٺ ٿوڙي شهر ۾ بدنام ڪيو. چوندي هئي ته منهنجي ڌيءَ جي ڀاڄ ٿي آهي رن ڏائڻ. سونا کي اٺئي ويٺي ڀاڄ سڏيندي هئي. جڏهن ڪو ڪم چوندي هئي ته چوندي هئي: جڳ جي ڀاڄ هي ڪم ڪر يا هُو ڪم ڪر. سونا ويچاري ڪم پئي ڪندي هئي.. . گهر جي سامهون هڪڙي بلڊنگ هئي. ان جون دريون سامهون هيون. هڪ دريءَ مان هڪڙي ڏينهن هڪ ڇوڪرو اچي بيٺو. چاچيءَ جي گهر ۾ موجود سڀ ڇوڪريون هن کي ڏسڻ لڳيون. سونا جي ماسڙ جي زال ٻه ٽي بيٺي هئي. هن کي سڀ ڀاڃي چوندا هئا. سونا هن کي رکو ايترو ڇيو ته ڀاڃي ڀاڃي ڏس ته سامهون ڪو ماڻهو نهاري رهيو آهي. ان تي ڀاڃيءَ ڇيو ته پوءِ ڇا ڪريون، تون وڃي گڏ سمهينس. سونا کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي پر ويچاري چپ ٿي وئي. دل ۾ چيائين ته جيڪر ڪجهو ڪاٺي ڇڏيانس، اکيون ڪڍي ڇڏيانس. پر هوءَ ڇا ٿي ڪري سگهي. هوءَ بيوس هئي. جي اتي سونا جو سچن هجي ها ته ان ڀاڃيءَ کي اهڙا موچڙا هڻي ها جو هوءَ ياد ڪري ها. ڀاڃيءَ اهڙا لفظ چيا پر سونا سڀ ڳالهيون درگذر ڪيون ۽ صبر ڪيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ ان ئي ڀاڃيءَ ڇا ڪيو جو پنهنجي مڙس کي وٺي آئي ته ڏس سونا

ڇا پئي ڪري. ان ڏينهن سونا چاچيءَ جي گهر جون سيئي رليون ڏوتيون هيون. اهي ڏوئي ڪنهڙي تي سڪائي رهي هئي ته پانيءَ مڙس کي سڏي چيو ته ڏس سونا ڇا پئي ڪري. پانيءَ جو مڙس، جو هنجو ماسڙ هو، تنهن مٿي ڪڏ تي چڙهندي ساڻ سونا کي وارن کان جهلي اهڙي ته مار ڏني جو بس، جڻ جانور کي مار ڏجي. پوءِ وارن مان پڪڙي هيٺ لاٿو ۽ ايڏيون گاريون ڏنيون جو بس. سونا جو اهو ماسڙ الاهي ظالم هو. سونا جوان هئي تڏهن به هن تي هٿ کڻندو هو. نه رڳو سونا کي پر هن جي ننڍين ڀيڻن کي به الاهي ماريندو هو. صرف پنهنجي زال جي ۽ چاچيءَ جي چوڻ تي. چاچيءَ جون رليون الاهي هيون، تمام گهڻيون هيون. جنهن وقت ماسڙ مٿي ڪڏ تي چڙهيو ته سونا جي هٿ ۾ رلي هئي جا هن سڪائي پئي. جڏهن سونا ماسڙ کي ڏٺو ته ڏاڍي ڊڄي وئي. ماسڙ هن کي ايڏو ته ماريو جو اکين ۾ آگريون وجهي اکين مان رت ڪڍي ڇڏيائين ۽ هن جو مٿو ڦاڙي ڇڏيائين. ويچاري رئندي ماءُ وٽ وئي. هن جي حالت ڏسي ماءُ به رئڻ لڳي. چيائين ته سونا خدا تو کي ڇو پيدا ڪيو، ڀلي موت اچئي. ماءُ روئي روئي پنهنجو برو حال ڪري ڇڏيو. هن خدا کي گهڻو ئي پاڙايو ته سونا کي کڻي، پر خدا نه ٻڌي، تنهن وري سونا جي حياتي وڌي ٿيندي ويئي. ان وقت سونا پاڻ پي قرآن پاڪ کڻي پاڻ کي پٽيو پر خدا موت نه ڏنو. مار کان هفتو پوءِ ڇا ٿيو جو ماسڙ جو حادثو ٿي پيو. هن جي هڪڙي

ٽنگ جو هڏو ڀڃي پيو. ۽ مهنا اسپتال ۾ پيو هو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ سونا وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو ته سونا پٽ مون ناحق توکي ماريو، مونکي معاف ڪر. سونا کي الاهي پيار ڪيائين ۽ معافي ورتائين. سونا ويچاري چپ ڪري ويٺي رهي ۽ ڳوڙها پئي ڳاڙيس. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ ماسڙ صفا ٺيڪ ٿي ويو .... سونا چاچي جي گهر جو ڪم ڪندي رهي. هڪ ڏينهن ڇا ٿيو جو سونا ڪپڙا ويٺي ڌوئي ته چاچي پنهنجي مڙس کي چوڻ لڳي ته سونا سامهون اشارا پئي ڪري. چاچو وهنجڻ جاءِ ۾ آيو ۽ سونا کي چوٽيءَ مان پڪڙي ڌُونشا هنيا ، مڪون هنيون پٺن تي ، مٿي تي . سونا ڏاڍو رني . چاچو گهر مان نڪتو ته چاچي ، سونا جي ماءُ وٽ آئي چوڻ لڳي ته تنهنجي ڌيءَ عشق پئي ڪري، تنهنجي ياءُ ڏٺو اٿس ۽ موچڙا پيو هڻيس. ماءُ چيو ته ڀلي ماري ڇڏيس. سونا روئي روئي ڪپڙا ڌوئي وري جو اٿي ته سامهون چاچي جا سڀ ہار بيٺا هئا. انهن سڀ ڪجهه پئي ڏٺو ۽ کليا پئي.... هڪ ڏينهن وري ڇا ٿيو جو سونا ڪارُ ۾ ڪپڙا پئي ڌوئي ته سوئيءَ سان سٽيندي سوئيءَ جو ڳن وڃي اک ۾ لڳس. سونا ڪري پئي. پوءِ هن جو چاچو ۽ پڦي هن کي سول اسپتال وٺي ويا. اتي ڪجهه اک جو علاج هليو. اک ۾ ڪاٽي لڳي ته سونا اسپتال ويٺي ۽ واپس اچي وري چاچيءَ جي گهر جو ڪم ڪيو. هوءَ ڪم ۾ رڌل هئي ته چاچي ڊوڙندي ڊوڙندي سونا جي ماءُ وٽ وئي ۽ هن کي چيائين ته مبارڪ هجئي،

سونا اسپتال ۾ پاڻ پسند ڪرائڻ وئي هئي. ساهه ويچاري چپ ٿي وئي ۽ رئڻ لڳي ۽ خدا کان دعا گهرڻ لڳي ته يا پروردگار! منهنجي نياڻين جي عزت رکجانءِ .... سونا جو چاچو اوچتو بيمار ٿي پيو. سچڻ جي زال پيٽ سان هئي ۽ هن کي پٽ ڄائو. سونا ايڏي خوش ٿي، جنهن جو ڪو اندازو ناهي. سچڻ جو پٽ ٽن مهنن جو مس ٿيو ته سونا جو چاچو اوچتو مري ويو. گهر ۾ ماتم مچي ويو. چاچي روئي رهي هئي، رقيه جي حالت خراب ٿي وئي، سونا ته اڪيلي ڏڪايل هئي، هن به ڏاڍو پٽي رنو.... سچڻ ۽ سونا جو پيار وڌندو ويو. آخر اهو به ڏينهن آيو جو سونا جي ڪٿ سان رشتو آيو. سونا وارن جا پري جا مائٽ هئا. سچڻ، سونا کي گهڻو ئي چيو ته خدا جو واسطو اٿئي شادي نه ڪر. پر سونا جي وس ۾ نه هو. هوءَ انڪار ڪري نه ٿي سگهي. پيءُ جي عزت جو سوال هو. سونا پنهنجي قسمت تي روئي رهي هئي. هو ڇا ٿي ڪري سگهي. پوءِ سچڻ سونا کي چيو ته تون پلي پنهنجي پيءُ جي عزت رک. سچڻ روئي روئي پنهنجو برو حال ڪيو. گهڻو وقت سونا وٽ ويٺو هوندو هو. سونا سچڻ جي سامهون نه رئندي هئي. جڏهن هو ٻاهر ويندو هو ته هوءَ روئي روئي پنهنجي دل جو غبار لاهيندي هئي. آخر سونا جي شاديءَ جو ڏينهن آيو. هن پنهنجو مڙس اول ڪڏهن به ڪونه ڏٺو هو. هن کي ان وقت ڏٺائين جڏهن لائون ڏيارڻ لاءِ آندو ويو. هن ڏٺو ته هو ڪانئس عمر ۾ تمام وڏو هو. البت پوءِ پتو پيس ته هن

جا اخلاق ڏاڍا سٺا هئا جڻ فرشتو چئجي. ساهرين گهر جا ماڻهو به تمام سٺا هئا. سهاڳ جي رات آئي. سونا کي گهوٽ سچي ڳالهه ڪري ٻڌائي. گهوٽ چيو ته، مونکي دل جي بيماري آهي ۽ اڳ کان آهي. ان رات ئي اڇي هن کي سور پيو، دل جو دورو پيو. سونا جي ڪنهن به ماڻهن کي خبر نه هئي ته ڪو گهوٽ دل جو مريض آهي. اگر خبر هجي ها ته شايد هيءَ شادي نه ٿئي ها. پر قسمت ۾ جو ڏک لکيو هو سو ضرور ٿيندو. شاديءَ جي رات به ويچاري سونا پنهنجي نصيب تي روئي رهي هئي. ڇا ڪيو ماڻهن، مون سان ظلم ڪري ڇڏيو اٿن. مڙس کي سڄي رات دل ۾ تڪليف هئي. سونا هن کي دوائون ڏيندي رهي ۽ هو ڪائيندو رهيو. هوءَ سڄي رات نه ستي ۽ خدا کان پنهنجي مڙس لاءِ دعائون گهرندي رهي ته شال حياتي هجيس ۽ آءٌ سدا سهاڳڻ هجان. ٽي ڏينهن ڳوٺ ۾ رهي. پوءِ ماڻهن ستاوڙي لاءِ وٺڻ آيس. پنهنجي گهر ۾ ماءُ کي ڀاڪر پائي ڏاڍو رني. روئي روئي پنهنجيون اکيون ڳاڙهيون ڪري ڇڏيائين. پنهنجي جيجل ماءُ کي چيائين ته اما توهان ته مون سان ظلم ڪري ڇڏيو، جيڪو مڙس مونکي ڏنو اٿو اهو ته دل جو مريض آهي ۽ شاديءَ جي پهرين رات دل جو دورو پيو هوس، ڇا توهان کي خبر نه هئي ته سونا کي اسين هڪ مريض جي حوالي ڪري رهيا آهيون، مگر توهان به شايد ظالم چاچيءَ وانگر سوچيو هوندو ته ڀل سونا ڏکي هجي. ماءُ اهو ٻڌي حيران ٿي ويئي ته ڇوڪرو دل جو مريض آهي ۽ هنکي ڪو دورو

پيو هو. اهي خبرون ٻڌي سونا جا پيءُ ماءُ تئين سر ڳوڙها ڳاڙڻ لڳا. پيو ڇا ٿي ڪري سگهيا. سونا کي سچل ايڏو ته ياد اچي رهيو هو جنهن جو ڪو ڪاٿو نه آهي. هوءَ سچل کي ڏسندي هئي ته ڏاڍو ڏک ٿيندو هوس. سچل کي صدمو هو ته سونا پرائي ٿي وئي، پر هنکي ڪهڙي خبر ته سونا سان ڪيڏو ظلم ٿيو آهي. سونا جي دل ۾ الاهي ڳالهيون هيون، پر هاڻ ڇا ٿي ٿي سگهيو. هوءَ پرائي هئي ۽ هنکي سچل سان پنهنجا سور سلڻ جو حق به هو. سونا جي جدائيءَ ۾ سچل جو برو حال هو. هر وقت هن جون يادون هونديون هئس ۽ گهر ۾ دل نه لڳندي هئس. سونا اميد سان ٿي ۽ پٽ ڄائس. جنهن ڏينهن پٽ ڄائس، ان ڏينهن سڀ خوش ٿيا. سونا به خوش هئي ۽ سونا جو مڙس به خوش هو. هن الاهي مٺائي ورهائي، ڳوٺن ۾ توڙي شهر ۾.... سونا جو پٽ اڃا مهنن جو ٿيو ته اوچتو سونا جي مڙس کي دل جو دورو پيو. هنکي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. چوٿين صبح جو سوير سونا پنهنجي مڙس واسطي جتوَنَ جي رَبَ ناهي. هوءَ روز رب ناهي مڙس لاءِ ڀاءُ هٿان اسپتال موڪليندي هئي. اهو ڏينهن ڇا هو سونا لاءِ قيامت جو ڏينهن هو. ڀاءُ ٿوري دير ۾ واپس اچي ويو ۽ ٻڌائين ته ادي سونا، ادا کي خبر ناهي ڇا ٿي ويو آهي ۽ چپ ڪيو ليٽيو پيو آهي ۽ ڳالهائي به نه ٿو. پوءِ سونا پنهنجي پيءُ کي موڪليو. پيءُ گهڻو ئي اٿلايو پٿلايو ۽ دل تي ڪن رکيو پر ڳالهه ختم هئي. دل بند هئي. اوچتو موت ٿيو هو. سونا واقعي ٿي

نياڳي هئي، تنڌهن ٿي تہ ايڏا ڏک پئي ڏٺائين. مڙس جو لاش گهر ۾ پيو هو. پاڻ سونا جي ننڍ سان هيرو لاٿو ۽ ٻانهہ مان چوڙيون بہ لاٿائين. سونا روئي روئي خدا کي پئي چوندي هئي تہ توئي سهارو ڏنو هو واپس نہ وٺين ها. هوءَ عدت ۾ ويٺي، چار مهنا ڏهہ ڏينهن. ويچاريءَ کي اهي ڏک ڏسڻا هئا. هوءَ گهر ۾ سڀڻ ۽ پرت پرڻ جو ڪم ڪندي هئي. ان جو جيڪو پيسو ملندو هوس، تنهن مان پنهنجو ۽ پنهنجي پٽ جو خرچ پئي ڪڍندي هئي . هوءَ پنهنجو پورهيو ڪندي هئي. هن جي ساهيڙين جي مدد ۽ همت افزائيءَ سان هن کي ايترو گهڻو ڪم ملڻ لڳو جو هن کي الاهي ڪمائي ٿيڻ لڳي. هوءَ پنهنجي تہ پوري ڪري ٿي سگهي پر پنهنجي غريب پيءُ کي بہ ٿورو گهڻو پئي ڏيندي هئي. هوءَ پنهنجي پٽ لاءِ پورهيو ڪندي هئي. هن کي پنهنجو پٽ پالڻو هو ۽ سڌارڻو هو .... هوڏانهن سچڻ جو هي حال هو جو هر وقت پيو سونا کي ڏسندو هو. پر سونا کي ڪابہ ڳالهہ نہ وڻندي هئي ۽ صفا نہ ڏسندي هئي . هن کي اهوئي ڏک هو تہ سچڻ شادي نہ ڪري ها ۽ پهرين سونا جي ڳالهہ ٻڌي ها ۽ هن سان شادي ڪري ها تہ هوءَ چو برباد ٿئي ها . سونا جي قسمت صرف سانوڻ خراب ڪئي هئي. اگر سانوڻ اهڙيون گنديون ڳالهيون نہ ڪري ها تہ اڄ سونا پنهنجي سچڻ جي لڄ هجي ها. سانوڻ ڏاڍو ڪميڻو ماڻهو آهي، تمام خراب نظرن سان ڇوڪرين کي ڏسندو آهي، نيت جو پليت آهي . هن سونا جي زندگي

برباد ڪري ڇڏي. شل خدا هن کي پنهنجي نيت لوڙائيندو.... سچل کي آسرو آهي ته هاڻي به سان سونا کي ضرور پنهنجو بنائيندس. هو صبح شام سونا کي ڏسڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو آهي. بيواهه ٿيڻ کان پوءِ پهرين ته سونا ايڏو ڏکويل هئي جو هوش ئي ڪونه هوس. جڏهن هوش آيس تڏهن سچل جي نگاهن ۾ وڌيڪ پيار محسوس ڪيائين. سونا هاڻي چاچيءَ جي گهر جو ڪم نه ڪندي آهي. هوءَ پنهنجو پورهيو ڪندي آهي. چاچي بدنام ڪرڻ کان باز نه ٿي اچي. چوندي وتي سونا، سچل ڏي نهاري ٿي، هن سان ڪچهريون ڪري ٿي. تنگ ٿي، سچل کي ڏنڊو ڪٽڻو پوندو آهي. سس ۽ زال کي دڙڪا ڏيندو آهي. ان ڪري هو به ٿي ڏينهن سٺو هلنديون آهن. پر ڪتي جي پڇ وانگر وري پنهنجي اصليت ۾ اچيو وڃن. سونالاءِ ماڻهيون ايندڙيون آهن. ته چاچي چوندي آهي ته اهي سونا جا يار آهن. سچل چوندو آهي ڪهڙي به آهي سونا جي جڳهه منهنجي دل ۾ آهي، منهنجي اکين ۾ آهي. چاچيءَ کي قبر ۾ وڃڻو ناهي، هن کي خدا جو خوف ناهي، هوءَ تمام ڪني ۽ ظالم عورت آهي، شايد قبر به هن کي جاهه نه ڏئي. سونا چاچيءَ جي باري ائين چوندي آهي. سونا ۽ سچل پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ پيار پريون ڳالهيون ڪندا آهن. ماڻهو ڏاڍو سڙن ٿا. ماڻهو ڏاڍيون ڳالهيون ناهين ٿا. سونا جي مٿان باهه ٻري وئي آهي. هن جا ايترا يار نڪري آيا آهن جيترا مٿي ۾ وار. خاندان اندر ڏهاڙي جهگهڙا ٿيندا رهن

ٿـا. سونا تہ پنهنجي سچڻ ڪانسواءِ ڪنهن کي بہ نہ ڏسندي آهي. سونـا فقط سچڻ لاءِ آهـي. پـر ظالم چاچـي ننڍي هوندي کان سونا کي پار ڏيڻ لڳي ۽ بيواهہ ٿيڻ تي بہ ڏيندي اچي. چوندا آهن تہ جيڪو انسان پاڻ خراب هوندو آهي، اهو ٻين کي بہ خراب سمجهندو آهي. چاچي اهو بہ وساري ٿي وهي تہ هن پاڻ ٻيي عشق ڪيو هـو. هوءَ ٻي ذات جي هئي ۽ ٻئي ڳوٺ جي هئي. پنهنجي مائٽن جي گهر مان ڀڄي نڪري چاچي وٽ آئي هئي ۽ هن سان شادي ڪئي هئائين. چاچو حيران ٿيو هو ۽ چيو هئائينس تہ مون توسان واعـدو ڪيو هو تـہ مان تنهنجي مـائٽن کان تنهنجو سنگ گهرندس ۽ توسان ضرور شادي ڪندس پوءِ تون ائين ڇو آئي آهين. ان چاچيءَ سونا تي الاهي تهمتون مڙهيون آهن. پر سچڻ اعتبار نہ ڪندو آهي. دنيا ڀلي چا بہ چوي، سونا ۽ سچڻ جي پاڻ ۾ الاهي محبت آهي، ۽ اها محبت قيامت تائين رهندي. دشمن هنن کي جدا ڪري نہ ٿا سگهن، سونا کي هاڻي نيون اميدون جاڳيون آهن. هـوءَ خدا کان دعا گهرنـدي آهي يـا پـروردگار مان ڪنهن تـي ظلم نـہ ٿي ڪريان، مونکي هر ظلم کان بچاءِ. سونا ننڍي هوندي کان سچڻ کي پيار ٿي ڪري، دل جان سان هنکي چاهي ٿـي. سونـا، سچڻ کي ان وقت کان چاهي ٿـي جڏهن هـو اڃـا ٽڪاري ڪٽندو هو. هن سچڻ جي ملڪيت ڪو نہ ڏٺي هئي. هن صرف سچڻ کي چاهيو هو، صرف سچڻ کي. ۽ هاڻ چاچي مائهن کي چوي ٿي تہ سونا سچڻ جي دولت ڏسي هر کي

آهي، جو هاڻي هو عمارتن ٺهرائڻ وارو ٺيڪيدار بنجي ويو آهي. سڄڻ جا ٻار اينداآهن ته سونا انهن کي پنهنجي پٽ کان وڌيڪ پيار ڪندي آهي. ها، پنهنجي اولاد کان به وڌيڪ. پر ذليل چاچي سونا کي سڄڻ جا ٻار کڻڻ نه ڏيندي آهي ۽ سيني کي چوندي وتي ته ڏسو هاڻ سڄڻ جا ٻار ٿي ڪٺي، جيڪڏهن ٻارن کي نه کڻي ته روزي بند ٿي وڃيس، انڪري ٿي کڻي جو سڄڻ پئسا ٿو ڏئيس، نه کڻندي ته پئسا نه ملندس، روزيءَ تي لت اچي ويندس. تمام ظالم عورت آهي سونا جي چاچي. پر سڄڻ سونيءَ کي چوندو آهي ته پيار ئي مونکي پنهنجي ڏنڌي ۾ ڪامياب بنايو، تنهنجي پيار مون ۾ جيڪا خوشي ۽ جوش پيدا ڪندو رهيو ان ۾ مان الاهي شوق ۽ محنت سان ڪم ڪندو رهيس. سونا وري سڄڻ کي چوندي هئي ته پيار جي ڪري ئي مان دنيا وارن جا ايڏا ظلم برداشت ڪري سگهي آهيان. سونا سوچيندي آهي ته هاڻي ڏسجي ٿو ته سڄڻ مون کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ رکيو موقعي جي تاڙ ۾ آهي. هوءَ سوچيندي آهي ته مان اجا ٻارڙي هئس تڏهن ئي چاچيءَ مون کي ڀاڄ کوڙڻ شروع ڪيو هو. سامائس ته به ڀاڄ کوڙيندي رهي، ساري عمر مونکي ڀاڄ کوڙيندي رهي. هوءَ سوچيندي آهي ته هاڻي به جي سڄڻ مونکي پنهنجو ڪري ته پلي مان ڏهن ڇٽين جي ڀاڄ ٻڄان ته به مونکي دنيا جون هڙئي خوشيون ملي وينديون. سونا جيڪو راڳ جهونگهاريندي رهندي آهي ۽ پنهنجي هيءَ کهاڻي هيستائين لکڻ وقت به

جهونگاري پئي، سو هي آهي:

پلي سڄي دنيا بدلجي وڃي،
پر شال سڄڻ نه بدلجي.
سارو لوڪ رسي تان رسي،
شال منهنجو سڄڻ نه رسي.

*   *

جي مان هن خط جي ڳالهين مان ڪهاڻي پيدا ڪريان ها ته مکيه ڪردار سونا، جا گونگي، بيجان بوتو، روايتي مظلوميت جي مورت ۽ زندگيءَ کان خالي ٿي لڳي، تنهن کي سماج جو باغي ۽ گهٽو ڪجهه ڪري ڏيکاريندڙ ڏيکاريان ها. اهڙي طرح سڄڻ کي پڻ. ڇو ته پيار ماڻهوءَ ۾ تڙپ، بيتابي ۽ سرگرميءَ سان گڏ همت، بهادري ۽ بغاوت جا جذبا پيدا ڪري ڇڏيندو آهي.

هاڻي اها ذهنيت ختم ٿيڻ کپي ته: الله اچن اوهه جن آئي من سرهو ٿئي. اوهه جي لاءِ گهر ۾ ويهي انتظار نه ڪبو پر گهر کان ٻاهر نڪري هٿ پير هلائي، جستجو ڪري، جاکوڙ ڪري، جان جي بازي لڳائي به پاڻ اوهه وٽ پهچبو.

پيا جيڪي ڪردار به مئل، بي زبان، رضا تي راضي ۽ سڀ ڪجهه صبر سان سهندڙ نظر اچن ٿا، تن کي به هڪ

حد تي پهچي، پنهنجي پيڙهيندڙن ۽ آزاريندڙن سان مقابلو ڪندي ڏيکاريان ها. اهو انڪري ڪريان هو جو ادب جو ڪم آهي: جيون جئن آهي ان جو اپياس، ۽ جئن ٿيڻ کپي ان لاءِ اتساهه پيدا ڪرڻ.

30 آڪٽوبر 1981

سوچون سرويچن جون

آئرلنڊ جي بيلفاسٽ شهر جي رستن ۽ راهن تي آواز گونجڻ لڳو: ”بابي سئنڊس مري ويو، نڪري اچو ميدان تي.“ نوجوان لائوڊ اسپيڪرن تي ڪاوڙ ڀريل چهرن ۽ جوش سان تمتار آوازن سان واڪا ڪري رهيا هئا:

بابي سئنڊس مري ويو،
بابي سئنڊس ديس لاءِ مري ويو،
بابي سئنڊس بک هڙتال ڪري ديس لاءِ مري ويو.
نڪري اچو،
نڪري اچو ميدان تي،
نڪري اچو عمل جي ميدان تي ....

* *

تار درياهه جي ڀڪل بند مان وهندڙ پاڻيءَ جي تيزي سان ماڻهن جا هشام گهٽين ۽ بازارين ۾ اٿلي پيا. پوليس ٿاڻن، سرڪاري آفيس، لشڪري لارين ۽ انگريز لشڪرين تي پٿرن، سروٽن، بوتلن ۽ مالوٽوف بمن سان حملا شروع ٿي ويا. موٽ ۾ سرڪاري قوتون، گئس جا گولا ۽ پلاسٽڪ جون گوليون وسائڻ لڳيون.

بابي سنڌس جو مڙھه تابوت ۾ رکيل ھو. بابي، جو ۾ مھنا اڳ ڪمزور بدن وارو، سگھارو ۽ زندگيءَ سان ڀرپور گوريلو ۽ گوريلا اڳواڻ ھو، سو ٦٦ ڏينھن جي بک ھڙتال ڪري، سڪي ھڏائون پڃرو ٿي ويو ھو. ھن جو بدن منسي ويو ھو ۽ ھن جو مٿو ننڍي ڇوڪري جي مٿي جيڏو ٿي ويو ھو. پنجاھه ھزار ماڻھو ھن جو مڙھه ڏسڻ، انگريزن خلاف پنھنجي نفرت ڏيکارڻ ۽ اتساھه حاصل ڪرڻ ۽ پنھنجي قوم جي ٻڌيءَ جو ثبوت ڏيڻ خاطر ھن جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پھچي ويا ھئا. ھن کي ڏسڻ لاءِ قطار ھلندي رھي ۽ چار ڏينھن ساندھه اھو سلسلو جاري رھيو. ڏسندڙن جي اکين مان ڳوڙھن جون لارون ٿي نڪتيون پر جوش ڪان ھنن جو منھن ڳاڙھو ٿي ٿي ويو ۽ مٺيون پڪوڙجي ٿي ويون. ان وقت ھر ھڪ: ٻڍو، ٻار ۽ ڪيڙو، ٿئين جنبي سان پنھنجي ديس کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ٿئين سر وچن ٿي ورجايو:

”اسان پنھنجي ڌرتيءَ کي ڌاريڻ کان آجو ڪرائي پوءِ دم پٽينداسين.“

”اسان سڪتا نعرا ھڻو گھڻو اڳ چڏي ڏنا آھن، ھاڻي اسان جي ڪارروائين کي سامراجي ھٿيارن جو طوفان به روڪي نه سگھندو.“

”تنھنجي موت اسان جي قوم جي ٻڌيءَ کي وڌيڪ پختو ڪيو آھي.“

”اسان جي دشمن جي بجاءِ ۾ مھاڻتا واسطي سرڪاري

لشڪر آھي، پر اسان پاڻ لشڪر آھيون ۽ بمن ۽ گولين جو استعمال سکي ويا آھيون."

"اسان آزاديءَ خاطر موت جي آجيان ڪرڻ واري قوم آھيون."

"پرمارن جي بنايل قانون تي ھلي اسين آزادي حاصل ڪري نہ سگھنداسين. ان واسطي اسان کي پنھنجي ذھن ۽ زور جا طريقا اختيار ڪرڻا پوندا."

"اسان کي ھاڻي وڏيڪ پڪ ٿي آھي تہ ظالم سامراج جيترو مظلوم جي قوميت جي جذبي کان ڊڄي ٿو ايترو ائٽم بم کان بہ نہ ٿو ڊڄي."

"اسين توسان ان ۾ سھمت آھيون تہ ڄڻ تہ انگريزن جي موجودگي اسان جي سرزمين تي ناجائز آھي، انگريزن جي ھر ڳالھہ ۽ ھر دعوي ناجائز آھي."

"توسان اسان جي ساري قوم جو سرويچ پٽ آھين، تون اسان جي ڌرتي ماتا جو سرويچ سپوت آھين."

بابي سڪندس جي رنڊڙ پوڙھي پيءُ ماءُ، نوجوان زال ۽ ياڊرن پيشرن ۽ ننڍڙن بارن کي پرچائڻ لاءِ ساري قوم موجود ھئي.

* *

بک ھڙتال جو سامرو ھن جيل ۾ ٿي مھنا کن اڳ شروع ٿيو ھو. ھتي آئرش عوامي لشڪر جا سوين سپاھي قيدي ھئا، اندر بہ ھنن جون ڪنھن نہ ڪنھن نموني ميٽنگون ٿينديون رھنديون ھيون. ھڪڙي ڏينھن سنڌن پارٽيءَ جي

سياسي قيدين ۽ نظربندين مٿان ٿيندڙ ظلمن ۽ زيادتين جو وچور پيش ٿيو:

”اسان جي ماڻھن کي ھر قسم جا جسماني، دماغي ۽ ذھني ايذاءَ پھچايا ٿا وڃن: ھنن کي بجليءَ سان ڏڏڪا ڏنا ٿا وڃن، دماغ خراب ڪرڻ واريون سيون لڳايون ٿيون وڃن ۽ وحشي نموني مارڪٽ ڪئي ٿي وڃي. اھڙن پٿريلن ميدانن تي ڊوڙايو ٿو وڃي جن تي ڀڳل شيشن جا ٽڪرا، ڪنڊا ۽ پٿريون وڇايل ھونديون آھن. اسان جي ھڪڙي ساٿيءَ کي ساندھ ٣٦ ڪلاڪ بدن بنا چرڻ پرڻ ۽ بنا اکيون ڦيرائڻ ھڪڙي نقطي تي نھارڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. ان دوران ھن کي نه ننڊ ڪرڻ ڏني وئي ۽ نه ڪاڏو ڪارايو ويو. ٻئي ھڪ ساٿيءَ کي ”راڻيءَ کي خدا ڊگھي عمر ڏني“ وارو گيت نه ڳائڻ تي ٽن سپاھين مڪن، ٺونشن ۽ بندوقن جي ڪنداقن سان ايترو زور سان ماريو جو ھو ڪيترائي ڏينھن بيھوش رھيو. اسان جي ساٿين کي راز ٻڌائڻ لاءِ ڪيترا ڏينھن ۽ راتيون لاڳيتو ننڊ نه ڪرڻ ڏني ويندي آھي، کاڌي کان محروم رکيو ويندو آھي ۽ ھڪڙي پوزيشن ۾ بيھڻ تي مجبور ڪيو ويندو آھي. بجليءَ جي اوزارن سان ڪوئڙين ۾ ايڏو شور ۽ غوغاءُ برپا ڪيو ويندو آھي جو اھو دماغي توازن وڃائي وھندا آھن، ھنن جي اگھاڙن جسمن تي ٻريل سگريٽ سان ڏنب ڏنا ويندا آھن، سپاھي ھنن مٿان مُتيندا آھن، ھنن جي ننھن ھيٺان سيوڙ چڀائيندا آھن، وار پٽيندا آھن ۽ وارن کان جھلي ميلن جا

ميل کهليندا آهن ۽ خاص عضون کي بجليءَ جا شاڪ ڏيندا آهن، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻه ٻه ٽي ٽي سپاهي فوٽ بال وانگر ٺڏا هڻندا آهن."

هي قيدي جدا جدا الزامن ۾ پنجن کان پنجويهن سالن تائين سزا ڪاٽي رهيا هئا ۽ سڀ نوجوان هئا، جن جي عمر ويهن ۽ ٽيهن سالن جي وچ ۾ هئي. ڪنهن تي الزام هو ته هن انگريز سپاهين کي گولين جو نشانو بنايو، ڪنهن تي پوليس ٿاڻي تي حملي ڪرڻ جو، ڪنهن تي هٿيار گڏ ڪرڻ ۽ هٿيار رکڻ جو، ڪنهن تي بم سان انگريز سپاهي زخمي ڪرڻ جو، ڪنهن تي بم ڦاهڻ جو، ڪنهن تي لشڪري ٽرڪن تي بم اڇلڻ جو هو. هي ھڙئي آئرش عوامي لشڪر (آء-آر-اي) جا ميمبر هئا.

پوءِ هڪڙي ائين چيو "جيل اندر اهڙن ظلمن خلاف اسين احتجاج ڪندا رهيا آهيون، پر ڪٿ ٻيل ڪونه نڪتو آهي. هاڻي اسانکي انتهائي قدم کڻڻو پوندو. اصل ۾ جيل ۾ اسانجو اهڙو قدم، اسانجي سڄي ملڪ لاءِ علامتي قدم هوندو، چو ته اسانجي سڄي ديس ۾ سامراجين جي ظلم جو راڄ آهي. اسانجي ديس کي اسان لاءِ وڏي جيل ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ۽ اسانجي قوم تي ظلم، پرماريت ۽ ڏاڍائيءَ جي انتها ٿي رهي آهي. اسانجي گذران جي ذريعن تي ڌارين جو قبضو آهي ۽ اسانجون سڀ آزاديون ختم ڪيون ويون آهن. اسان لاءِ آهن سزائون، جسماني ۽ ذهني ايذاءَ، جيل، ڦاسيون، محتاجي، غلامي، غربت ۽ بيروزگاري. ستن صدين کان

اسانکي غلام بنايو ويو آهي. جڏهن اسانجي قوم کي اها ساڃهه آئي تہ پورهيت ۽ هاري نئي قومي آزادي حاصل ڪري سگهن ٿا سا بہ هٿيار بند جاکوڙ ذريعي تہ اسان پورهيتن، هارين ۽ عوام مان آنرش عوامي لشڪر جي تنظيم ڏاهي ۽ اها انگريز سامراجين جون هٿان پاڙون پٽي رهي آهي. اسان جي هيءَ تنظيم نہ رڳو هن ملڪ ۾ هنن جي اڏن ۽ وٿاڻن تي حملا ڪري رهي آهن، پر سندن ملڪ جي وڏي ۾ وڏي شهر لنڊن ۾ بہ سندن لشڪري اڏن، لشڪري مهندارن ۽ بزارين ۾ بمن جا ڌماڪا ڪري رهي آهي. اهڙي طرح اسان جي هيءَ بک هڙتال بہ سامراجي انگريز حڪومت سان آنرش عوامي لشڪر جي قومي آزادي جي جنگ جي علامت آهي."

بحث مباحثي ۽ سوچ ويچار کانپوءِ فيصلو ڪيو ويو تہ مرڻ تائين بک هڙتال جي مهم شروع ڪجي. خيالن جي ڏي وٺ کانپوءِ هو انهيءَ نتيجي تي پهتا تہ اهڙي نموني بک هڙتال ۾ مرڻ پنهنجي قومي آزاديءَ لاءِ جنگ جي ميدان تي لڙندي مرڻ جي برابر آهي. هو سڀ پنهنجي ديس جا سرويچ هئا ۽ اهڙي قسم جي قربانيءَ لاءِ تيار. جيڪو بک هڙتال تي ويهندو ان کي اڳواٽ سڀ ڪجهہ سوچڻو هو. هو وچ ۾ ڪمزوري نہ ڏيکاريندو. نہ کاڌو کائيندو ۽ نہ ڪا دوا درمل قبول ڪندو. مائٽن کي بہ پڌائيندو يا هنن کان موڪل وٺندو جئن بيهوشيءَ جي حالت ۾ بہ نہ هنجو علاج ڪرائن ۽ نہ هن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪن. چار ڄڻا تيار ڪيا ويا. هو ڄڻن ڄڻن ڏينهن جي وٿيءَ سان بک هڙتال

شروع ڪندا ۽ پوءِ انھن سان جيڪو سرندو ويندو تنھنجي جاءِ نئون سرويچ پريندو ويندو، ايستائين جيستائين مقصد حاصل ٿئي.

شروعات بابي سٽنبس ڪئي.

بابي سائين کي ٻڌائيندو ھو: ”مان جڏھن پنھنجي ماحول کي سمجھڻ جھڙو ٿيس تہ اھو ڏسي ڏاڍي چڙ ورندي ھئم تہ اسين آئرش پنھنجي ملڪ آئرلنڊ ۾ ڏتڙيل ۽ محتاج آھيون پر غير آئرش انگريز، حاڪم ۽ خوشحال آھن. شھر جي صاف سٿرن، بجليءَ سان چمڪندڙ، ويڪرن پڪن رستن ۽ شاندار عمارتن وارن پاڙن ۾ لڏي آيل انگريز تيا رھن ۽ گندن، اونداھن، ڪچن رستن ۽ زبون جڳھين وارن اجڙيل پاڙن ۾ اسين آئرش. ڪورس جي ڪتابن ۾ آئرلنڊ جي تاريخ ۽ اتھاس ۽ آئرش قديم ادب کي صفا نظرانداز ڪيو ويو ھو. صرف پيٽ ۽ سگھڙ گوٺ گوٺ ۾ گجھي طرح ھلندي اسانجي تھذيب کي بچائي سگھيا. اسڪولن، آفيسن ۽ بزارين ۾ ڏاري ٻولي انگريزي ھلندي ھئي ۽ اسانکي بہ اتي اھا ٻولي ڳالھائڻي ۽ سکڻي پوندي ھئي. واپار ۽ نوڪرين تي بہ ڌارين جو قبضو ھوندو ھو. مان سٺو رانديگر ھوندو ھوس، سون ھڪڙي ڪارخاني ۾ مزوري ڪرڻ شروع ڪئي. ھڪ رات غير قوم جي غنڊن اوچتو اسانجي گھر تي حملو ڪيو ۽ اسان جي گھر جو سامان سڙو ۽ در دريون ٽوڙي ڦوڙي تباھ ڪري ڇڏيون. حالتون اھڙيون بنايون ويون جو اسانجي خاندان کي اھو شھر ڇڏڻو پيو. ڏوھ اھو

ھو جو ڪارخاني جي مزورن جي يونين جو مان سرگرم ڪارڪن بنجي ويو ھوس. مون سامراج انگريزن جي ڏمر ۽ ڏاڍاين ڪري ڪوڙن گھر ۽ خاندان تباھ ٿيندي ڏٺا؛ پيئرن ۽ پٽن جي گرفتاري، ساڙي وارن تي ظلم، دوستن جا قتل، گئس، گوليون ۽ رت. سڀ ڪجھ اسانجي سامھون تي. اھڙيون حالتون ڏسي مان ١٨ سالن جي عمر ۾ گوريلو بنجي ويس. پوءِ منھنجيون راتيون اوجاڳن ۾ گذرڻ لڳيون. انگريزن سان مقابلو ۽ انگريزن کي ڪيڻ جي تحريڪن ۾ سرگرمي. اسانجو عوام اسان سان ھو. ھو نہ رڳو پنھنجي گھر جا دروازا اسان لاءِ کوليندا ھئا، پر پنھنجيون دليون پڻ. مون محسوس ڪيو تہ عوام کانسواءِ اسين ڪجھ نہ ٿا ڪري سگھون، اسين جو ڪجھ آھيون عوام جي محابي آھيون."

بک ھڙتال جي باري ۾ چيائين "ھن مھم ۾ ڪوبہ اسانجا پيرا ڪوڙي نہ ٿو سگھي. اسانجي سياسي پارٽي ۾ لشڪري تنظيم پنھنجيون پاڙون پختيون ڪري چڪي آھي. تنظيم جي تجربيڪاري ۽ مضبوطيءَ جو معمولي مثال اھو آھي تہ ٻن ٿاھڻ وارو ھمراھ، نھيل ٻہ ڪنھن ٽئي ھمراھ جي حوالي ڪندو آھي، جو وري ٽئين ھمراھ کي پھچائيندو آھي، جنھن کي اھو ٻہ وڃي مقرر نشاني تي رکڻو ھوندو آھي. چوڻ جي ڳالھ اھا آھي تہ ٻہ ٿاھڻ واري کي نشاني تي ٻہ رکڻ واري ھن ٽئين ھمراھ جي باري ۾ ڪا ڄاڻ ڪانہ ھوندي آھي ۽ نہ ٽئين کي ٻہ ٿاھڻ واري جي خبر.

اسانجي ساٿين کي جيل ۾ هيڏا ايذاءَ ڏنا وڃن ٿا پر ڪوبه پارٽيءَ جا ڪجهه ڪونه ٿو ٻڌائي. اڃا به اڇرج واري ڳالهه اسانجي ساٿي فرنئڪ هگس جي آهي. هنکي پوليس سان مقابلي ۾ اٺ گوليون لڳيون. هو گرفتار ٿي پيو. اسپتال ۾ هنکي بيهوش ڪري آپريشن ڪرڻ چاهيائون. پر هن بيهوشيءَ واري دوا سنگهڻ کان انڪار ڪيو ته متان بيهوشيءَ ۾ مون کان پارٽيءَ جا راز معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ هونءَ به هو اهڙو بهادر هو جو بنا بيهوشيءَ جي پنهنجي ٽنگ مان گوليون ڪيرائڻ جي آپريشن ڪرايائين."

بابيءَ جي هن وقت عمر ۲۷ سال هئي. هو ۱۸ سالن جي عمر کان هيل تائين ٽوٽي سال جيل ۾ رهيو هو، وچ ۾ فقط ڇهه مهنا ٻاهر نڪتو هو. پهرين ڀيري هن کي انڪري قيد جي سزا ملي هئي جو جنهن گهر ۾ هو اڪيلو هو ان گهر مان ڪجهه پراڻيون بندوقون نڪتيون هيون ۽ ٻئي ڀيري هن کي ان الزام هيٺ سزا ڏني وئي هئي ته هن انگريزن جي لشڪر جي هڪ ٽرڪ تي بم اڇلائڻ ۾ حصو ورتو هو، جنهن ۾ ڇهه سپاهي ڦٽيا هئا.

* *

بک هڙتال کي پيو ڏينهن اٿس. بک جا چڪ هنکي بي آرامي بنائي رهيا آهن. پيٽ ۾ وڪڙ پيا پونس. وات ۽ نڙي سڪي ٿا وڃنس. زبان ڦيرائي انهن کي آلو ٿو ڪري. پرسان ٽپائيءَ تي ڪاڏي جون پليٽون پريون پيون آهن. ڪوشش ٿو

ڪري ته انهن ڏي نه نهاري. تنهن هوندي به وقتي وقتي هنجون نظرون اوڏانهن کڃي وڃن ٿيون. وات ۾ پاڻي ٿو اچي وڃيس. دماغ مان ڪاڏي جا خيال ڪيڻ خاطر هو پنهنجي ملڪ آئرلنڊ جي تاريخ کي دل ۾ ورجائي ٿو ۽ ان تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري ٿو .... اٺ سؤ سال اڳ انگريزن پنهنجي حرفت بازي ۽ مڪاريءَ سان آئرلنڊ ۾ پنهنجو راڄ قائم ڪيو. اها سامراج انگريز جي پهرين بيٺڪ هئي. پوءِ آئرلنڊ جون زرخيز زمينون انگريز لارڊن ۽ زميندارن کي ڏنيون ويون. هنن پنهنجا هاري به پنهنجي وطن مان آندا. پين ڪيترن انگريزن به هن سهڻي ۽ سرسبز ملڪ جو رخ ڪيو ۽ هتي آباد ٿيندا ويا ۽ انهن جو ڳاٽائو ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. پئي پاسي آئرلنڊ جا هارين سميت سڀ رهاڪو محتاجي ۽ محروميءَ جو شڪار ٿيندا ويا. آخر ١٩٢٠ع ۾ آئرشن قومي جنگ ذريعي انگريزن کان آزادي حاصل ڪئي. پر آئرلنڊ جو اتريون ڇهن ضلعن جو ڀاڱو، جتي لڏي آيل انگريز آبادڪار تمام گهڻي گهڻائيءَ ۾ آباد ٿي ويا هئا، سو انگريزن جي قبضي ۾ رهجي ويو. ان ورڇ جي ڪري اتر آئرلنڊ چئجي ٿو ۽ اتي اڄا تائين انگريزن جو راڄ آهي ۽ انگريزن ان ورڇ کي پنهنجي ملڪ انگلنڊ جو حصو بنائي ڇڏيو آهي. .... عام طرح آئرشن ۽ انگريزن جي جنگ کي مذهبي جنگ جو رنگ ڏنو وڃي ٿو. پر اها محض اتفاق جي ڳالهه آهي جو آئرلنڊ ۾ لڏي آيل آبادڪار انگريز پروٽيسٽنٽ مذهب جا آهن ۽ آئرش ڪيٿولڪ مذهب

جلد ورنه اصل ۾ اها جنگ سامراج ۽ قوم پرستن، ظالمن ۽ مظلومن ۽ ٻن قومن: انگريزن ۽ آئرشن جي آهي. اتر آئرلنڊ ۾ اتي جي اصلي رهاڪن آئرشن کي ٻئي ڪلاس جو شهري بنايو ويو آهي، هنن کي شهري ۽ انساني حقن کان وانجهو رکيو تو وڃي ۽ ڌاريا انگريز اتي ڪرسين تي براجمان آهن. هينئر اتر آئرلنڊ جا اصل رهاڪو پنهنجي قومي آزادي حاصل ڪرڻ ۽ سڄي آئرلنڊ کي ملائي هڪ بنائڻ لاءِ گوريلا جنگ لڙي رهيا آهن. ظاهري طرح هنن بک هڙتال ان لاءِ ڪئي آهي ته هنن کي ڏوهاري قيدي نه پر سياسي قيدي ڪري ليکيو وڃي، حقيقت ۾ اها بک هڙتال سامراجي راڄ خلاف احتجاج آهي. اها سامراجي تشدد خلاف اسانجي قومي جاکوڙ جي علامت آهي.... سامراجين پنهنجي نيتيءَ مطابق جئن دنيا جي ٻين ڪيچ ملڪن کي ورهائي ڇڏيو آهي تئن هنن آئرلنڊ جا ٻه ڀاڱا ڪري ڇڏيا. سامراج انگريز جون دنيا ۾ ٻيون بيشڪون ذري گهٽ هڙئي هنن کان آزادي حاصل ڪري چڪيون آهن، پر آئرلنڊ، جو اٺ سو سالن کان ۽ انگريزن جي پهرين بيٺڪ آهي، سا اڃا تائين هنن جي چنبي ۾ آهي. انجو مکيه سبب، اهو آهي ته هي ملڪ انگلنڊ سان لاڳيتو ۽ ويجهو آهي، ان ڪري ئي اڃا تائين انگريز ان تي پنهنجو قبضو قائم رکڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن.... سامراجي انگريز لشڪر هتي جي انگريزن جو پاسو وٺي تو ۽ هنن جي حفاظت ڪري ٿو ۽ هتي جا انگريز پورهيت ۽ هاري، سامراج انگريز حاڪمن جي پٺڀرائي ڪن ٿا. اسانجي قوم

وارن کي سرڪاري لشڪر ۾ ڪنهو نہ ٿو وڃي....

هڪ طرف ڏارين کي لکن جي ڳاٽيتي ۾ هتي آئي سهوليتون ٿي ڏنيون وڃون ۽ هو ڏينهان ڏينهن خوشحال ٿيندا ٿي ويا، ٻئي پاسي هتي جي اصلي رهاڪن لاءِ اهڙا معاشي مشڪل ٿي پيدا ڪيا ويا جو هنن جو جئڻ جنجال ٿي پيو ۽ هو پنهنجو ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ٿيا. خاص ڪري جڏهن ١٨٤٦ ۾ آئرلنڊ ۾ ڏڪار پيو ۽ لکين آئرش بک وگهي مري ويا، تڏهن لکين آئرش هاري ۽ پورهيت پنهنجو ديس ڇڏي، روزگار جي ڳولا ۾ آمريڪا، ڪئنادا ۽ آسٽريليا ڏانهن لڏي ويا جيتوڻيڪ لکين ڌاريا آئرلنڊ ۾ سکيا ستابا آباد ٿيا ويٺا رهيا. اهو ڏڪار بہ انگريز حاڪمن جي ظالم نيتيءَ ڪري ملڪ ۾ پيو. اهي زمينون جن تي آئرش هاري هئا، تن تي اناج پوکڻ جي پابندي وجهي اتي مال چارڻ لاءِ انگريز وڏيرن وڏا وڏا چراگاهہ لڳايا. ان چوپائي مال جو کير، گوشت، کلون ۽ اُنَ ٿيندي هئي سو سڀ انگريزن جي پنهنجي ملڪ انگلنڊ ڏي موڪليو ويندو هو. ان پاليسيءَ ڪري لکين آئرش هاري بي زمين، بي دخل ۽ بي روزگار ٿيا ۽ ملڪ ۾ اناج جي پيدائش بہ گهٽجي وئي ۽ ملڪ ۾ سخت ڏڪار پيو جو ڪيترا ئي سال قهر ڪندو رهيو.

هو دل ئي دل ۾ پنهنجي ڪهاڻي ”مان ۽ چنڊول“ دهرائي ٿو، جا هن پهرين پيري جيل ۾ وڃڻ جي شروعاتي سالن ۾ لکي هئي. (هيءَ ڪهاڻي منهنجي ڪتاب پر گهڙيءَ جي سنڌيءَ ۾ آندل آهي ۽ هلال مئگزين ۾ ڇپي.)

.... مان جڏهن پنهنجي چٽن ٽي طرفن ۾ وحشي ۽ ظالم عقابن جا چنبا پنهنجي جسم اندر ٽنبيل ڏسان ٿو، تڏهن مونکي ان دلير ۽ بهادر ”چنڊول“ پکيءَ جي ڪهاڻي ياد اچي ٿي جيڪا منهنجو ڏاڏو سمهڻ مهل مونکي ٻڌائيندو هو:

ڪنهن زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن هر شيءِ پنهنجي مرضيءَ سان زنده رهڻ جي ڳالهه ڪندي هئي. هر چر پر ڪنڌڙ جيوت هئي جي خواهش يا مرضيءَ سان زندگي گهارڻ ڪان نفرت ڪرڻ لڳي هئي. غلاميءَ خلاف هڪ وڏو اٿاهه جذبو هو. سڄاڳيءَ جي لهر هر شيءِ کي آزاديءَ جو سبق ڏيئي ڇڏيو هو.

ان زماني جي ڪهاڻي آهي ته ڪنهن سفاڪ ۽ قهري ماريءَ هڪ چنڊول پکيءَ کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي ورتو. چنڊول کي قيد ڪري ماري گهر آيو ۽ چنڊول کي حڪم ڪيائين: ”هاڻ منهنجي حڪم جي تعميل ڪر، صبح اٿي منهنجي ساراهه جا گيت ڳاءِ.“

چنڊول پاڻ کي پڃري ۾ بند ڏسي، ماريءَ کي مخاطب ٿي چيو: ”تو جهڙي قهري ۽ ظالم لاءِ گيت ڳائڻ کان سٺو آهي ته موت کي پنهنجي سيني سان لڳايان.“

ماري چنڊول کي انهن گستاخ لفظن جي سزا ڏيڻ لاءِ اٿيو ۽ لڪڻ هٿ ڪيائين جنهن سان چنڊول جو ماس ڪنين سان لهي ويو. ماريءَ وري چيو: ”منهنجي لاءِ چوءِ ته مان عظيم آهيان .... چوءِ مان انصاف وارو آهيان .... نه ته ٻي صورت ۾ ماري ڇڏيندوسانءِ.“

چنڊول سور پئندي چيو: ”ماري چڏ ماري چڏ، باقي تو جهڙي ذليل جي شان ۾ قصيدا مان نہ ڳائيندس. گوڏن ڀر جهڪي جئڻ کان پيرن ڀر بيهي مرڻ بهتر ٿو سمجهان.“

اها للڪار ماريءَ کي ڏکي لڳي. پوءِ هن چنڊول جي پڃري ڀاهران ڪارو ڪپڙو ويڙهي، هنکي هڪڙي اونداهي غار ۾ ڇڏي آيو. پورو هڪڙو ڏينهن لنگهي ويو، نہ هنکي داڻو مليو نہ پاڻي . پوءِ پڃري ٻاهران ماريءَ چنڊول کي سڏ ڪري پڇيو ”تون منهنجا گيت ڳاءِ. آءٌ توکي سٺا ميوا ۽ سٺا ڪاڏا ڏيندس .“

چنڊول، جنهن غلاميءَ کان نفرت ڪئي هئي، بک ۽ اڃ جي ڪري ڪمزور ٿي ويو هو، تنهن پنهنجي جهيڻي آواز ۾ ورندي ڏني: ”آءٌ گيت ڳائيندس آزاديءَ جا، تو جهڙي چنگيز جي ساراهہ جا ڏيک ڀرڻ کان بک ۽ اڃ مرڻ ٺيڪ آهي .“

ماريءَ وڏو ٺهڪ ڏنو ....

آخرڪار چنڊول پکي ڇهبڪن جي ڌڪن جي سور کان ۽ بک ۽ اڃ کان مري امر ٿي ويو.

اڄ هن، اک نہ ڏسي گوڏي جهڙي اونداهي ڪاري ڪوٺيءَ ۾ ڦاٽکي ان مظلوم ۽ دلير پکيءَ جيان سمجهان ٿو. اهو چنڊول مون وانگر هو يا مان چنڊول جهڙو آهيان، پر اسان ٻنهي ۾ آزاديءَ جي تڙپ ساڳي آهي. مان ۽ چنڊول، ٻين عام قيدين يا ٽتر جهڙن پکين مان نہ آهيون، جيڪي ظالم اڳيان جهڪي، هنن جي خوشامد

ڪريون ۽ پنھنجن ڀين ڀائرن کي گرفتار ڪرايون ۽ دام ۾ ڦاسايون. ڇو ته اسين ٻئي دلال نه آهيون، اسين ٻئي سورما ۽ دلير آهيون، تڏهن ٿي ته اسانجي زندگيءَ ۾ هڪجهڙائي آهي.

جيڪڏهن مون هنن جي حڪمن جي پيروي ڪئي ته پوءِ مون، انسان ۽ مشين ۾ ڪهڙو فرق آهي، جيڪا ٻئي دٻائڻ سان حڪم جي پيروي ڪري ٿي.

مان آزاديءَ جو اعلان ڪريان ٿو. منهنجي هن آواز کي هي جيل جون ديوارون روڪي نه ٿيون سگهن، ڇو ته مان پنهنجي ديس جي آزادي چاهيان ٿو. هن وقت ته قيديءَ جي حيثيت ۾ وڙهان پيو، پر ٻاهر به آزاديءَ خاطر لڙندو آيو آهيان. مونکي سازشن ۽ سزائن جي پرواهه ناهي، ڇاڪاڻ ته منهنجا ارادا چنبول جي ارادن جهڙا آهن.

مونکي به چنبول وانگي اونداهي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ رکيو ويو آهي ۽ منهنجي بدن کي اگهاڙو ڪيو ويو آهي. جسم کي بک ڏني وئي آهي، پر منهنجي ارادي جي قوت ۾ ڪابه تبديلي ڪانه آئي آهي. دشمن مونکي اصولن تان هٽائڻ چاهين ٿا، هو مونکي بزدل ۽ ڀاڙيو بڻائڻ چاهين ٿا، پر هن سالن جي قيد جي سختين مونکي هيسائڻ ۽ دٻائڻ بدران منهنجي ارادن کي اڃا به وڌيڪ سگهارو بڻايو آهي. منهنجا ۽ منهنجي ديس جا، روح جا رشتا آهن. آءٌ آزاديءَ جو پروانو آهيان، هنن عذابن، سختين ۽ بکن مونکي وڌيڪ سگهارو بڻايو آهي.

مونکي اها خبر آهي تہ ويچاري چنبول وانگي هي مون کي مارڻ چاهين ٿا ۽ مونکي بہ بيگناهہ قتل ڪيو ويندو، پر هنن اڳيان جهڪي، پنهنجن سائيهہ جي سانگيئڙن سان غداري ڪونہ ڪندس.

ڏاڏي جي ڪهاڻي اڃا ختم نہ ٿي آهي. اها ڪهاڻي ٻڌندي آخر ۾ سوال ڪندو هوس: ”ڏاڏا! جنهن چنبول سان ايترو ظلم ڪري ويچاري کي بيگناهہ ايذاءَ رسايا، ان ظالم جو ڇا ٿيندو؟“

ڏاڏو جواب ڏيندو هو:

”منهنجا پٽ، هڪ ڏينهن اهو ساري پنهنجي وڇايل ڄار ۾ ڦاسي پوندو. پوءِ هن کي ڇڏائڻ وارو ڪو ڪونہ هوندو. اهو سگهارو راڪاس آهستي هيٺو ٿيندو ويندو. هو چيخون ڪندو، رڙيون ۽ ڪوڪاٽ ڪندو، پر هنکي ڇڏائڻ وارو ڪو ڪونہ هوندو.... ۽ پوءِ چنبول جا ساٿي پکي هن جون اکيون چڪي ڪڍي ڇڏيندا ۽ هن جو ماس ٻگهڙن جو کاڄ ٿي ويندو. پوءِ ظلم ختم ٿي ويندو ۽ چنبول جا ننڍڙا ننڍڙا ۽ معصوم پيارا پيارا ٻچا ٻول هن ماڙيءَ ۾ گونجندا رهندا.“

(ترجمو ٿيل ڪهاڻي پوري ٿي.)

* *

هن کي ”ظلم جي انتها“ جي عنوان واري پمفليٽ جو خيال آيو. آئرش اڳواڻ برينڊن باريٽ اها ١٨٨٠ ۾ جيل اندر لکي هئي ۽ ڪنهن نموني ٻاهر گهوٽ گهوٽ ۾ پهتي هئي.

بابيءَ اها پرائي پمفليٽ ايترا ڀيرا پڙهي هئي جو هن کي بر زبان ياد ٿي وئي هئي. ان جو مضمون ڪجهه هن ريت هو.... آئرلنڊ جي عوام کي هن خطري کان خبردار ٿيڻ گهرجي تہ انگريزن جي آئرلنڊ جي والار اسپينين جي لٽڻ آمريڪا جي ملڪن جي والار کان وڌيڪ ظالم ۽ خطرناڪ ارادي جي ڏس ڏيندڙ آهي. اسپينين پوري سٺاءَ سان ويهه لک اتي جي اصلي باشندن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي جڳهه تي آفريڪا سان اوترائي شيدي غلام آندا. ان طرح هڪ ٿي وار ۾ اتي جي اصلي تهذيب مٽائي ڇڏيائون.

انگريزن، هندستان ۽ ويسٽ انڊيز جهڙن ملڪن ۾ ٻيو نمونو اختيار ڪيو. اتي سوڀ حاصل ڪرڻ کان پوءِ اتي جي راجائن، مهاراجائن، نوابن، ميرن ۽ ٻين علاقائي حاڪمن سان عهدناما ڪري، انهن کي فرمانبردار بنائي، پوري ملڪ تي راڄ ڪرڻ لڳا. جيتوڻيڪ اتي انگريزي قانون، انگريزي تعليم، انگريزي ٻولي ۽ انگريزي انتظام مڙهيا ويا، پر علاقائي تهذيبن سان هٿ چراند نہ ڪئي وئي.

آئرلنڊ فتح ڪرڻ سان انگريزن، اسپينين واري واٽ ورتي ۽ ديسي مٽائي ڇڏيو. اسپينين تہ رڳو ديسين کي قتل ڪري انهن جي جاءِ تي ڌاريا آندا، پر انگريزن آئرلنڊ ۾ ديسين مٿان ڌاريا مڙهي، ديسين کي معاشي موت مرڻ لاءِ ڌڪيو.

آئرلنڊ ۾ انگريزن جي نيت نہ رڳو والارڻ، حڪومت

هلائڻ ۾ پرماريت ڪرڻ هئي پر آڌرش تهذيب صفا ختم ڪري انگريزي تهذيب، جا اتي جي رهاڪن لاء صفا اوپري هئي، سا مڙهڻ هئي. ٻوهه سان، دٻاء سان، بندوق سان ۽ هٿرادو قانون ذريعي انگريزن ، آڌرش کي پنهنجي ٻولي ، پنهنجي مذهب ، پنهنجي تاريخ ، پنهنجي ادب ، پنهنجين روايتن ۾ پنهنجين ريتن رسمن کان وانجهو ڪرڻ جا وس پئي ڪيا آهن. هنن جو آخري ارادو آڌرش ماڻهن کي سياسي ۽ سماجي طرح ٻوتو بنائي هنن کي انگريزي قالب ۾ موڙڻو آهي.

* *

ٻڪ هڙتال جو ٽيون ڏينهن آهي. خالي پيٽ هن کي سمهڻ نه ٿو ڏئي. هن جي لوچ پوچ بيحد وڌي وئي آهي. هو اٿي هن ننڍڙي ڪوٺيءَ ۾ اچ وڃ ڪري ٿو. شيخن واري دريءَ مان ٻاهرين دنيا ڏي نهاري، خيال مٽائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن جي پيٽ ۾ ويلو اهڙو زور سان اپري ٿو جو هو سهي نه ٿو سگهي ۽ ڦان ٿي نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪٽ تي ڪري پوي ٿو. هو ڏاڍي مشڪل سان وات مان نڪرندڙ رڙ کي روڪي سگهي ٿو. هو رڙ جو روپ مٽائڻ واسطي بلند آواز ۾ پنهنجي ديس جو قومي گيت ڳائڻ لڳي ٿو. هو ڪجهه ٿاپر محسوس ڪري ٿو. پرسان رکيل ڪاٺي ڏي نهاري ٿو . وري اتان نظر هٽائي چور وانگر دريءَ ڏانهن ۽ در جي چيرن ڏانهن ڏسي ٿو ڄڻ ته سوچيندو هجي ته جيڪڏهن ڪو ڏسندو نه هجي ته ڪاٺي جا ڪجهه گرهه

ڪائي وٺان. اتي ٻي وڏو ٺهڪ ڏئي ٿو. هن بـڪ هڙتال ۾ لوڻ ڪائڻ ۽ پاڻي پيڻ جي موڪل آهي. اهي ٻئي شيون ٻه ٻر واري ٽپائيءَ تي موجود آهن. هو اٿي پاڻيءَ جو اڌ گلاس پئي ٿو ۽ لوڻ جي چپٽي ٻري وات ۾ وجهي ٿو. ڪاڪوس ۾ وڃي اتي رکيل صفائيءَ واري ڪاڳر تي پنهنجا جذبا ۽ ڪيفيت لکي ٿو. هن کي سگريٽ پيڻ جي سخ ڪانهي. هن جا سـاٿي درن ۽ درين جي وٿين مـان سگريٽ جـا اجهلائيندا رهن ٿا. هو سوٽن مٿي سوٽا هڻي رهيو آهي.

* *

بـڪ هڙتال جـو پنجون ڏينهن آهـي. جيل اختياريءَ وارا ڏهاڙي صبح جو نيرن جي ماني هن جي پرسان رکيل ٽپائي تي رکي ويندا آهن ۽ اها ايستائين پئي هوندي آهي جيستائين منجهند جي ماني کڻي اچـن. منجهند جـي مانـي ايستائين رکي هوندي آهي جيستائين رات جـي مانـي کڻي اچـن ۽ رات جي ماني صبح جو نيرن اچڻ تائين پئي هوندي آهي. اهڙي طرح هن جي پرسان کاڌو هر وقت موجود رهي ٿو. اختياريءَ وارن جو مقصد اهو هوندو آهـي تـه ممڪن آهي تہ قيدي ڪنهن بـہ وقت ياڙي تـي پوي. هو کـاڌي ڏانهن وڏي چڪ محسوس ڪري ٿو ۽ بار بار هٻڇي نگاهن سان ان کي ڏسي ٿو. هـن کي کاڌي جون شيون پنهنجي اصلي مـاپ کان وڏيون نظر اچن ٿيون. مٽر هن کي انگورن جيڏا نظر اچن ٿا ۽ ڊبل روٽيءَ جو سلائيس (ٽڪرو) چڱي چوکي ٿلهي ڪتاب جهڙو ڏسجي ٿو. هن جي سنگهڻ جو

حس ڏاڍو تيز ٿي ويو آهي. ڪاڏي جو سڳنڌ هن جي دماغ تي چڙهي چڪ هن کي چيڙائي رهيو آهي. ڪاڏي کي ڏسڻ کان سواءِ ۽ اهو اچا بري ڪان ڪچيو پيو ٿو اچي ته ه.و ان جي سرهاڻ جهٽي ٿو وٺي.... هو پاڻ کي روڪي سگهي ٿو. هو سوچي ٿو ته جنهن مقصد واسطي سون هيءَ مهم شروع ڪئي آهي، سو منهنجي جسماني ضرورتن کان وڌيڪ بلند ۽ منهنجي حياتيءَ کان وڌيڪ اهم آهي. ڪاڏو ماڻهوءَ کي سدا حيات بنائي نه ٿو سگهي. پر منهنجي هيءَ بک شايد منهنجي ايندڙ نسلن ۽ اسان جي قوم کي دائمي بک کان ڇوٽڪارو ڏئي سگهي . سون کي مانيءَ جي ڏاڍي ڌانگهه ٿي ٿئي، مان ٻوڙ سان هڪڙو گرهه ، صرف هڪڙو گرهه کائڻ لاءِ بيتاب ٿي ٿو وڃان، پر مان پاڻ کي روڪي ٿو وڃان منهنجو جسم اهڙو مقابلو ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ سگهه پيدا ڪري ويو آهي. اهو سڀ ڪجهه منهنجي من جي ٻَل ڪري آهي، اها سڀ جي سگهه منهنجي من جي ان ويچار سان پيدا ٿئي ٿي ته هو سون کي ڪڏهن به شڪست نه ڏئي سگهندا ڇوته منهنجي من ۾ آزاديءَ جي خواهش آهي ، پنهنجي آئرلنڊ جي ماڻهن جي آزادي .... هن جي پيڙا جي ڪا حد نه رهي آهي. پيٽ ۾ بک جا چڪ، آنڊ مانڊ، ويلو، وڪڙ، وَٽَ ۽ سور وهڻ ٿي نه ٿا ڏين. هن جو مٿو درد کان ڦاٽي ٿو. هن جي چنگهن ۾ سور جون سوٽون ايرن ٿيون ۽ ڳيڙيون پون ٿيون. هو سچو ڦٿڪي رهيو آهي.... هو کاڌو دوا کائڻ کان انڪار ڪري ٿو ۽ ڊاڪٽر کي

هٿ ۾ لاٿئو نه ٿو ڏئي.... هو بار بار آئرش عوامي لشڪر جي هڪ سرويچ ٽيرينس جنهن ١٩٢٠ ۾ ٧٤ ڏينهن بک هڙتال ڪري پهرين پهرين اهڙي موت جو مثال قائم ڪيو هو، تنهنجي هيءَ چوڻي دل ۾ دهرائيندو رهي ٿو: سوبي انهن جي نه ٿيندي آهي جي گهڻو ماريندا آهن، پر سوبي انهن جي ٿيندي آهي جي پاڻ گهڻي پيڙا سهي سگهندا آهن....

* *

بک هڙتال کي ٻه هفتا ٿي ويا آهن. هاڻي هن کي بک جا چڪ تنگ ڪونه ٿا ڪن. ڪاڏي جو ڏيک هن جي اشتها ڪونه ٿو وڌائي. نستائي ۽ هيڻائيءَ ڪري هن کي چرڻ پرڻ ۾ به تڪليف ٿئي ٿي. پر وارين ڪوٺين ۾ هن جا ساٿي هن جي همت افزائيءَ لاءِ هن جي بهادريءَ جا گيت زور زور سان ڳائن ٿا جئن هو ٻڌي سگهي.

* *

بک هڙتال کي چار هفتا ٿيا آهن. هن جي حالت تمام خراب ٿي وئي آهي. هن کي جيل جي اسپتال ۾ نيو ويو آهي. هتي هن کي ريڊيو ٻڌڻ جو موقعو به ملي ٿو ۽ ٽي-وي ڏسڻ جو به. ڪجهه وقت واسطي هن جي ڪن مائٽن ۽ دوستن کي هن سان ملڻ جي اجازت به ملي ٿي. هو ٻين پروگرامن ۾ ته ايتري دلچسپي نه ٿو وٺي پر خبرون ڌيان سان ٻڌي ٿو. ان وقت اميد جو اهو هلڪو ڪرڻو به موجود هوندو آهي ته شايد ناهه. ٿي وڃي ۽ اسان جي مطالبن مڃڻ جي ڪا صورت نڪري پوي.

* *

بک هڙتال کي چاليهہ ڏينهن ٿيا آهن. هن جي حالت بيحد خراب ٿي وئي آهي. اکيون ذرا ڏئي ويون آهن. چمڙي نوٽ ۽ چلر چلر ٿي وئي آهي ۽ ان ۾ ڏار پئجي ويا آهن. وات، مهارن، زبان ۽ نڙيءَ ۾ وڏا وڏا زخم پئجي ويا آهن، جن مان پونءِ پئي سمي. پر وڏي پيڙا اکين کري پيدا ٿي پئي آهي. تارا هڪ هنڌ بيهي نہ ٿا سگهن. ان کري نگاهہ هڪ هنڌ نہ ٿي ٽڪي. هو سڄو نهارڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ اکيون هيٺ، مٿي يا پاسيريون ڦرڪي ٿيون وڃن. هو پنهنجي هٿن کي موڙي اکين تي ٽيڪ ڏاهي ٿو تڏهن بہ ڪجهہ نہ ٿو وري ۽ هن کي پنوائي وٺيو ٿي وڃي. پنوائي وري اهڙي اٿس جو اکيون کولي نہ بيهي ٿو سگهي نہ ويهي ٿو سگهي ۽ نہ سمهي ٿو سگهي. هر وقت اکيون بند رکيون ٿيون پونس. هاڻي وري الٽيءَ اچي ديرو چمايو آهي. ان کري لوڻ ۽ پاڻي بہ پيٽ ۾ نہ ٿو لڪيس.... ان دوران هن جي ماءُ هن کي ليلائي چوي ٿي تہ علاج ڪراءِ. پر هو هن کي چڙب ڏئي، چيني چوي ٿو نہ هينئر تہ نهيو پر جي منهنجي بيهوش ٿيڻ کان پوءِ بہ تو منهنجي دوادرمل جي ڪوشش ڪئي تہ مان عمر ڀر توسان نہ ڳالهائيندس ۽ نہ تنهنجو منهن ڏسندس .... ٻين بک هڙتالين ساٿين جون خبرون پڌي هن کي خاطري ٿئي ٿي. هو پنهنجي پهہ ۾ پڪا هئا ۽ هنن جي مائٽن بہ هنن جو علاج ڪرائڻ کان نابري واري هئي.

* *

بک ھڙتال جو ائيتاليھون ڏينھن آھي. اکين جو ڦرکو، ٻنوائي ۽ التيءَ جو ھفتو ڪن زور رھيو. ھاڻي اھي تڪليفون بند ٿي ويون آھن. ڇو ته چڱيلائيءَ ڇھري تي ڪجھ رونق موٽي آئي آھي. وسامڻ کان اڳ شمع جو ڀڀاڙڪو پڙڪو آھي.... ھني ٽڪين ڏينھن ھن جي تور ورتي ويندي آھي. ھو ڏاڍي انتظار مان پنھنجي تور معلوم ڪندو آھي، جا ھر ڀيري، ڏاڍي تيزيءَ سان گھٽجندي ٿي وڃي. اڄوڪي تور موجب، ھو، جو بک ھڙتال شروع ڪرڻ وقت ١٤٠ پائونڊن جو ھو، تنھن جي ھينئر تور فقط ٨٠ پائونڊ آھي.

* *

بک ھڙتال جو پنجاھون ڏينھن آھن. ظاھري چڱيلائيءَ جي ڪيفيت چار پنج ڏينھن ھلي. ھاڻي اکين ڏسڻ ڇڏي ڏنو آھي. ھو اندو ٿي چڪو آھي. ھو ڳالھائي نه ٿو سگھي. پوري سگھه استعمال ڪري جو ڪجھ ھو ڳالھائي ٿو سو پڙاڏو بڻجي سندس دماغ ۾ وڃڻ لڳي ٿو. پوءِ به ھو ڳالھائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته چپ چرن ٿا پر آواز ڪونه ٿو نڪري. ڪن ٻڌڻ کان جواب ڏئي بيٺا آھن. ڳالھائڻ وارو لائوڊ اسپيڪر جي آواز سان ڳالھائي ته به ھن جي سمجھه ۾ نه ٿو اچي.... جيل اندر يا جيل کان ٻاھر ھن جا ساٿي ھن جي ھيءَ ساري پيڙا ۽ حالت ڏسندا يا ٻڌندا رھيا آھن.

* *

بک ھڙتال جو ڇاھٺون ڏينھن آھي. ھو ٻن ڏينھن کان

سڪرات ۾ آهي. هن جو سرير سُڪي، سُسي ۽ سڙي سنهڙو ٿي ويو آهي. ماس ميڻ جي ويو آهي. رڳو ڪل ۽ هڏن جا نشان وڃي بچيا آهن هن جو سڄو ننڍي ٻار جي مٺي جيڏو پيو ڏسجي.

هن جا ماءُ، ڀيڻ، پيءُ، ڀينر ۽ زال چوڌاري ويٺا آهن. سندن چهرا اداس ۽ رنڊهارڪا آهن ۽ اکيون ڳوڙهن سان ڀريل. هو پنهنجي جگر جي ٽڪر کي مرندو ڏسي رهيا آهن. پر هن جي علاج جي خواهش ظاهر نہ ٿا ڪن، جيتوڻيڪ هو ائين ڪري ٿي سگهيا ۽ ڪوبہ هنن کي نہ روڪي ها.

هن جي موت جي خبر پوڻ سان بيلفاسٽ شهر جي گهٽين ۾ باهہ ٻري وڃي ٿي. هن جي جنازي کڄڻ کان اڳ جيل ۾ هڪ نئون بک هڙتالي هن جي جاءِ ڀري چڪو آهي.

۸- ڊسمبر ۱۹۸۱

عظيم

عظيم کي فڪر ٿيڻ لڳو هو. ڪاٿي موجب سنڌ سائين کي ڪلاڪ اندر واپس پهچڻو هو، پر ٻه ڪلاڪ ٿي ويا هئا، هو اچانڪ وريا هئا. انتظار وچان چوڌاري نگاهون ڦيري رهيو هو. ٻه ٽي ڀيرا ٽئڪسيءَ مان نڪري آسپاس فوٽ پاٿ تي چڪر ڏنائين. صبح جا يارنهن وڳا هئا. بزار ڀوري اوج تي هئي. ٻنهي پاسي بيٺل رنگبرنگي ۽ نئين ڪان نون ماڊلن جي موٽرن ۽ ٽئڪسين جون لائنون هيون. رستي جي وچ تي گاڏين جو درياهه چالو هو. گراهڪ ۽ دڪاندار خريداري ۽ وڪري ۾ رڌل هئا. عاشق مزاج نوجوانن جا ٽولا پنهنجي نموني مصروف هئا. پهنو فقيرن ۽ فقيرياڻين جي به ڪمي ڪانه هئي. جيڪڏهن ڪنهن عظيم جي ٽئڪسي ڀاڙي ڪرڻ ٿي چاهي ته هن جواب ٿي ڏنو ته خالي نه آهي.

ان مهل اتر پاسي کان جتي سرڪاري آفيسون هيون، اتان بندوقن جا ٺڪاءَ ۽ بمن جا ڌماڪا ٻڌڻ ۾ آيا ۽ دونهين جا ڪڪر ايرڻ لڳا. ماڻهن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي. ڀڄ ڀڄان شروع ٿي وئي. دڪان تڪڙو تڪڙو بند ٿيڻ لڳا. ڏسندي ڏسندي سپاهين سان ڀريل ڪيترين ئي ٽرڪون ۽ جيپون

اڇي سهڙيون. سپاهين جي هٿن ۾ نائيل بندوقون هيون ۽ گاڏين ۽ موٽرن کي حڪم ٿي ڪيائون ته جتي هيون اتي ئي بيٺيون هجن. عظيم سمجهي ويو ته شهر جي ان حصي کي فوج پنهنجي گهيري ۾ ورتو هو ۽ ڏنائين ته گاڏين ۽ موٽرن جي تلاشي ٿي ورتي وئي. هن جي ٽئڪسيءَ ۾ بارود لڪل هو. اتي بيهڻ خطري کان خالي نه هو. اتان کسڪي نڪتو. پر هاڻي پنهنجي گهر وڃڻ ۾ سلامتي نه هئي، ان ڪري هڪ ساٿيءَ وٽ وڃي پناهه ورتائين.

جڏهن کان عظيم هوش سنڀاليو هو، هن ۾ آزاديءَ حاصل ڪرڻ جو هوش جاڳيو هو. هن پاڻ کي، پنهنجي گهر وارن کي، پنهنجي ديس وارن کي غربت ۽ غلاميءَ جي پيڙا ۾ پيڙجندي ڏٺو هو. ڌارين جو هن ڌرتيءَ تي ڌاڪو هو. فرينچ حاڪمن ۽ فرينچ پوليءَ جو هتي راڄ هو. ديسين لاءِ هٿ ڪڙيون، جيل، ڦاسي، گٿس، گوليون ۽ بي عزتيون. پر تڏهن به جلوس ۽ جلسا جاري هئا. مظاهرن ۽ احتجاجن جي آگ وڏيڪ پڙڪو ڪاڏو هو. هٿيار بند هلچل ۾ تيزي اچي وئي هئي ۽ سڄو الجزائر جنگ جو ميدان بڻجي ويو هو. عظيم ارڙهن سالن جي عمر ۾ ئي قومي آزادي محاذ جو سرگرم ڪارڪن بڻجي ويو. هو نظرياتي طرح ته اول ئي هٿيار بند ٿي چڪو هو، هاڻي سامراج جي فوج ۽ پوليس سان مقابلو ڪرڻ لاءِ پوري ويڙهو سکيا به ورتائين. هو ٽئڪسي ڊرائيور هو ۽ ٽئڪسي ڊرائيور جي روپ ۾ ئي پارٽيءَ جو ڪم ڪرڻ لڳو. پمفليٽون، هٿيار، سامان ۽ سياسي شخصيتون

هڪ هندائن پٺي هند پهچائڻ، پارٽيءَ جي ماڻهن کي ڪجهن اڏن تائين نيڻ، پڇڻ وقت ڪارڪنن کي خطري کان پري وٺي وڃڻ. اڄڪلهه هن جو ڪم هوگوريلن کي مهم واري جڳهه تائين پهچائڻ ۽ مهم پوري ٿيڻ کانپوءِ انهن کي واپس محفوظ جڳهه تي ڪٽي وڃڻ. هن قسم جي مامري ۾ هو پارٽيءَ جو نهايت ئي ماهر ۽ پروسي جهڙو سرويچ بڻجي ويو.

ٻه ڏينهن ساٿيءَ جي گهر ۾ لڪل رهيو. پوءِ پنهنجي گهر وڃڻ ڪانسواءِ، شهر کان ڪيئي ميل پري جهنگ ۾ پنهنجي يونٽ جي اڏي تي وڃي پهتو. اتي خبر پيس ته جن ٻن سرويچ سائين کي هو پنهنجي ٽنڪسيءَ ۾ ڪٽي ويو هو ۽ جي ان عمارت کي بم سان اڏائي ويا هئا جنهن ۾ فوج جي فرينچ جنرلن جي ميٽنگ ٿي رهي هئي، سي وقت کان اڳ، اتي پهري تي سپاهين جي نظر ۾ اچي ويا، جن هنن تي حملو شروع ڪري ڏنو. جواب ۾ سرويچن به گوليون هلايون ۽ بم اڇلايو. نتيجي ۾ هڪ ڇٽو قربان ٿي ويو ۽ ٻيو گرفتار ٿيو.

عظيم کي هڪ ويڙهو جٿي ۾ شامل ڪيو ويو. سامراج جي لشڪر سان ڪڏهن شهرن ۾ ۽ ڪڏهن جهنگن ۾ مقابلا ٿيندا رهندا هئا. اهڙي سمي هڪ سرويچ سپاهي دنيا جي ڪنهن بي شيءِ جو سوچي به نه ٿي سگهيو. ڪجھ مهنا گذري ويا، عظيم کي پنهنجي زال ۽ ڏيڍ سال جي ڌيءَ جي باري ۾ ڪابه سڌ پئجي نه سگهي. اهي خبرون ضرور پهتيون ته ان گهٽنا کانپوءِ ڪوڙ ڏينهن تائين پوليس شهر جي گهر گهر

جي تلاش ۾ وتندي رهي.

هڪڙي جهوپڙي هئي گهاٽي جهنگل ۾. چوڌاري هئا ٻير ۽ ڪنڊيءَ جا ڍڳها ۽ پڪڙيل وڻ ۽ ڪيڙ ۽ ديويءَ جا گهاٽا ٻوٽا. ان اندر عظيم اڪيلو ويٺو هو. هو تازو هڪ مورچي تي لڙائيءَ ۾ سرسي حاصل ڪري موٽيا هئا. ٻيا سرويچ ڪم ڪار سان ٻاهر ويل هئا. ڪيتري عرصي کان پوءِ اڄ هن کي پنهنجي ڪتب جي باري ۾ سوچڻ جي ساعت ملي هئي: هن سوچيو ته هن هچارن کي منهنجي ٽئڪسيءَ جي تلاشيءَ دوران ان ۾ اڪل مشين گن جي گولين جون ٻئي پيتيون مليون هونديون ۽ هنن منهنجي گهر تائين پهچڻ ۾ دير نه ڪئي هوندي. خبر ناهي منهنجي زال ۽ ٻار سان ڪهڙا ويل وهايا ويا هوندا. هنن ظالم قاتلن لاءِ قتل ڪرڻ ته چڻ مذهبي فرض آهي. پندرهن لک الجزائري هيل تائين قتل ڪري چڪا آهن.

هن جو هڪڙو ساٿي اندر گهڙيو. هڪڙي چٺي هنکي هٿ ۾ ڏئي، اهو چوندي ته ”ساٿي، تڪڙو آهيان“ هو وڏيون وڏيون ٻرانگهون ڀريندو ٻاهر نڪري ويو.

عظيم کي هن جي روش تي اچرج لڳو ۽ ڏاڍي انتظار سان لفافو کولي چٺي پڙهيائين. هن جي زال لکيو هو: ”مونکي وساري ڇڏ. مان ناپاڪ ٿي چڪي آهيان. مون سان وري زندگي گذارڻ جو نه سوچجان.“

هن جو دماغ سُن ٿي ويو ۽ نگاهون ان جملي تي ڄمي بيهي رهيون. ڪو وقت ان حالت ۾ رهيو. پوءِ هو سيد

ڪجهه سمجهي ويو. انهيءَ دم هن جي اندر ۾ غصي جو طوفان اٿيو ته سامراجين جي هڪ هڪ رَنَ جي وجي آبرو لٿي. نفرت جي ڪوري نٿين سر پڙڪو ڪاڏو تہ سامراجين جو نہ رکيو پنهنجي ملڪ مان تڏو پٽائي پر دنيا مان ئي انهن جو نالو نيشان مٽائي. بهرحال ان خبر هن کي ڏاڍو پريشان ڪري ڇڏيو.

هن پنهنجي ڪمانڊر کان، ڳجهي طرح پنهنجي گهران وجي چڪر هڻي اچڻ جي موڪل گهري. هنکي اها موڪل نہ ملي. البت قومي آزادي محاذ جو هڪڙو ڪارڪن مقرر ڪيو ويو تہ وڃي عظيم جي زال ۽ پيءُ ماءُ جو سڌ سماءُ لهي اچي. ٻن هفتن کانپوءِ ڪمانڊر کي هيءَ تفصيلي رپورٽ ملي: عظيم جي ڇڏيل ٽئڪسي پڪڙي وئي ۽ ان مان باروت مليو. ٽڏي تي ئي فرينچ سپاهي، پوليس کي ساڻ ڪري هن جي گهر پهتا. هن جي نہ ملڻ ڪري هن جي زال کي پڪڙيائون ۽ هفتي کان وڌيڪ نظربند رکيائون. هن کان سندس خاوند ۽ هنجي سائين جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪئي وئي. ٻہ ڏينهن هن کي ڏاڍو ماربائون ۽ ڪتيائون. ٽئين ڏينهن پين کي ٻاهر ڪڍي، هڪ فرينچ فوجي آفيسر هن جي زوري آبرو لٿي. ٿوري دير کانپوءِ هڪڙي فرينچ سپاهيءَ پين جي سامهون هن جي عزت لٿي ۽ چيائين تہ جڏهن بہ پنهنجي بهادر مڙس سان ملين تہ هن کي هي خبرون ٻڌائڻ نہ وسارجان. پوءِ پين سپاهين بہ هن سان ساڳي ڪار ڪئي. پورو هفتو هن تي وار ٿيندا رهيا. نيٺ، هن کي گهر

واپس موڪليو ويو. هن پنهنجي ماءُ کي ساري ماجرا ٻڌائي. ماڻس صلاح ڏنس تہ جڏهن ٿي تون پنهنجي گهر واري سان لهہ وچڙ ۾ اچين تہ هن کي هڪدم اها حقيقت ٻڌائجان. هن ائين ڪيو ۽ پهريئن موقعي ملڻ سان پنهنجي مڙس سان پنهنجي بيحرمتيءَ جو اقرار ڪيائين.

صدمي جو پهريون ڌڌڪو گذري چڪو هو. وري هن جو هر پل مصروفيت ۾ بسر ٿيندو هو. انڪري هو پنهنجن جذبن تي قابو پائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڪيترن مهنن تائين هو ڪوڙ اهڙين الجزائري عورتن جا واقعا ٻڌندو رهيو جن جي عصمت دري ڪئي ٿي وئي يا ايذاءَ ٿي ڏنا ويا. اهڙي طرح عصمت لٽيل عورتن جي ڪن مڙسن سان ملڻ جو ٻڻ اتفاق ٿيس. انهن ڳالهين ظاهري طرح هن تي ٿڌو ڇنڊو وڌو ۽ هن جي ذاتي غم جو زخم ذهن جي اندروني تهن ۾ دٻجي ويو.

هڪ قومي آزاديءَ لاءِ لڙندڙ سپاهيءَ جي جيون: جهنگل ۽ پهاڙ، پونا ۽ ريگستان، گرمي ۽ پارا، ڪولا ۽ گوليون، دونهون ۽ باروت، زخم ۽ رت، مرڻ ۽ مارڻ، بک ۽ ٿڪاوٽ پنهنجن کان دوري ۽ پيار جي محرومي. عظيم ۽ سدس هزارين سرويچ ساٿي جنون جي حد تائين جذبي سان اهڙي حياتي گهاري رهيا هئا.

هن کي ملڪ کان ٻاهر ڪنهن ڪم جي ذميواري سونپي وئي. اتان جڏهن پنهنجي بونٽ ۾ واپس آيو تہ هن جي ساٿين هن ۾ محسوس ٿيندڙ تبديلي محسوس ڪئي.

اها هئي هنجي طبيعت ۾ بي خيالي، ننڊ نہ اچڻ ۽ ماني گهٽ کائڻ.

هو بدن ۾ ڳرندو ٿي ويو. هن جي حالت جي خبر ڪمانڊر تائين پهتي. هنکي اسپتال ڏانهن موڪلڻ جو آرڊر ڪيائين. قومي آزادي محاذ جو پنهنجو صحت کاتو هو ۽ پنهنجيون اسپتالون هيون. انهن ۾ عام ڊاڪٽرن کانسواءِ مختلف مرضن جا ماهر ڊاڪٽر بہ موجود هئا.

ابتدائي چڪاس کانپوءِ، عظيم کي ذهني بيمارين جي ماهر ڏي موڪليو ويو. ان ڊاڪٽر سوال پڇڻ شروع ڪيا تہ هو انهن جا جواب ڏيڻ کان لهرائڻ لڳو ۽ چوندو رهيو تہ مونکي ڪجهہ ڪونهي، ٿوري ضعيفائي آهي، ڪا طاقت جي دوا ڏئي ڇڏيو. هن جي خواہ مخواہ ڪڙو تڙو ۽ چست نظر اچڻ جي ڪوشش ۽ نقلي ۽ ضرورت کان زياده پڪڙجندڙ مرڪ مان ڊاڪٽر محسوس ڪيو تہ هن جي ڪا بنيادي پريشاني هن جي ظاهري مٺاڇري مان ڏار ڪري اپري رهي آهي. هن کي وڌيڪ چڪاس، علاج ۽ آرام خاطر اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو.

ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر هن کي وارڊ ۾ ڏسڻ ويو تہ هو وڌيڪ ويڳاڻو لڳس.

”طبيعت ڪيئن آهي؟“ ڊاڪٽر پڇيو.

”هونءَ تہ ٿوري گهڻي ننڊ ايندي آهي، پر رات تہ صفا ڪانہ آئي.“ عظيم ورائيو.

”نرس توکي ننڊ جي گوري ڪانہ کارائي هئي؟“

”گوري ته ڪارائي هئائين، پر ان به اثر ڪونه ڏيکاريو.“

”ننڊ چونه ٿي آئي. ڪا جسماني تڪليف آهي، ڪا ڳڻتي آهي، ڪو فڪر آهي؟“

”ڪي خيال هئا، جي دماغ مان نڪتائي نه ٿي. ورُ ورُ ڪري ٿي موٽي آيا.“

”ڪهڙا خيال؟“

”مڙئي هيڏانهن هوڏانهن جا.“

”مثال طور؟“

”بس هئا ڪي شخصي خيال.“

”مون کي به نه ٻڌاءِ؟“ ڊاڪٽر چيو.

عظيم ماٺ ٿي ويو. ڊاڪٽر ڪجهه گهڙيون هن ڏي نهاريندو رهيو. پوءِ نرس کي سڏ ڪري ٻين دوائن سان گڏ اهو به چيائين ته اڄ هن کي ننڊ جي گورين جو ٻٽو وزن ڏنو وڃي.

ٽئين ڏينهن ڊاڪٽر هن کي ڏسڻ ويو ته هن جو حال وڌيڪ برو ڏٺائين.

”ڪيئن منهنجا بهادر ساٿي، رات ننڊ آئي؟“ ڊاڪٽر پڇيو.

”نه ڊاڪٽر سائين، ڊبل ڊوز به اثر نه ڪيو.“

ڊاڪٽر هن جي بستري جي پير ۾ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. هو ڪي پل چپ رهيو. هن ڪمانڊر وٽان هن جي گذريل جيون جو رڪارڊ گهرائي پڙهيو هو.

”عظيم، مون کي خبر پئي آهي ته تون نهايت دلير

شخص ۽ سورهه سپاهي آهين. سپاهيءَ کي نه رڳو جنگ جي ميدان تي پر زندگيءَ جي هر موڙ تي پاڻ کي سپاهي ثابت ڪرڻ کپي. تو ۾ اهتري همت ۽ جرئت کهڙي جو جيڪڏهن هئي کي نه، ته به پنهنجي ڊاڪٽر کي دل جون سڀ ڳالهيون ٻڌائيون. ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ منهنجو ڪاتو آهي ته تنهنجي دل تي ڪو بار آهي، جو تنهنجي جسماني صحت جهوري رهيو آهي. دل جون اهي ڳالهيون ڪرڻ سان نه رڳو تنهنجي دل جو بار هلڪو ٿيندو پر مون کي تنهنجو روڳ سمجهڻ ۽ علاج ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملندي.“

عظيم جي چپن ۾ ٿوري جنبش آئي پر ڪو آواز نه نڪتو.

آنندي ڊاڪٽر چيو ”پاڻ کي نه اچا ڏکهي قومي جنگ لڙڻي آهي، جنهن لاءِ صحت جو بحال رهڻ بيحد اهم آهي. سپاهي پاڻ هئي خلاصي ڪمري ۾ خلاصي ڪچهري ڪندا سين.“

اندروني آنند مانند ڪري عظيم سچو ڏينهن پاسا ورائيندو رهيو. نيٺ هن فيصلو ڪيو ته هو سپاهي آهي، نه فقط سرويچ سپاهي پر سچاڻ سپاهي پڻ. هو خود تنقيد جي هٿيار سان پنهنجي ذهن سان به جنگ جوٽيندو. جو ڪجهه هن جي ذهن ۾ آهي اهو سڀ ڊاڪٽر کي ٻڌائيندو ۽ پنهنجن انهن ويچارن تي تنقيد پڻ ڪندو. اکيون ٻوٽي، ساري رودداد ۽ پنهنجن خيالن جي چنڊ ڇاڻ دل تي دل ۾ ورجائڻ لڳو:

.... زال جي چئي پڙهڻ تي ابتدائي عدمي ڪان بوءِ

مون کي کي خيال آيا هئا. سوچيم ته مان هاڻي پنهنجي زال سان منهن منهان ٿي نه سگهندس ۽ نه ڳنڍ رهي سگهندس. هن کي مقابلو ڪرڻ کپندو هو، جي هوءَ پنهنجيءَ تي اچي ها ته اها ويڙهه هرگز نه ٿي سگهي ها. پر اهو خيال ڪرڻ وقت مون اهو نه سوچيو ته هن هٿ پير ڪيئن نه هلايا هوندا، مقابلو ڪيئن نه ڪيو هوندو، پر هوءَ ڪيترن ٿي هٿيار بند درندن جي درميان بيوسيءَ جي حالت ۾ اڪيلي عورت هئي. وري خيال آيم ته هوءَ قتل ته ڪانه ڪئي وئي آهي. جيتري آهي ۽ ڪنهن ٻئي هنڌ پنهنجي نئين جيون شروع ڪري سگهي ٿي. شايد ان سوچ جو سبب منهنجو هن سان گهٽو لڳاءُ نه هجڻ هجي. منهنجو پنهنجي سوٽ سان ڏاڍو پيار هو، پر هن جي مائٽن هن جو وهانءُ ڪنهن ٻئي هنڌ ڪري ڇڏيو. ان ڪري منهنجي ٻيءَ ماءُ، جا پهرين ڇوڪري تلاش ڪئي تنهن سان اکيون ٻوٽي لائون لهي ڇڏيم. هوءَ سٺي ڇوڪري هئي پر منهنجي هن سان محبت نه هئي. مان سدائين سوچيندو هوس ته مان اجا جوان آهيان ۽ جيئن ئي ڪا دلبر ڇوڪري ملي ته هن کي طلاق ڏئي پنهنجي پسند جي شادي ڪندس. هينئر چڱو ته هن کان جند ڇڏائڻ واسطي مون کي بهانو ملي ويو هو. ڪيتري نه خود مطلبي، ظلم ۽ نيچپائي هئي منهنجي اهڙو خيال سوچڻ ۾! .... مون کي جڏهن ملڪ کان ٻاهر ڊيوٽيءَ تي موڪليو ويو ته اتي مون هڪ عورت سان ميلاپ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب ڪونه ٿيس. ڏاڍو شرمندو

تيس ۽ تئين پريشانيءَ جنم ورتو. سمجهيم ته بي انتها محنت ۽ ڊڪ ڊوڙ ڪري ٿڪاوٽ ۽ گهٽ خوراڪ جي ڪري اٿئين ٿيو آهي. ٻن هفتن کان پوءِ ٻيهر آزمودو ورتم. وري به ساڳي ويڌن ٿي. هڪڙي ساٿيءَ سان راز سليم. هن جي صلاح سان ڪجهه ڏينهن ڪشتو ڪاڌم ۽ وري ڪوشش ڪيم. پر هن ڀيري به نتيجو ساڳيو نڪتو. هڪڙي ڳالهه هئي ته ميلاپ کان ڪجهه گهڙيون اڳ زال جي سوچ ۽ صورت منهنجي دماغ ۾ گهڙي ايندي هئي. تئين گهري جي ناڪاميءَ تي پنهنجي زال ڪي دل ٿي دل ۾ گار ڏنم: رنڊيءَ کي فرينچ جو مزو چکڻ جو شوق هو. اها گار منهنجي ڪميڻپائيءَ جي حد هئي. ها ڪميڻپائيءَ جي حد!....

موٽي وطن آيس ته پاڻ ۾ تئين بي آرامي محسوس ڪيم. ڪنهن ڳالهه ۾ مزو ئي نه ٿي آيو. پنهنجي ماحول ۾ دلچسپي ختم ٿي وئي. سياسي گفتگوءَ کان پاسو ڪرڻ لڳس ۽ قومي جاکوڙ ۾ اڳوڻو چاهه نه رهيو. دماغ ۾ خيالن جو هجوم رهڻ لڳو ۽ ضمير جي ڇهنڊڙي بي آرام بنائيندي رهي، ڇڻ ڪو وڏو پاپ ڪيو هجيم. سوچيان ٿو منهنجي زال جو ڪو قصور يا ڏيرَ جيترو به قصور هو؟ اها ڳالهه منهنجي ذهن جي تهن ۾ اڀرندي رهي آهي ۽ جنهن ڪي مان مڃڻ کان انڪار ڪندو رهيو آهيان ته منهنجي زال مون کي بچائڻ خاطر ۽ قومي ڏس ۾ پنهنجي عزت لٽائي آهي. هوءَ وڏي آسانيءَ سان تحريڪ ۾ شامل منهنجن ٻن ٽن ساٿين جا نالا ۽ پتا دشمن کي ٻڌائي ٿي سگهي، جنهن ذريعي

هو سون کي ۽ منهنجي ساري جٿي کي گرفتار ۽ تباهه
ڪري ٿي سگهيا. پر هن اٿين نہ ڪيو ۽ ڏاڍي مضبوط
ڪردار واري ثابت ٿي.... پي بہ ڳالهه آهي تہ جي سامراجي
ڪتا هن کي ماري مٽري هن جي پٺيهي ڪڍي ڇڏن ها
يا هڏا پچي لولو لنگڙو بنائي ڦٽو ڪن ها تہ مان اهو برداشت
ڪري وڃان ها ۽ هن کي ناپاڪ نہ سمجهان ها، تہ پوءِ
هن حالت ۾ اٿين سوچڻ ۾ مان ڪيئن صحيح ٿي سگهان
ٿو!... مون ڏٺو آهي تہ هارين پنهنجي زالن جي پنهنجي
سامهون عصمت دري ٿيندي ڏٺو، پر پوءِ هنن ٻان ٿي وڃي
انهن زالن جا ڳوڙها اگهيا. مون اهو بہ ڏٺو آهي تہ ڪن
شهرين اهڙين ڇوڪرين سان بہ سنگ ڳنڍيو جن کي فرنچ
سپاهين بيحرمت ڪيو هو ۽ جن مان هنن کي ٻار بہ پيدا
ٿي چڪو هو. عظيم آهن اهي انسان! ۽ مان ڪيترو نہ
هيچ آهيان! منهنجي زال پنهنجو مڙس وڪڻڻ بدران هر
شيءِ ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ۽ اهو مڙس مان هوس. هن عورت
منهنجي حياتي بچائي ۽ تنظيم جي بہ حفاظت ڪئي. منهنجي
ڪري ئي هن جي بيحرمتي ٿي. ان هوندي بہ هن مون کي
اٿين نہ چيو تہ ”ڏس، مون تو واسطي ڇا نہ ڪيو آهي.“
پر ان جي ابتڙ چيائين، ”مون کي وساري ڇڏ، پنهنجي
جيون نئين سر شروع ڪر ڇو تہ هاڻي مان ناپاڪ ٿي
چڪي آهيان.“ هي تہ هن جو تاريخي ڪارنامو آهي....
ان ڏينهن سانجهيءَ ٽي هن ڊاڪٽر کي اچڻ لاءِ نياپو
موڪليو.

ڊاڪٽر اچڻ ۾ دير نه ڪئي، خلاصي ڪري ۾ ڪٽ تي عظيم کي ليٽايائين. پاڻ سيرانديءَ ڪان ڪرسيءَ تي ائين ٿي ويٺو جو هن جو منهن ۽ نگاهون عظيم جي پيرن طرف هيون. عظيم کي ڳالهائڻ لاءِ چِڏيائين ته جو ڪجھ جيءَ ۾ اچيس سو چوندو وڃي. عظيم بنا روڪ ٽوڪ ڪالهوڪي سوچيل سڄي ڪٿا دهرائي.

پوءِ هو ماٺ ٿي ويو. ڊاڪٽر اجا به ماٺ رهيو.

”ڇا منهنجيون جنسي ناڪاميون منهنجي پريشانين ڪري آهن؟“ عظيم پڇيو.

”ها، اهو ناممڪن ته نه آهي.“ ڊاڪٽر وراڻيو.

نڌهن هو اٿي بستري تي ٿي ويٺو.

”توهان سان ائين ٿئي ها ته توهان ڇا ڪريو ها؟“

”ڪجھ چئي نه ٿو سگهان.“ ڊاڪٽر جواب ڏنو.

”ڇا توهان پنهنجي زال کي پنهنجو ڪيو ها؟“

”مان سمجهان ٿو ته مان پنهنجو ڪريان ها.“

”جيئي الجزائر!“ عظيم نعرو هنيو.

”سدا جيئي، سدا جيئي!“ ڊاڪٽر اتر ڏنو.

(الجزائر جي قومي آزاديءَ جي جنگ جو هڪ واقعو سندي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾)

۱۳- ڊسمبر ۱۹۸۱

هو فرينچ هو

هنن ٻن ڇوڪرن جو تازو ٻڌن واقعن سان واسطو پيو هو. هي الجزائر جي عوام جو قومي آزاديءَ لاءِ جاکوڙ جو زمانو هو. الجزائري، فرينچ سامراج کي پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ لاءِ، هنن جي پوليس ۽ فوج سان مقابلو ڪري رهيا هئا. سامراجي ظلم پنهنجي عروج تي پهچي چڪو هو. هڪڙي اڌ رات جو فرينچ فوج جا ٻه سو هٿياربند سپاهي رواط ڳوٺ کي گهيرو ڪري ويا. هي هڪڙو ريگستاني ڳوٺڙو هو، جنهن ۾ ڏهه ٻارنهن گهر مس هئا. حڪومت کي شڪ هو ته رواط وارن قومي آزادي محاذ جي گوريلن کي پناهه ڏني آهي ۽ انهي هٿيارن ۽ باروت جا ذخيرا لڪل آهن. تلاشي ورتي وئي. ڪجهه نه نڪتو. هڪ هڪ جهوپڙي ڊاهي وئي ۽ ڳوٺڙي کي باهه ڏني وئي. ٻارن کي ٺُڏا هنيا ويا ۽ عورتن جي بيحرمتي ڪئي وئي. ٻچاڙيءَ ۾ ڳوٺ جي هڙني چاليهن مردن کي بيهاري، گوليون هڻي ماريو ويو.

اسد ۽ ناصر جا ان ڳوٺ ۾ مائٽ هئا. اسد جو مامو مارجي ويو ۽ ناصر جو چاچو ۽ نوجوان سوٽ گولين جو شڪار بڻايا ويا. انهن قتلن تي هنن ڇوڪرن ڏٺو هو ته هنن

جي پيٽرن ڪوڙها ڪونه ڳاڙها هئا، پر پيڙا پيڙيل چهرا هوندي به چيو هو ته اسين پنهنجي سرزمين تي هڪ هڪ فرينچ جو ڳاٽو ڪپي، ڌارين ۽ ڌارين جي ظلم کان آزاد ٿينداسين.

هي ٻئي ڇوڪرا پاڙيسري به هئا ۽ گهاٽا سنگتي به. اسد جي عمر ١٣ سال هئي ۽ ناصر جي ١٤ سال. پڙهندا به ٻئي ساڳئي اسڪول ۾ هئا.

پيو واقعو هو نئين يتيم خاني جو. هڪڙي ڏينهن شهر جي پر واري پهاڙيءَ تي گليليءَ سان کيڏي رهيا هئا. هنن سان گڏ هنن جو ٽيون سنگتي بلمور به هو. بلمور فرينچ هو ۽ هن جو پيءُ رازڪو ڪم ڪندو هو ۽ ساڳئي وقت فرينچن جي رضاڪار فوج ۾ به شامل هو. بلمور، اسد ۽ ناصر سان ساڳئي اسڪول ۾ پڙهندو هو، انڪري هنن جي دوستي ٿي وئي هئي ۽ هو سانجهيءَ جو کيڏندا به گڏ هئا.

راند جي وچ، ناصر جو ننڍو ڀاءُ ناصر ۽ اسد کي، سڏڻ آيو ته سندن پيٽرن هنن ٻنهي کي گهرايو هو.

گهر پهچڻ تي هنن کي پتو پيو ته هو يتيم خاني وڃي رهيا آهن. هي يتيم خانو تازو شروع ڪيو ويو هو. ان ۾ انهن الجزائري عربن ۽ شيدين جي ٻارن کي سنڀاليو ٿي ويو جي فرينچن ظلم سان قتل ڪيا هئا يا سامراج فوج جو مقابلو ڪندي قربان ٿيا هئا. اسد ۽ ناصر جا پيٽر دڪاندار هئا ۽ پاڻ ۾ دوست ۽ مائٽ هئا. اڄ پنهنجن ٻارن کي ان يتيم خاني وٺي وڃي رهيا هئا ته اتي جي يتيمن سان هلي ڪجهه وقت کيڏن ۽ هنن کي، وندرائين ۽ هنن کي سوکڙيون پاڪڙيون ڏين.

هٿي پيئر گڏ هلندي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ناصر جي پيءُ پنهنجي پٽ جي ڪلهي تہ پنهنجو ساڄو هٿ رکيو هو ۽ اسد جي پيءُ اسد جو ساڄو هٿ پنهنجي ڪاٻي هٿ ۾ ورتو هو. ٻيا ننڍا ٻار پنيان پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندي ٿي هليا. ناصر ۽ اسد پنهنجي پيئرن جي گفتگو گنڀيرائيءَ سان ٻڌي رهيا هئا:

”اسين سڀ شاگرد، هاري، پورهيت، ڪارخانن جا مزور، دڪاندار، اديب ۽ فنڪار قومي جنگ لڙڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيا آهيون ۽ پوري زور سان لڙي رهيا آهيون. اڳي اسان وٽ ڪيترين ئي پارٽيون هيون ۽ مقصد ساڳيو هوندي بہ پاڻ ۾ وڙهي ۾ ئي قوتون ضايع ڪندا هئاسين. پوءِ سامراج جي چال سمجهي وياسين. سڀ پارٽيون ٻڌيءَ ۾ آيون تہ ٻڌيءَ ڪري قومي جاکوڙ جي ڪاميابيءَ جا اهڃاڻ ظاهر ٿيا ۽ اسان جي ٻڌي وڌيڪ پختي ٿي وئي.“

”اسين هارين کي سياسي طرح پنتي پيل ۽ مردار سمجهندا هئاسين، پر هينئر ڪيترين حالتن ۾ هو تحريڪن جي اڳواڻي ڪري رهيا آهن. تيئن بہ اٿين ڪپي ڇو جو اهو طبقو سڀ کان وڌيڪ ڏتڙيل ۽ ننگي ظلم جو شڪار آهي.“

”ڪن حالتن ۾ اسانجي قومي پارٽين کي پنهنجي هلچل جي شروعات ڳوٺن جي هنگامن جي آڌار ۽ اوٽ تي ڪرڻي پئي، جنهن وڏي قومي جنگ جي صورت اختيار ڪئي.“

”هاڻي تہ سامراجي چتا ٿي پيا آهن. هر الجزائريءَ کي قتل ڪرڻ ٿا چاهين، پوءِ ٻڍو هجي يا ٻار، قصوروار هجي

ڏنا بيقصور، هٿياربند هجي يا بي هٿيار. هيل تائين پندرهن لک الجزائري قتل ڪري چڪا آهن."

"اسانجي قوم جي سروبچن هنن لاءِ ترقيءَ ڪي ٿانڀا بنائي ڇڏيو آهي. هنن جا پير تپڻ لڳا آهن. هنن جا پيرا ڪڙڻ لڳا آهن. سامراجي ڪتا پنهنجو موت اکين سان ڏسي، آخري طرح هٿ پير هلائي رهيا آهن."

"هنن مان ٻه ڪيترن ڪي اسانجا ٻر ۽ بندوقون پيڇي رهيون آهن."

* *

پيا ٻه ڪيترا ئي شهري پنهنجن ٻارن سان آيل هئا. سوين يتيمن ڪي اتي رهايو ويو هو، جن جي عمر پنجن ۽ پندرهن سالن جي وچ هئي. ننڍا ٻار وري ٻه پاڻ ۾ يا آيل ٻارن سان ٽوليون ٺاهي راند روند ڪري ۽ ڪيڏي ڪُڏي رهيا هئا، پر اسد ۽ ناصر جهڙي عمر وارا سمجهدار ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ٻا اڪيلا ۽ ويڳاڻا ويٺا هئا، يا هڪجيڏن سان گنڀير گفتگو ڪري رهيا هئا. اسد ۽ ناصر جدا جدا هنڌن تي وڃي پنهنجي هم عمر وارن سان ڳالهائيندا رهيا. مائٽ، جيڪي ٻارن سان گڏ آيا هئا، سي وڌيڪ حساس هئا. هنن چڱيءَ طرح محسوس ٿي ڪيو ته هي يتيم ڪيترو نه مرجهايل وسائل، پيار جا بکيا، ڏٺل، ماءُ لاءِ واجهائيندڙ ۽ ڪنهن جو منتظر هئا. ڪي يتيم بيمار هئا ۽ بسترن ۾ پيا هئا. هو دوا ڏيندڙ هٿ لاءِ نه پر پيار ڪندڙ هٿ لاءِ واجهائي رهيا هئا. آيل مائٽن راند ڪندڙن، ويٺلن توڙي بيمار يتيمن وٽ

وچي هنن جي مٿي تي هٿ ٿي رکيو ۽ ڳالهائي هنن کي کلائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. هي مائٽ پاڻ ۾ به ملاقاتون ڪري خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيا هئا.

هي مائٽ پنهنجي پين هم وطنن وانگر هونءَ به سوچيندا آهن ۽ هينئر به سوچين ٿا ته انسان جا پنج حواس حياتيءَ جا مزا محسوس ڪرڻ واسطي هوندا آهن، پر اسانکي محسوس ڪرڻ لاءِ ڇا ملي رهيو آهي؟.... ڪنن سان ٻڌڻ لاءِ بمن جا ڌماڪا، بندوقن جا ٺڪاءَ، ڳاريون، دڙڪا، زخمين جون آهون ۽ دانهون ۽ پيڙيل دبس واسين جون پڪارون. اکيون ڏسن ٿيون عزيزن، دوستن ۽ ديس واسين جا چچريل جسم، وهندڙ رت ۽ بي ڪفن لاش، ۽ سڙن ٿيون ڳوڙها آڻيندڙ گئس ڪري. نڪ سنگهي ٿو رت ۽ باروت جي بانس. زبان چکي ٿي پنهنجن ئي زخمن مان وهندڙ رت ۽ جيل ۾ پياريو ويندڙ پيشاب. چمڙيءَ کي ڇهاءُ ملي ٿو هٿڪڙين جو، لٺين جو، سرڪل ڦاهيءَ جو، ڦٽڪن جو، ۽ جيل ۾ پريل سگريٽن جي ڏنب مان، بجليءَ جو ڌڌڪو لڳڻ ۽ ٿڌ سياري ۾ برف تي ليٽائڻ جو. ساڳئي وقت هو اهو به ويچاريندا آهن ته بيٺڪيت ۽ سامراجيت پنهنجو وجود تشدد سان قائم رکي سگهندي آهي ۽ اهو تشدد مظلومن ۾ جوابي تشدد پيدا ڪندو آهي ۽ هي جوابي تشدد جڏهن منظم نموني وڌي ويندو آهي تڏهن بيٺڪيت ۽ سامراجيت جي پڇاڙي آڻي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ انسان امن ۽ آزاديءَ جي فضا ۾ رهي سگهندو آهي.

* *

ھڪڙي ڏينھن شھر ۾ ھيءَ خبر پکڙجي وئي تہ ٻن الجزائري ڇوڪرن ھڪ فرينچ ڇوڪري کي قتل ڪري ڇڏيو آھي. ھڪڙي ڇوڪري ھنکي پکڙيو ۽ ٻيو ھن تي چاقوءَ سان وار ڪندو رھيو. ھو پکڙيا ويا آھن ۽ ٻنھي پنھنجو ڏوھ باسيو آھي. ھي قاتل ڇوڪرا ھئا: اسد ۽ ناصر. ۽ قتل ٿيندڙ ڇوڪرو ھو ھنن جو سنگتي بلمور.

ھنن کي گرفتار ڪري ٻارن جي جيل ۾ بند ڪيو ويو ۽ ڪجھ ڏينھن ڪانپوءِ ذھني چڪاس لاءِ ٻنھي کي ذھني بيمارين جي ماھر ڊاڪٽر ڏي موڪليو ويو. ڊاڪٽر ھرھڪ سان الڳ الڳ ڳالھ ٻولھ ڪئي.

اسد جي عمر ۲۳ سال ھئي. ھن جي اٺ ويھ ۽ ڳالھائڻ جو ڍنگ ٻاراڻو ھو. ھن کان ڊاڪٽر پڇيو:

”توھان جو بلمور سان ڪو جھڳڙو ھو ڇا؟“

”اسان جو ھن سان ڪو جھڳڙو ڪونہ ھو. اسين ھن سان ٻھاڙيءَ تي گليليءَ سان راند ڪرڻ ويندا ھئاسين. ھو اسان جو سٺو دوست ھو. ھڪ ڏينھن اسان ھن کي ماري ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ڇو تہ يورپي ٻہ تہ اسان سڀني عربن کي ماري ڇڏڻ چاھين ٿا. اسين وڏن ماڻھن کي تہ ماري نہ ٿا سگھون. پر اسين ھن جيڏن ڇوڪرن کي تہ ماري سگھون ٿا. ڇو تہ ھو اسان جي عمر جو آھي. اسانکي سمجھ ۾ نہ ٿي آيو تہ ھن کي ڪيئن ماريون. ٻھاڙيءَ جي چوٽيءَ تان تہ ھنکي ڪٽي ڌڪو ڏيون ھا، پر ان طرح ھو رکيو

زخمي ٿي ها. ان ڪري گهران چاقو آڻي اسان هن کي ماري ڇڏيو.“

”پر توهان بلمور کي ئي مارڻ لاءِ ڇو چونڊيو؟“

”ڇو ته هو اسان سان ڪيڏندو هو. پيو ڪو اسان سان گڏ پهاڙيءَ تي نه هلي ها.“

”پر هو ته توهانجو دوست هو؟“

”ته پلا پوءِ هو اسانکي ماري ڇڏڻ ڇو ٿا چاهن؟ هن جو پيءُ رضاڪار فوج ۾ آهي ۽ هن چيو هو ته سڀني عربن جو گلو ڪپڻ کپي.“

”پر بلمور ته توهانکي ڪجهه نه چيو هو؟“

”بلمور؟ نه....“

”توکي خبر آهي ته هو مري ويو آهي؟“

”ها.“

”مري وڃڻ جو مطلب، ڇا آهي؟“

”جڏهن ساهه نڪري وڃي ۽ ماڻهو هئي جهان ڏي هليو وڃي.“

”ڇا تو ئي هن کي ماريو؟“

”ها.“

”ڇا قتل ڪرڻ ڪري توکي افسوس نه ٿيو آهي؟“

”نه، ڇو ته هن به اسان کي مارڻ ٿي چاهيو.“

”ڇا تون جيل کي خراب ڪونه ٿو سمجهين؟“

”نه، اسان جا الاهي عرب جيل ۾ آهن.“

* *

ناصر جي عمر ١٤ سال هئي. هو پنهنجي ساٿي امد کان صفا نرالو هو. هاڻي کان ئي هن جي هلت چلت ۾ پختگي ٿي نظر آئي. هو قدبت، شڪل شباهت ۽ جوابن جي لحاظ کان بالغ ٿي لڳو. هن به قتل کان انڪار نه ڪيو. هن قتل ڇو ڪيو؟ ان سوال جو جواب هن نه ڏنو. اٿلندو ڊاڪٽر کان سوال ڪيائين ته ڇا تو ڪڏهن ڪو يورپي جيل ۾ ڏٺو آهي؛ ڇا ڪڏهن به ڪو يورپي ڪنهن الجزائريءَ کي قتل ڪرڻ ڪانپوءِ گرفتار ٿي جيل پهتو آهي؟ ڊاڪٽر جواب ڏنو ته واقعي ئي مون ڪڏهن به ڪنهن يورپيءَ کي جيل ۾ نه ڏٺو آهي.

”ان هوندي به ته الجزائري هر روز قتل ٿين ٿا، ٿين ٿا نه؟“

”ها، ٿين ٿا.“

”ته پوءِ رڳو الجزائري ئي جيل ۾ نظر ڇو ٿا اچن؟ توهان مونکي ان جو سبب ٻڌائي سگهو ٿا؟“

”نه، پر تون مونکي اهو ٻڌاءِ ته اهو ڇوڪرو جو تنهنجو دوست هو، تنهن کي تو ڇو قتل ڪيو؟“

”مان توهان کي ٻڌايان ٿو. توهان رواط ڳوٺ جي مردن جي قتل جو قصو ٻڌو آهي؟“

”ها.“

”ان ۾ منهنجي گهر جا ٻه ماڻهو ماريا ويا. گهر وارن چيو ٿي ته، فرينچن اسان مان ڪي قتل ڪري ڇڏڻ جو قسم کنيو آهي. ڇا هنن رواط وارن الجزائرين جي قتل ڪري

ڪنهن هڪڙي فرينچ کي ڀي گرفتار ڪيو؟"

"مونکي خبر ڪانهي."

"خير، هڪڙو جڻو ٻه گرفتار نه ٿيو. مان ڀهاڙن ۾ وڃي قومي آزادي محاذ جي ويڙهو جٿي ۾ شامل ٿيڻ ٿي چاهيو، پر منهنجي عمر ننڍي هئي. پوءِ مون ۽ احمد گڏجي صلاح ڪئي ته اسين هڪڙو يورپي قتل ڪريون."

"چو؟"

"نه توهانجي خيال موجب ڀلا ڪرڻ گهرجي ها."

"مان چئي نه ٿو سگهان. پر تون ته ٻار آهين، جو ڪجهه ٿئي پيو سو ته وڏن جو ماڻرو آهي؟"

"پر هو ته ٻارن کي به قتل پيا ڪن."

"پر هي نه پنهنجي دوست کي مارڻ جو ڪو سبب ڪونه هو؟"

"پر هو فرينچ هو ۽ مان عرب آهيان.."

(الجزائر جي قومي آزاديءَ جي جنگ ،جو هڪ واقعو سنڌي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾)

پڇيو

ٻڌائڻ جي ڳالهه اها نه آهي ته هن گهٽنا ڪان پوءِ هن ٽائي ۾ ڪوبه صوبيدار يا سپاهي مقرر ٿيڻ لاءِ تيار نه هو، پر ٻڌائڻ جي ڳالهه اها آهي ته هڪ ننڍي ڳوٺ جو هي واقعو انقلابي راهه جو سنگ ميل ثابت ٿيو. اهڙو سنگ ميل، جنهن ۾ پنهنجي ڏيهه الجزائر جي ڏاهي فرانز فئنن جو روح رچيل ويل هجي.

بلال پنهنجي لانڍيءَ ۾ ڪم ۾ رڌل هو. پرسان رکيل ڳوهيل چيڪي مٽيءَ جي ڍڳ مان چانٺو ڪڍي، ٻنهي هٿن سان گولو ٿي ڏاهيائين. اهو ڦرندڙ چڪَ جي وچ تي رکي، پنهنجي هنرمند هٿن، خوش ذوق نگاهن ۽ فنڪارانه ذهن سان ان مان ٿانوَ تخليق ڪندو ٿي ويو. آلي چيڪي مٽيءَ جي سڳنڌ ۽ ان جي نرم ۽ ٿڌڙي ڇهاءَ هن ۾ انسانه ٿي پيدا ڪيو. هو ڪو عربي فوسي نغمو جهونگاري رهيو هو.

لانڍيءَ جي آڏو ڪافي ڪشادو آڳنڌ هو. ان جي هڪڙي ڪنڊ ۾ آوي هئي، جنهن ۾ هيٺئر بره باهه ٻريل هئي ۽ ٿانوَ پچي رهيا هئا. چوڌاري ڪچن ٺوڙي پڪن، چٽيل ٺوڙي ۽ چٽيل ٿانون جا ڍير هئا! ٺٺ دلا، گهگهيون،

ڪٽنا، ڪُمرا، ٽيا، دڪيون، ڪوُنرا، ڍڪيون، ڪپڙيون، پاٿوڙا، جمنيون، ڏيٺا، ۽ حقا.

لانڍيءَ ۾ اندر به ڪند ڪرڇ ۾ ڪچا ۽ پڪا ٿانوَ هئا. هڪڙي واڻ جي کٽ به هئي جنهن جي پرسان ٽپائي بئي هئي. کٽ تي وهاڻي پرسان ڪو عربي ڪتاب پيو هو ۽ ٽپائيءَ تي اخبار، پٽ ۾ هڪ جاري ۾ ڪيئي ڪتاب ترتيب سان رکيل هئا. بلال جي ويجهو ئي منجيون پيون هيون ۽ پاسي ۾ ڍڳهي ور وڪڙ ننڍ وارو حقو هو. ڦهوي لاءِ ڪٿلي ۽ پياليون هڪ ٻئي جاري تي تي نظر آيون.

الجزائر جي هڪڙي ڳوٺ البقر جو هي ڪنبر پنهنجي ڳوٺ جي هارين کي چوندو هو ته توهان جو پورهيو اصلي پورهيو ناهي ۽ ان پورهئي مان ڪڏهن به گهربل نتيجن جي اميد رکي نٿي سگهجي. هو پنهنجي تجربي جي آڌار تي سوچيندو هو ته پورهئي ۾ آزادي، شوق ۽ شعور لازمي شيون آهن. پين جي لاءِ ڪمائڻ به ڪهڙو ڪمائڻ! غلامي ۽ پورهيو، ڪوڙو ئي ڪونه ٿو لڳي. اهڙو پورهيو صحيح ۽ جهجهي پيداوار جو بنياد بنجي نه ٿو سگهي. هو ڪنهن ذهوني محسوس ڪري ويو هو ته ڪم ۾ جيتري دانشمندي ڏيکاري ويندي، اوتري ئي ان ۾ لذت ملندي. ڪم ۾ مشڪل ۽ پکهر سان گڏ ذهن ۽ دل کي به استعمال ڪجي. تخليق جو ذهني سرُور تڏهن ئي ماڻي سگهبو.

چِٽڪَ تان دلو لاهي، ٽپڻيءَ سان ان جو سطح درست ڪري رهيو هو ته به ماڻهو اندر گهڙي آيا. بلال هنن کي

سجاتو. ھو ڳوٺ جي ٿاڻي جا سپاھي ھئا. ھنن کي ڪيڪاريائين ۽ منجھين تي وھڻ جي صلاح ڪيائين. ھو نہ ويٺا ۽ ھڪدم ھن کي چيائون تہ صوبيدار صاحب توکي ٿاڻي تي گھرايو آھي. ھنن جي لهجي ۾ سختي ۽ حڪم ھو. ان تي ھن کي اچرج لڳو. ھن آڏي پڇا ۽ بحث ڪرڻ چاھيو تہ سپاھين ڌمڪي ڏنس تہ اسان کي آرڊر آھي تہ جي تون شرافت سان نہ ھلين تہ توکي گرفتار ڪري وٺي ھلون.

ٿاڻي تي صوبيدار ھن سان ڏاڍي اڻنگي نموني پيش آيو. ڌمڪيون ڏئي ھن تي گارين جو وسڪارو لائي ڏنائين. ھن کي ڪجھہ سمجھہ ۾ نہ آيو.... ھو ڏينھن اڳ بزار جي ھڪ دڪان کي ڪاٽ لڳو ھو ۽ چوري ٿي ھئي. ھينئر صوبيدار ھن کي چيو تہ اسان کي پڪا ثبوت مليا آھن تہ اھا چوري تو ڪئي آھي. ھاڻي پاڻ بہ باس ۽ پنھنجن ساٿين جا نالا بہ ڏي نہ تہ اسان کي سچي ڪرائڻ جا سڀ طريقا اچن ٿا. بلال اڄ بہ سچي قصي کي پوڳ سمجھي رھيو ھو. اھو ڪيئن ٿو ٿي سگھي جو ھن ۾ اھڙو گمان ڪيو وڃي يا ھن تي اھڙو الزام ھنيو وڃي! پر صوبيدار جو وحشي چھرو ۽ گنديون گاريون مامري جي گنڀيرائيءَ جي گواھي ھيون.

ہ چار ڳالھيون جھٽڪي سان ھن جي ذھن تي اڀريون. ھن پوليس سان ڪونہ رھايو ھو. اھو انھيءَ لحاظ کان تہ ھن ھين ڪنھن وانگر گھرڻ تي يا پاٽمرادو ٿاڻي تي گھڙا ۽ مٽ نہ پھچايا ھئا. وڏيري جي ڌمڪي بہ ھن کي ياد آئي. بلال پڙھيل ڳڙھيل، باشعور ۽ خود دار انسان ھو.

هن جا ڳاهيل نڪر جهڙا ٿلهو ۽ ڏاڍو پسند ڪيا ويندا هئا ۽ پري پري ڪان انهن جا خريدار ايندا هئا. ان ڪري مالي طرح هو سچي ماني ۽ وارو هو. وڏيري جي به خوشامد ڪونه ڪندو هو. پر وڏي ڳالهه اها ٿي هئي جو مهنو ڪن اڳ جيڪي چونڊون ٿيون هيون، تن ۾ وڏيري جي پڌري پٽ مخالفت ڪئي هئائين ۽ ان تي ئي وڏيري ٻڙي حشر جي ڌمڪي ڏني هئس.

پهرين صوبيدار پاڻ سچي ڪرائڻ لاءِ هن ڪان پڇاڳاڇا شروع ڪئي: آڏا ابتا سوال، دڙڪا ۽ ڌمڪيون، چتاءَ ۽ ديچارڻ. پوءِ هو ڪوٺيءَ مان نڪري ويو. ٻه ٽيا سپاهي اندر گهڙي آيا. ايستائين انهن ٻن سپاهين مان، جي اول ئي اندر موجود هئا، تن مان هڪڙو، جو ڏسڻ ۾ دٿوس هو، سو بلال تي آلر ڪري آيو ۽ هن تي ٺڪا ٺوڪي ۽ مڪن لتن جو ڏوڙيو لڳائي ڏنائين. بلال وچين عمر جو قداور ۽ مضبوط مشڪن وارو شخص ۽ شينهن دل شخصيت هو. پهريون وار پچائي، سپاهيءَ کي لونڊڙيءَ تي اهڙو نڙونشو نڪاءَ ڪيائين جو هو بلاٽي کائي وڃي ڪريو. پوءِ ته چار ئي پوليس وارا هن تي ٽٽي پيا. لتن ۽ مڪن ڪان سواءِ لٺيون ۽ ڏنڊا به وسائيندا رهيا. بلال به مقابلي ڪان نه مڙيو، پر جلد ئي هن کي قابو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هن جا نه رکو هٿ پٺيءَ پنيان ٻڌائون، پر پير به ٻڌائون. پوءِ ٻڌل بلال، جنهن جا ڪپڙا چيهون چيهون ٿي ويا هئا، تنهن کي لٺين سان ڪٽيندا رهيا. هن کي ايترو مارياٿون جو برداشت جو

زبردست مادو هوندي ۽ هن جي وات مان دانهون ڪيڪون نڪرڻ لڳيون. هن تي ايستائين وار ڪندا رهيا، جيستائين هو بيهوش نه ٿي ويو.

ايذاءَ ۽ عذاب ڏيڻ جو سلسلو سانده هلندو رهيو . ڪرڪڻ ، ڪنجهڻ ، دانهون ، رڙيون ، چيٽون ، ڦٿڪڻ ، ٿڙڦڻ، ليٽڙيون پائڻ پوليس تي ڪو اثر پيدا ڪونه ڪنديون هيون. هن کي چڙيو نڌهن ويندو هو ، جڏهن هو بي سرت ٿي ويندو هو. وري جڏهن ٿي هوش ۾ ايندو هو ته نئين رنگ ۽ نرالي ڍنگ وارو ايذاءُ شروع ٿي ويندو هو : هن تي آڪيڙا چاڙهيا ويا يعني ٻانهون ڪلهي جي پٺيان مٿي ايون ڪرائي ڪلهي ۽ ٻانهه جي وچ ۾ ڪاٺي ڏئي ٻانهه کي زور سان اڳتين پاسي ڇڪيو ويو، ۽ آڱرين جي وٿين ۾ ڪاٺيون رکي آڱرين جي چوٽين جي چوڏاري نوڙي ويڙهي ان سان آڱرين کي زور سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. وڻ سان اگهاڙو ٻڌي، هن جي بدن تي ڪڙ مکي، وڻ جي پاڙ وٽ ماڪوڙن جي ٻرن ۾ پاڻي وجهي ماڪوڙا ڇڏيا ويا . سچ پترا هنيا ويا. سچ پتري جي هڪڙي ستڪي سان به عادتي ۽ سخت جان ڌاڙيل ڪان به ايڏي دانهن نڪري ويندي آهي جو سچو ڳوٺ پيو ٻڌي، اهڙي قسم جو ڏوهاري به وڏ ۾ وڏ پنجين ستڪي سان بيهوش ٿي ويندو آهي. بلال پڻي ستڪي ڪان پوءِ سرت وڃائي ويٺو. پيرن جا کوڪڙا ٻنهي هٿن جي ترين هيٺان رکي، هٿن مٿان ڪٽ جا پاوا رکي ان ڪٽ تي چار ڄڻا ويٺا ۽ ڪو وقت ويٺا رهيا. هن کي

هيٺان مرچ وڌا ويا ۽ هن جي اگهاڙپ تي پريل سگريٽ سان ڏنڀ ڏنا ويا. اجهو رڳو، بک مارڻ، ننڊ کان محروم ڪرڻ وارا عذاب الڳ هئا.

* *

ان ڏينهن ڪوٽ جي رهاڪن جو اوچتو، پاڻمرادو ۽ مڪمل ميڙ ڪٺو ٿي ويو. ڪوٽ جي آدمشماري چار هزار ڪن هئي، جن سان هارين ۽ ريڍارن جي گهڻائي هئي . ڪن ڪوٺائن ٿاڻي سان بلال جون رڙيون ۽ واڪا ٻڌا هئا ۽ ڀين ڪي ٻڌايو هو. هن جي هڪڙي مائٽ ڪي هن سان ملڻ ڏنو ويو هو. هن اها خبر اچي ڪئي هئي ته بلال جو منهن سڄيل ۽ ڪاراٽيل هو ۽ پوري هوش حواس ۾ ڪونه هو ۽ نه پوري طرح ڳالهائي ٿي سگهيو.

بلال جا سنگتي ساٿي هن جو ڪو ڀلو ڪرڻ واسطي پيا صلاح مصلحت ڪندا هئا. نظر بنديءَ جي چوٿين ڏينهن تي چار ڄڻا انهيءَ ماڙي تي ڳالهائي رهيا هئا ته انهن سان هڪڙي کي ياد اچي ويو ۽ ٻين کي به ياد ڏياريائين ته پرسال پوليس ڪريم هاريءَ کي پڇا ڳاڇا جي بهاني ٿاڻي وٺي وئي. اتي هن کي ايترو ماريو ڪٽيو ويو جو هن جو دم نڪري ويو. مائٽ بي پهچ هئا، ٿورو گهڻو پڪاريائون، بس رڳو صوبيدار کي بدلي ڪيو ويو. اها ڳالهه ياد ڪري هنن جون دليون لڏي ويون. ۽ بلال جي خيريت جي باري ۾ ڦڪڙي پيدا ٿي. پوءِ ڳالهه نڪتي ته ڪجهه سال اڳ هن ٿاڻي تي به پيا به اهڙا واقعا ٿي گذريا هئا: هڪ احمد ڪٽيءَ

جو ۽ بيو نظام هاريءَ جو. انهن ٻنهي ڪيسن ۾ ٽاڻي ۾ موت ٿيڻ ڪانپوءِ لاش ڪٺي جهنگ ۾ وڃي لاش جي پٺيءَ ۾ گوليون ڇوڙي ڇيو ويو ته مجرم ڀڄو ٿي ويو. انڪري هن کي شوت ڪيو ويو. انهن بابت ماڻهن کي ته بروقت ڄاڻ هئي ۽ وقت گذرڻ سان ان جي تصديق ٿي ته اهي ماڻهو مجرم هئا ئي ڪونه. پوليس کي ٻه حقيقت جي خبر هئي، پر رشوت ملڻ ڪري ۽ وڏيري جي چوڻ ۽ چرچ تي پوليس بيگناهه ماڻهن کي ڦاسايو هو.

وڏيڪ دير ڪرڻ خطري کان خالي نه هو. هو هاڻي ڀاڙيسرين ۽ ڳوٺاڻن سان ٻه صلاح ڪجي ۽ هنن جو سهڪار حاصل ڪجي. اٺ ڏهه ڄڻا ابو رفيق هاريءَ جي گهر ۾ گڏ ٿي ويا. مسئلي جي اهم ۽ نازڪ هجڻ جو احساس مڙني کي هو. ڪو تـرت ۽ اثرائتو قدم سوچجي، نه ته همراهه هتان هليو ويندو. گهڻا هجن. گهڻن جي صلاح هجي. گهڻن جي ڀٽيرائي هجي. ٻين کي ٻه سڏيو ويو. سڀني سڏ اونايو. پنجاهه ٻٽ ماڻهو مڙي ويا. حالي حوالي ٿيا. اهو ته سڀني جو مسئلو هو. ان جو علاج ته سڀني ٿي چاهيو. هي ته صدين کان وٺي پوليس جا ستايل هئا. بيگناهه ئي ظالم پوليس جو شڪار هئا. پوليس ۽ وڏيري هنن جي حياتي زهر ڪري ڇڏي هئي. شڪايتن جي داستانن جو الڪٽ سلسلو شروع ٿي ويو:

”وڏيري منهنجي ڏيءُ ڪڍائي. منهنجو داد فرياد ڪرڻ بدران سونگي پڪڙي پوليس ڪاٺ ۾ وڌو ۽ ڪوڙو ڪيس

ڪري پنج سال ٽيپ ڏباري چڙهيائون."

"مونکي آفيم رکڻ جي ڪوڙي الزام ۾ ٿاڻي تي بيعزتو ڪيائون ۽ موڇڙا هنيائون ۽ پڇاڙيءَ ۾ ٻه سو رپيا وٺي آجو ڪيائون."

"مونکان ڏهه وال ڪپڙو خريد ڪيائون. ڪيترائي ڀيرا ڏوڪڙ گهريم. ان ڪاوڙ ۾ منهنجي دڪان جو ڪاٽ هٽارايائون. فرياد ڪرڻ ويس ته ڪوڙو فرياد ڪرڻ جي الزام ۾ پڪڙي ٿاڻي ۾ وهاريائون ۽ ڪپڙي جي قيمت ڪان ٽيڻا پيسا وٺي پوءِ ڇڏيائون."

"مونکان هئي ٽئين ڏينهن ٻه سير گوشت گهرائن ٿا پر پئسي جي ڳالهه ئي ڪونه ڪن."

"مون کان لٽا مفت ۾ ڌاريا وڃن ٿا."

"مونکي بگيءَ جو ڀاڙو ڪونه ڏيندا آهن."

"هڪ لوفر جي ذريعي منهنجي ڌيءَ کي صوبيدار پنهنجي دام ۾ ڦاسائڻ چاهيو. مون ان لوفر کي اک ڏيکاري ته مونکي پڪڙي ٿاڻي ۾ بند ڪري منهنجي گهر کي نڌڪو ڪري هڪ طرف منهنجي ڌيءَ جي عزت لٽي وٺي ۽ ٻئي پاسي ڏهه ڏينهن مونکي ماريندا ڪٽيندا رهيا."

ماڻهو ايندا ٿي ويا. هن ڳوٺ ۾ چار پنج اهڙا انقلابي پڻ هئا، جن کي شهرن ۾ پوليس سوڙهو ڪُٽيو هو ۽ هتي هارين وٽ اچي پناهه ورتي هئائون. هارين هنن کي پوليس جي گرفت کان محفوظ رکيو هو. هنن جو هارين تي ڀروسو ٿي ويو هو. هتي رهي هنن پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي ملڪ واسين

جو اصلي روپ ڏٺو هو ۽ ديس جي حقيقي آواز کان آشنا ٿيا هئا. هتي جي بيحد غربت هنن جون اکيون کولي ڇڏيون هيون. اهي انقلابي پڻ ڳوٺاڻن جي هن ميڙ ۾ شامل ٿيا هئا.

”هتي بہ قصو آهي ڏند ڪٿائن جي ان ديوَ وارو، جنهن هڪڙي ڳوٺ وارن کي ڌمڪي ڏني تہ سان سيني کي هڪدم کائي هڙپ ڪري ويندس. ڳوٺ وارا ڊڄي ويا ۽ ديوَ کي منٿون ايلاز ڪيائون تہ هڪدم هڙني کي هڙپ نہ ڪري ۽ ڏهاڙي هڪڙو ماڻهو هنن کي کاڄ لاءِ ڏنو ويندو. ڊپ ۾ اهو واعدو ڪندي ڳوٺ وارن اهو ڪونہ سوچيو تہ هڪ تہ ديو هڪ ئي وقت سيني کي کائي نہ ٿي سگهيو ۽ ٻيو تہ جي هو سيئي گڏجي ديوَ تي حملو ڪن ها تہ هنکي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏين ها. پوليس بہ هڪ هڪ ڪري ڳوٺاڻن کي ڳڙڪائي رهي آهي.“ اها ڳالهہ ڪري، هڪڙي انقلابيءَ گفتگوءَ جو رخ موڙي ڇڏيو ۽ پوءِ ڪيترائي آواز اڀرڻ لڳا:

”چار سپاهي، هڪ صوبيدار ۽ هڪڙو وڏيرو، ڇهہ ڄڻا آهن ۽ اسين ڳوٺ ۾ چار هزار ماڻهو آهيون. جي سيئي گڏجي هنن جو مقابلو ڪريون تہ هنن کي ٻُڄ ٻُڄ ڪري سگهون ٿا.“

”تشدد تہ اسانجي حياتيءَ جو مکيہ جزو آهي. پر اهو تشدد اسين هڪ ٻئي کي مارڻ ۾ ورتايون ٿا. زمين ڪري، زالن ڪري، پاڻيءَ جي واري ڪري، خانداني عزت ڪري، ٻلاند ونءِ لاءِ، اوڌر اڳاڙڻ لاءِ، ٻارن جي جهڳڙي ڪري

اسين هڪ ٻئي جا مٿا ڦاڙيون ٿا ۽ خون ڪريون ٿا؛ پر جيڪو اسان سڀني جو عام ۽ حقيقي دشمن ۽ ظالم يعني پوليس ۽ وڏيرو آهي تنهن جي آڏو گونگي ڳانءِ بڻجيو بنا مقابلي مارجون پيا."

"مظلوم، مظلوم کي قتل ڪندو يعني اسين هڪ ٻئي کي قتل ڪنداسين ته مظلوم مرندو پر ظلم ۽ ظالم قائم رهندا. جي ظالم مظلوم کي قتل ڪندو ته به مظلوم مرندو پر ظلم ۽ ظالم قائم رهندا. ظالم کي قتل ڪرڻ سان ظالم ۽ مظلوم ٻئي هڪ ئي وقت ختم ٿي ويندا آهن. ظالم مري ويندو ته ظلم ڪرڻ وارو نه رهندو ۽ مظلوم انکان ڇوٽڪارو پائيندو ته هو مظلوم نه رهندو. هڪ مردهه لاش ۽ هڪ آزاد انسان وڃي باقي رهندا." هڪ انقلابيءَ چيو.

"ايترو وقت نه آهي جو اسين مٿي اختياريءَ وارن کي تارون ڪيون ۽ انهن جي جواب جي اوسيئڙي ۾ رهون. نه وفد وٺي حاڪمن سان ملڻ لاءِ وڃي سگهون ٿا. ايتري ۾ اسانجو همراهه ماري وجهندا."

"هي ڪاروا فرينچ سامراجين جا عيوضي ۽ وڏيرن جا چاڙتا آهن."

"هي عوامي دور آهي. عوام جو راڄ هجڻ گهرجي. اسان، هن ڪوٽ جي عوام، کي خبر آهي ته جنهن چوريءَ جي الزام ۾ بلال کي پڪڙيو ويو آهي، سا ابن خطيب ڪئي آهي، ۽ جو هتي جي پاٽاريدار وڏيري جو پالتو آهي ۽ جنهن کي پنهنجي ساٿيءَ سان چوريءَ جو سامان ڪٺي

ويندي ھڪ ٻن ڳوٺاڻن ڏنو ۽ سڃاتو آھي، ۽ بلال بيقصور آھي. اسانجو فرينچ سامراجين جي ڳاڻن ۽ ڪورٽن ۾ ڀروسو نہ رھيو آھي. اھي ظلم ۽ بي انصافيءَ جا اڏا آھن. اسان ھاڻي عوام طرفان فيصلا ڪنداسون ۽ سزائون ڏينداسون."

"اسان کي سڌو قدم کڻڻو پوندو. پنھنجي طاقت سان ڳاڻي مان پنھنجي ھمراھ کي ڇڏائڻو پوندو."

"اٿو، اٿو!"

"ھلو، ھلو!"

"وڌو، وڌو!"

ڪن لٺ آندي، ڪن کھاڙي، ڪن ڪوڏر، ڪن ڇنجور، ڪن لوھي سيخ ۽ ٻن ڇڻن بندوقون. ماڻھو مڙندا ويا، ماڻھو وڌندا ويا. پنج سوڪان وڌيڪ ماڻھن جو جلوس ھو. اڌ رات ٿي چڪي ھئي. صوبيدار ۽ سپاھي دستور موجب شراب ڪباب سان شغل ڪري نشي ۾ بيخبر ستا پيا ھئا. پھري وارو سپاھي بہ نشي ھيٺ گھيرٽن ۾ ھو.

صوبيدار ۽ سپاھين جي قتل، نظربندن کي آزاد ڪرائڻ، ڳاڻي کي باھ ڏيڻ ۽ ھٿيار ۽ باروت جي لُٽجي وڃڻ ۽ وڏيري جي مارجڻ جون خبرون ھيڊ ڪوارٽر ۾ پھتيون تہ ھٿياربند پوليس جي ٽرڪ ڳوٺ ڏانھن موڪلي وئي. ڳوٺ ۾ پھچڻ کان اڳ جڏھن اھا گاڏي ھڪڙي پھاڙي لڪ مان لنگھي رھي ھئي تہ پھاڙ جي چوٽين تي لڪل ڳوٺاڻن اوچتو ان تي گولين ۽ بمن جي بارش وسائي ڏني. گاڏي ڪنٽرول مان نڪري وئي ۽ ڇھ سؤ فوٽ اونھي کڏ ۾ وڃي ڪري.

ٿيهن سپاهين سان ڪيترا مئا ۽ باقي ٻري طرح ڦٽجي پيا. بندوقن ۽ باروت تي ڳوٺائن قبضو ڪيو. پين به ڪن ڳوٺن ۾ ماڻهو اٿي کڙا ٿيا ۽ ٿاڻن ۽ ڳوٺن تي حملا ڪيائون. هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙو فرينچ زميندار پنهنجي ڪٽنب سان رهندو هو، انهن هڙني کي قتل ڪيو ويو. بغاوت جي صورت پيدا ٿي وئي هئي ۽ اها بغاوت پکڙجي رهي هئي. ان کي دٻائڻ واسطي فرينچ فوج ۽ هيليڪاپٽر سوڪليا ويا. ڳوٺاڻا جهنگن ۽ پهاڙن ۾ لڪي ويا ۽ اتان سامراجي لشڪر سان گوريلا جنگ وڙهڻ لڳا.

شهرن ۾ به ان جو اثر پهچي ويو. شروعات انهن غير صنعتي مزورن جي احتجاج سان ٿي جي شهر جي ٻاهرين حصن ۾ جهڳين ۾ يا کليءَ آسمان هيٺ، گٽرن جي وچ ۾ رهندا هئا. هي اهي ساٿل ڳوٺاڻا هئا جي بيروزگاري، بک ۽ ڏاڍاين ڪري ڳوٺ ڇڏي شهرن ۾ روزگار جي تلاش ۾ آيا هئا ۽ اتي به ڪو باقاعدي روزگار نه ملڻ ڪري ۽ شهرين جي بيحسي ۽ رقابت ڪري بيحد تنگي ۽ ڪسمپرسي ۾ جي حياتي ڪاٽي رهيا هئا.

ملڪ جي انقلابي پارٽين جي اڳوائن کي محسوس ٿيڻ لڳو هو ته سامراجي ظالم حڪومت کي ختم ڪرڻ لاءِ شهر اندر هرقسم جون تحريڪون بي اثر ثابت ٿيون آهن. هنن کي سمجهه ۾ اچڻ لڳو ته سامراجي ڳوٺن کي نظرانداز ڪندا آهن ۽ ڪابه ترقي ٿيڻ نه ڏيندا آهن. ڳوٺاڻو هاري جڏهن سجاڳ ٿيندو آهي ته اُنهي ئي انقلابي طبقو بنجي

پوندو آهي، جو ته هو ننگي ظلم جو شڪار هوندو آهي ۽ شهري مزور جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڏتڙيل ۽ وانجهيل هوندو آهي، ۽ انهيءَ ڊپ کان ته متان بک نه مري وڃي، هو هلندڙ پيرمار سرشتي جي مڪمل تباهيءَ کان گهٽ جو مطالبو نه ڪندو آهي ۽ ان لاءِ فقط تشدد ئي اثرائتو ذريعو سمجهندو آهي.

* *

هاڻي ملڪ جون انقلابي پارٽيون پنهنجن ماڻهن، وٿن ۽ وسيلن سان بغاوتن ۾ شامل ٿي رهيون هيون ۽ نوان محاذ کولي رهيون هيون. الجزائر قومي آزادي محاذ پنهنجا سکيا ورتل گوريلا شهرن توڙي ٻهراڙيءَ ۾ چپر ۾ آڻي چڙهيا.

انقلابي پارٽيون، جيڪي ٻڌتر ۾ هيون ۽ جنکي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته قومي جنگ ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ڪئي وڃي، تن کي پهو ملي ويو هو.

Soorih Mirani

٢٣- ڊسمبر ١٩٨١

کونج ٻڌائي آکاڻي

ڪونج ڇهن ستن سالن جي هئي ته آکاڻي ٻڌڻ لاءِ اچي، منهنجو پاسو وٺندي هئي. ڪڏهن وري چوندي هئي: بابا، اڄ مان ٿي توهان کي ڪهاڻي ٻڌايان.

هڪ ڏينهن ٻڌائڻ لڳي: ”هڪڙو هو بادشاهه. هو امير ماڻهو هو، جهڙا اسين امير آهيون نه، اهڙو امير. هن جي ملڪ ۾ هڪڙو غريب ڪانير رهندو هو.“

”ڀلا اهو ڪانير ڪنهن جهڙو غريب هو؟“ مون پڇيو مانس.

هوءَ ٿورو منجهي پئي. سوچي جواب ڏنائين: ”جهڙو اسان جو نوڪر نواز آهي، اهڙو غريب.“ ٿورو ماٺ ٿي وري چيائين ”پر نواز کي ته اسان وٽان ٿي ويلا ماني ملي ٿي ۽ پگهار به ملي ٿي، جنهن مان ڪپڙا به سبرائي وٺي پائيندو آهي. پر اهو ڪانير اهڙو غريب هو جو بک مرندو هو ۽ ڪپڙا به ڦاٽل هوندا هئس.“ هن اهڙي اعتماد سان چيو ڄڻ ته ان ڪانير کي اکين سان پئي ڏٺو هئائين.

”ڀلا توکي ڪيئن خبر پئي ته اهو ڪانير پيٽ بکيو رهندو هو ۽ ليڙا ڦاٽل هوندا هئس؟“ مون سوال ڪيو.

”جهنگ ۾ هن کي ڏٺو هو ۽ هن جا ليڙون ٿيل

ڪپڙا ڏسي ٿي ته پريءَ کي هن ٽي ڪهل آئي هئي.”

“پلا ڪاٺير ڪم ڪونه ڪندو هو ڇا؟”

“ڪم ته ڏاڍو ڪندو هو. جهنگل ۾ وڃي سڪيون ڪاٺيون به ميڙيندو هو ۽ ڪهاڙيءَ سان وڻن مان ڪاٺيون ڪپيندو هو ۽ اهي گهر وڃي رکندو هو ۽ جڏهن سڪنديون هيون ته پنهنجي گڏهڙي تي رکي شهر ۾ وڃي وڪڻندو هو. سڄو ڏينهن پورهيو ڪندو هو، تڏهن به اهڙا ڏوڪڙ ڪونه ملندا هئس جو پيٽ ڀري ماني کائي ۽ نوان ڪپڙا وٺي.”

“پلا بادشاهه ڪم ڪندو هو؟”

“بادشاهه ٿورو ئي ڪم ڪندا آهن.”

“مان به ڪم ڪيان ٿو، نواز به ڪم ڪري ٿو ۽ ڪمائي ٿو، پر بادشاهه ڪم به ڪو نه ڪندو هو تڏهن به هن وٽ الاهي دولت هئي. اها ڪٿان ٿي آندائين؟”

هوءَ وري چپ ٿي سوچ ۾ پئجي وئي.

“توهان سون کي پيسا ڏيندا آهيو نه، ماڻهو به ائين بادشاهه کي پيسا ڏيندا هوندا.”

“پر تون ته منهنجي ڌيءَ آهين، ننڍڙي آهين ۽ ڪمائڻ لائق نه آهين. بادشاهه ته جوان مرد ۽ ڏٽو مٽو هو، ۽ هو ڀين جو ڪو پٽ ڀاءُ يا لولو لنگڙو ته ڪونه هو جو هن کي پيسا ڏيندا هئا؟”

“ها، بابا، سون کي ياد آيو ته ڪاٺير جهنگ ۾ پريءَ کي داٿهن ڏني ته سان جيڪي ڪاٺيون وڪڻڻ واسطي

شهر ۾ ڪٿي ويندو آهيان، ان مان اڌ ڪان وڌيڪ ته بادشاهه جي محل ۾ پهچائڻا پوندا آهن . سٺيون سٺيون ڪاٺيون چونڊي به ڪٽن ۽ ڏين به ڪجهه ڪون. پوءِ جيڪا ڪاڪڙ ڪوڪڙ بچي ساوچي وڪڻڻ جي ڪوشش ڪريان. ان مان ڏڪو آنو مليو نه ملئي جهڙو. پريءَ کي اهو به هدايتون ته جي بادشاهه وٽ ڪاٺيون نه پهچائيندس يا انهن جي قيمت گهرندس ته مون کي پڪڙي ڪاٺ ۾ وجهندا يا ڦاسيءَ تي چاڙهيندا. بابا، ان جو مطلب ته ڪتي، ٻڪري، سونارا، هاري ۽ ٻيا پورهيت به بادشاهه کي سڀ ڪجهه مفت ۾ پهچائيندا هوندا. ان ڪري هن جو ڪو خرچ ڪون ٿيندو هو ۽ هن وٽ دولت ڪٿي ٿي ويندي هئي."

وري هوءَ سوچڻ لاءِ سانت ۾ وئي.

"ها بابا، مون سمجهيو. ماڻهو جيل ۽ ڦاسيءَ جي ڊپ کان بادشاهه کي روڪڙ پيسا ۽ سون چاندي به ڏيندا هوندا. ان ڪري ئي ته هن جو خزانو ڀريل هوندو."

"پوءِ اهو ماڻهو سٺو ته نه، چڱو جو هڪڙو ته ڪم نه ڪري ۽ ٻيو وري هيتري خلق کي ڏکيو رکي پاڻ پيو سک ماڻي."

"ها بابا، ان ڏينهن جهنگ ۾ جو پريءَ هن ڪاٺير جو برو حال ڏٺو ۽ پاڻ کي ڪاٺير آڏو ظاهر ڪيائين ته خبر اٿوَ ان ڏينهن ڇا ٿيو هو؟ ڪاٺير پريءَ کي هدايو ته هو رات کان ئي سخت بيمار هو ۽ چرڻ پرڻ جهڙو نه هو. پر انهيءَ ڊپ کان ته جي بادشاهه کي ڪاٺيون نه پهچائيندو

ته ڦاسي ملندس، هو گهلجندو گهلجندو ڪانيون ڪرڻ لاءِ هن جهنگ ۾ پهتو هو. بابا، پريون ٻارڙن کي ڏاڍو پيار ڪنديون آهن ۽ غريبن جو به ڏاڍو خيال رکنديون آهن. سو هن پريءَ کي ڪاٺير تي قياس اچي ويو. پوءِ خبر اٿوَ پريءَ ڇا ڪيو؟ هڪ ته هن کي اهڙي دلداري ڏنائين جو هو اتي جو اتي نيڪ ٿي ويو ۽ پوءِ هن کي هڪڙي ترڪيب ٻڌايائين."

"ڪهڙي ترڪيب؟" مون پڇيو.

"پريءَ ڪاٺير کي ٻن قسمن جا پائوڊر يعني ٻورا ڏنا، هڪڙو ڳاڙهو ٻورو ۽ ٻيو سائو ٻورو، ۽ هن کي سمجهايائين ته ڳاڙهو ٻورو پاڻيءَ ۾ ملائي تون ڪنهن نموني شهر جي مڙني ڪمين ڪاسبين ۽ پورهيتن کي پيارجان، ۽ تون پاڻ به پيجانءِ. ان جو اثر اهو ٿيندو جو توهان سڀئي اهڙو بيمار ٿي پوندا جو بستري داخل ٿي ويندا ۽ چرڻ پرڻ جهڙا نه ٿيندا. ان ڪري ڇا ٿيندو جو ڪير به بادشاهه کي نه ڪانيون پهچائيندو نه ڪپڙا ڌوئيندو، نه اَنُ ڏيندو، نه ماني پچائيندو ۽ نه ڪو ٻيو ڪم ڪندو. جنهن ڪري ٻن ٽن ڏينهن اندر ئي بادشاهه اهڙو بيزار ۽ تنگ ٿيندو جو آڻ مڃيندو ۽ ڪنهن به نموني پورهيتن کي چاق چڱو ڀلو ڪرائڻ چاهيندو. ان وقت تون شرط وجهجانءِ ته جي بادشاهه انجام ڪري ته اڳتي ڪڏهن به ڪنهن پورهيت کان بنا اجوري نه ڪو ڪم ڪرائيندس ۽ نه مفت ۾ هن کان ڪا شيءِ وٺندس. پوءِ تون هي سائو

ٻورو سيني پورهيتن کي پاڻيءَ ۾ وجهي پيارجان ته هو چڱا ڀلا ٿي اڳئين کان اڳرا ٿي اٿي کڙا ٿيندا.“

”بادشاهه جي آڳونٽي متي سور. هن ٻئي ملڪ مان ڪم وارا گهرايا هوندا.“ مون وچ ۾ چيو.

”نه نه، بابا، توهان ٻڌو ته سهي. هن انهن ڪرڻ جي برابر ڪوشش ڪئي. پر هو پنهنجي ظلم ڪري ايترو بدنام هو جو ٻئي ملڪ وارن پورهيتن هن ملڪ ۾ اچي ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پوءِ حڪيمن کان بيمار پورهيتن جو علاج ڪرايائين، پر ڪو به فرق نه ٿي پيو. بادشاهه ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ هن جي، هنجي خاندان جي، وزيرن جي ۽ ٻين وڏن ماڻهن جي حياتي وبال بنجي وئي. نيٺ بادشاهه پڙهو گهمايو ته جو شخص هنن پورهيتن ۽ ڪاسبين جي بيماريءَ جو ٻلو ڪندو، تنهن کي جو هو گهرندو، سو انعام ڏبو. ڪانئر ڏٺو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي. هن هام ٻري ۽ هن بادشاهه کي پنهنجا شرط شروط چوائي موڪليا. بادشاهه هرڳالهه قبولي. پوءِ ڪانئر پريءَ جو ڏنل ساڻو ٻورو پاڻيءَ ۾ وجهي سيني بيمار پورهيتن کي پياريو ته هو اٿي کڙا ٿيا ۽ پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويا. هاڻي هنن جي محنت ۾ ڦر لٽ ڪانه ٿيندي هئي ۽ هنن لاءِ خوشحاليءَ جا ڏينهن اچي ويا.“

”پٽ، تو ته ڏاڍي سٺي آکاڻي ٻڌائي آهي.“ مون ڪونج کي چيو ۽ دل ئي دل ۾ ڳاڙهي ٻوري ۽ ساڻي ٻوري وارن نسخن تي سوچڻ لڳس.

—

۹- جنوري ۱۹۸۱

کڙڪو، کڙڪو، ڦڙڪو

نوين بجي ٿي، جيڪو آفيس جو ٽائيم آهي، هو پنهنجي نموني پڇا ڪن ٿا ته صوبيدار پنهنجي آفيس ۾ اچي ويو آهي يا نه. پنهنجي نموني ان ڪري جو هو اهو نه ٿا چاهين ته صوبيدار يا ٽائي جي ڪنهن ماڻهوءَ کي هنن جي ارادي جو اڳواٽ اطلاع پهچي وڃي. نيٺ يارهين بجي پتو پوين ٿو ته صوبيدار پنهنجي بنگلي مان نڪري آفيس ۾ اچي ويٺو آهي.

ڏهن شاگردن جو جٿو ٽائي اندر گهڙي ٿو. ٻه سپاهي ٻاهر تڙڪي ۾ ويٺا آهن. هنن کي سرڪاري اوور ڪوٽ پاتل آهن ۽ سندن آڏو سگريٽ ۾ ڪوئلا ٻري رهيا آهن. ڳالهيون ڪندي هٿ سيڪين پيا. شاگردن کي گهڙندي ڏسن ٿا. سوچين ٿا ته جو ڪم هوندن پاڻهي اچي پڇندا يا صوبيدار سان ملڻو هوندن ته هن کي اطلاع ڏيڻ لاءِ چوندا. شاگرد سڌو صوبيدار جي ڪمري ڏي رخ رکن ٿا. ورانڊي ۾ بينچن تي ٽي چار عرضدار ويٺل آهن. هنن جا ڪپڙا موسم جي سٽ جهلڻ لاءِ اڻپورا آهن. هو سيءَ کان ڏڪي رهيا آهن. چوڪرا دروازي جو پردو هٽائي، صوبيدار جي آفيس اندر داخل ٿين ٿا. ڪمري جو گرم وايو منڊل هنن ۾

وٺندڙ احساس پيدا ڪري ٿو. صوبيدار ڪي خانگي پوشاڪ پهريل آهي . ولايتي ڪپڙي جو فل سوٽ ۽ بند ڳچيءَ وارو ولايتي سئيٽر. هن جي آڏو ميز تي بجليءَ جو هيٽر (Heater) چمڪي رهيو آهي. ميز تي ساڄي پاسي ڪان چانهه جو پيرل ڪوپ رکيو آهي، جنهن مان ٻاڦ نڪري رهي آهي. صوبيدار جي هٿ ۾ سگريٽ دُکي رهيو آهي. هن جي چهري مان سمڪ پوي ٿي ته هو ڪٿي ٻئي هنڌ وسي رهيو آهي. هن جون اکيون ڳاڙهيون آهن ۽ نظرون اڻ چٽيون. راتوڪي پيتل شراب جو خمار اڃا موجود ٿو ڏسجي. بنا اطلاع ۽ بنا اجازت ايترن ماڻهن ڪي مداخلت ڪندي ڏسي ٿو ته سوٽو هٿ لاءِ سگريٽ ، جو چپن تائين آندو هئائين، اتي ئي رهجي ٿو وڃي.

ان وچ ۾ به سپاهي، جي اس ۾ ويٺا آهن، سي ورانڊي ۾ اچن ٿا، اهو چاڻڻ لاءِ ته ڪهڙو مامرو آهي يا شايد ان لاءِ ته متان صوبيدار کي سندن ضرورت پئجي وڃي. هڪڙو سپاهي جو لاڪپ تي پهرو ڏئي رهيو آهي سو به هتي هليو ٿو اچي. هن کي به گرم سرڪاري اوور ڪوٽ پيل آهي ۽ هٿ ۾ رائيفل اٿس. هن جي پٺيان سانوڻ به اچي ٿو. سانوڻ، لاڪپ ۾ بند ٿيل لقمان جو پاءُ آهي. سانوڻ لاءِ ماني ڪٿي آيو هو. پوليس واري هن کي اندر اچڻ ۽ پاءُ وٽ وڃڻ نه ٿي ڏنو. جڏهن هن پنج رپيا ڏنا تڏهن سرمس پوليس واري هن کي پاءُ وٽ وڃڻ ڏنو. هاري لقمان تالي لڳل ڪوٺيءَ ۾ بند هو. ان ڪوٺيءَ جي دريءَ جا شهشا

پگل هئا ۽ سخت سرد هوا اچي رهي هئي. لقمان ٿڌي فرش تي پيل ٿڌي تي سهيل هو. هن جي مٿان ٻه ليڙون ليڙون ٿيل رليون هيون. هن جي ڏٻري جسم تي مختصر ۽ ڦاٽل ڪپڙا پهريل هئا. انهن حالتن ۾ ٻه هو هن وقت ڪُرونڊڙو ٿيو ڪهري ننڊ ۾ ستل هو. رات جو دير دير تائين هنکي ماريو ۽ ڪٽيو ويو هو ۽ ايذاءَ ڏنا ويا هئا ۽ جڏهن رات وهامڻ لڳي هئي تہ هن کي ليٽڻ ڏنو هئائون. قلف لاهي سپاهيءَ در کوليو. سانوڻ پاڻ جي ويجهو وچي آواز ڏنو: ادل اٿ، ماني کاءُ. پر آواز ايترو هلڪو هو جڻ هو پنهنجي ننڊي پاڻ کي جاڳائڻ نہ چاهيندو هجي، جئن هنکي ڪجهہ وڌيڪ آرام ڪرڻ جو موقعو ملي. ٻہ ٽي پيرا انهيءَ انداز ۾ سڏ ڪيائين. لقمان ڪونہ چريو. سپاهي جو پرسان بيٺو هو، تنهن چيو اڙي سان تو اٿاريانس. اٿين چئي لانگ بوٽ وارو پنهنجو ساڄو پير لقمان کي هٺ لاهہ مٿي کنيائين تہ سانوڻ جهڪي هن جي ان پير کي ٻنهي هٿن سان پاڪر ڪئي وڌو ۽ نيزاري ڪري چيائين: نہ جمعدار سائين رحم ڪريو مان هنکي جاڳايان ٿو. هن جي نيٺن ۾ ماڪ ڦڙا پرجي آيا.

لقمان جاڳيو تہ سانوڻ هنکي اٿاري وهاريو. پنهنجو پراڻو ڪوٽ لاهي، هنکي پارايائين. لاڪپ جي چئن ڏينهن ۾ هن جو جسم اڌ وچي رهيو هو. بدن جي ڪليل حصن تي مار جا ڏنا ۽ نشان هئا. هن جا هٿ، منهن ۽ اکيون سڄيل هيون. سانوڻ جو هيانءَ پرجي آيو هو ۽ وات مان

لفظ اکاي نہ ٿي سگهيس. هو گرهہ گرهہ ڪري پنهنجي هٿ سان پاڻ کي ماني کارائڻ لڳو. ٻاهر گوڙ ٿيو تہ سپاهي اوڏانهن وجي وري موٽي آيو. اچڻ سان حڪم ڪيائين تہ هاڻي گهٽو ٿي ٿيو، اٿ، ٻاهر نڪر. ماني اڃا پوري نہ ٿي هئي. سانوڻ گهٽو ٿي ٻاڏايو پر سپاهي هن کي ٻاهر ڪڍي قلف بند ڪيو ۽ روئنشو ڏسڻ لاءِ ورانڊي ڏانهن هليو ۽ سانوڻ کي اتي بيهڻ نہ ڏئي هليو وڃڻ لاءِ چيائين....

صوبيدار سگريٽ وارو هٿ چپن تان هيٺ ڪري ٿو. نرڙ تي هيٺر جي تارن جهڙا گهنج پيدا ڪري ڪڙڪي سان چوي ٿو: ”توهان ڪير آهيو ۽ ڇو آيا آهيو؟“

”اسين لقمان، جيڪو هتي چئن ڏينهن کان لاڪپ ۾ آهي، تنهنجي باري ۾ ڳالهائڻ آيا آهيون.“ شاگردن جو سرواڻ وراڻي ٿو.

”توهانجو ڇا وڃي ان معاملي ۾؟ توهانجي هن سان ڪهڙي مائٽي آهي جو وچ ۾ ٿا پئو؟“ صوبيدار ڪڇي ٿو.

”هو اسانجي ڪلاس جو آهي ۽ اسانکي خبر آهي تہ هو بيڏوهي آهي.“ شاگرد جي جواب ۾ ساڳي نرمي آهي.

”توهان کي شرم اچڻ گهرجي جو پڙهيل ڳڙهيل ٿي هڪ چور جي سفارش ڪرڻ آيا آهيو.“ صوبيدار جو آواز بلند ٿي ٿو وڃي.

”اها توهان کي بہ خبر آهي تہ لقمان اها چوري نہ ڪئي آهي ۽ توهان کي توڙي اسان کي اها بہ خبر آهي تہ اها چوري ڪنهن ڪئي آهي.“ شاگرد جي آواز ۾

خود اعتمادي آھي.

”مان توھان کي منھنجي ڊيوٽيءَ ۾ اٽڪاءَ جو قلم لڳائي گرفتار ڪري سگھان ٿو.“ صوبيدار مروڙي مڇن کي پھرينءَ جي چنڊ جي شڪل ۾ بنائيندي چوي ٿو.

”نہ پوءِ ھوندو بہ رکو وڏيرو توسان گڏ، جنھن جي چُرچ تي ۽ جنھن سان ٻڌڻ تي ٿون بيڏوھي لقمان تي ھن ڪيس ۾ ظلم ڪري رھيو آھين ۽ توکي مقابلو ڪرڻو پوندو شھر جي شاگردن، پورھيتن ۽ ھارين سان.“ شاگرد صوبيدار سان اکيون اکين ۾ ملائي ڳالھائي ٿو.

”اھي سڀ ڪتابي ڳالھيون آھن. ڇاڇا شاگرد، ڇاڇا پورھيت. اڄا اسان جي ڏنڊي جو مزو نہ چکيو اٿئي.“ صوبيدار جو ھٿ اڄا مڇن مروٽڻ ۾ مشغول آھي.

”سماج جي تاريخ ۾ اھڙو مرحلو بہ ايندو آھي جو ڪتابي ڳالھيون حقيقت جو روپ وٺنديون آھن.“ شاگرد چوي ٿو.

”مان ڏسڪيون ٻڌڻ تي ھريل ناھيان.“ صوبيدار ڪرڙي اک سان چوي ٿو.

”خير اسين بحث ڪرڻ ڪو نہ آيا آھيون. اسان فقط چتاءُ ڏيڻ چاھيون ٿا تہ لقمان کي ھن ڪلاڪن اندر آجو ڪيو وڃي!“

شاگردن جي ٻوٽن جو کڙڪو ختم ٿئي ٿو تہ صوبيدار رڙ ڪري سپاھين کي اندر سڏي ٿو. ھو ڏسن ٿا تہ ھن جو منھن ھيٽر جي تتل تارن جيان ڳاڙھو ٿي ويو آھي، مڇن

۾ ڦڙڪو آهي ۽ هن جي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا نڪري آيا آهن. هو هنن کي دهائي ٿو ته هنن چورن کي اندر اچڻ ڇو ڏنو. سپاهي ملڪ مات ۾ هڏندي محسوس ڪن ٿا ته صوبيدار جا نشا ٽٽي چڪا آهن.

—

۲۳- اپريل ۱۹۸۱

ڏکڻ ڏيل جو اٽل ارادو

”پرينهن واري هڙتال ۾، يهودين جي هن ڪارخاني ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪم ضرور بند ڪرائڻو آهي.“

گرماگرم گفتگو ٿي رهي آهي اردن نديءَ جي الهندي ڪناري جي نابلوص شهر جي غريب پاڙي جي هڪ گهر ۾. فلسطيني تنظيم جا ڏهه نوجوان آهن. هو هڙني هڪ ئي وقت هن جاءِ ۾ ڪونه گهڙيا هئا. هڪ هڪ ٿي، جدا جدا وقت تي، جدا جدا پاسي کان ۽ جدا جدا گهٽيءَ مان هو هتي اچي گڏ ٿيا آهن. ڪن کي عربي جبا پهريل آهن ۽ ڪن کي نيرا جينيز.

”يهودين جي لشڪري راڄ خلاف اسان جو احتجاج ته هلندو ٿي آيو، اسان جي ٻن ميئرن کي برطرف ڪرڻ کان پوءِ ان ۾ تيزي اچي وئي هئي. ان تيزيءَ دوران، جيروسلم جي مسيت ۾ هڪ يهودي سپاهيءَ جو عربن تي حملو، ٻرندڙ باهه تي پيٽرول هارڻ برابر آهي.“

”سارو معاملو ئي پيٽرول جو آهي. عرب ملڪن جي زمين مان پيٽرول نڪتو ته سامراجين کي پيٽ ۾ سور ٿي پيو. ان پيٽرول تي قبضو قائم رکڻ لاءِ ۽ عربن کي هيسائڻ

خاطر سامراجين پنهنجو پهريدار اسرائيل پيدا ڪيو.“

”اسان ڪڏهن به پنهنجي هلچل کي مذهبي رنگ نه ڏنو آهي. اسان جي جنگ قومي جنگ آهي، قومي آزاديءَ جي جنگ، سامراجيت کان آزادي. دنيا جي سياست تي نظر ڪبي ته ڏسبو ته جتي مذهب آهي، اتي آمريڪا آهي ۽ آمريڪا سامراجين جو لٽ سردار آهي. يهودي پنهنجي ڏاڏائيءَ کي مذهب جي مراقبي ۾ پيش ڪن ٿا، پر اصل ۾ اها سامراجيت جو روح آهي. حقيقت پسنديءَ جي نگاهه سان ڏسبو ته پڌرو ٿي پوندو ته دنيا جي گهڻن ملڪن جي باهمي ناتن جو بنياد اقتصاديات آهي ۽ نه مذهب. اسرائيل رياست جي پيڙهه مذهب تي آهي، پر هو مذهبي جوش کان وڌيڪ سامراج جي مالي سهڪار ۽ آمريڪي هٿيارن سان وڙهندا آهن.“

”قتل گهر ۾ ڪري، گهٽيءَ ۾ ڪري يا عبادتگاهه ۾، هڪ سامراجي هڪ مظلوم کي ٿو قتل ڪري. عبادتگاهن ۾ چيڙ ڇاڙ ڪرڻ سان هو دنيا وارن کي اهو اثر ڏيڻ ٿو چاهي ته هو مذهبي ويڙهه وڙهي رهيو آهي.“

”اسان وٽ ته ڪجهه عرصي کان هڙتالون، مظاهرا ۽ ٻيا احتجاج ٿي رهيا آهن، پر پرينهن، دنيا جي مسلمان ملڪن کي جنهن اسٽرائيڪ جو سڏ، عربستان جي شاهه خالد ڏنو آهي، ان جا ڪي دلچسپ پهلو به آهن: عام طرح اهو اثر پيدا ڪيو ويندو آهي ته اسلام جي خيال کان هڙتال جائز ڪانهي ۽ خاص ڪري عرب ملڪن جا حاڪم، عوام کي

ان حق کان وانجهو رکيو پيا اچن. هن هڙتال جي سڏ ۾ اهڙن حاڪمن جي رويي ۾ ڦيري جا امڪان ملن ٿا ۽ خاص طرح پهريون ڀيرو عرب ملڪن جي عوام جي ذهن نشين اها ڳالهه به ٿيندي ته قومي احتجاج جو هڪڙو طريقو اهو به آهي."

هڪڙو ساٿي اٿي ڪڙڪيءَ وٽ وڃي ٿو ۽ اها ٿورڙي کولي، آسپاس ٻاهر جي ڇڪاس ڪري، وري واپس اچي وهي ٿو.

"اسان کي هر طرف کان جڪڙيو ۽ پڪڙيو پيو وڃي. نه سياسي آزادي، نه اظهار جي آزادي. اسان لاءِ آهن ڏنڪا ۽ ڦاسيون، گولا ۽ گوليون. اسان جي تاريخ ۽ تهذيب کي غلط روپ ۾ ڦيرايو پيو وڃي. وڏي ۾ وڏو هاڃو تعليم جي ميدان ۾ رسايو پيو وڃي. اسڪول ۽ ڪاليج، ڪنهن نه ڪنهن بهاني، سال مان ڏهه مهنا بند رکيا ٿا وڃن."

" ديسي ماڻهن پنهان ايترا جاسوس ڇڏيل آهن ، ۽ جاسوسيءَ تي هيءَ يهودي حڪومت ايترو خرچ ڪري ٿي، جنهن جي اڌ جيترو به تعليم يا صحت جهڙن شعبن تي به ڪونه ٿي ڪري. فوجي توڙي غير فوجي يهودي کليو کلايو اسٽين گن ۽ مشين گن جهڙا هٿيار کنيو پيا گهمن ڦرن، پر اسان فلسطينين کان سڀ هٿيار کسيا ويا آهن. ڪوڙر ڪٽڻ به ڏوهه آهي."

"اسان کي ٿوراڻيءَ ۾ ڪرڻ واسطي ٻاهران يهودي آڻي هتي آباد ڪيا پيا وڃن. هنن کي بستيون (Settlem-

ents) نهراتي ڏنيون پيون وڃن ۽ زمينون ۽ ڪارخانا ڏنا پيا وڃن. هنن لاءِ روزگار ۽ نوڪرين جون سڀ سهوليتون موجود آهن. ڪارخانن ۾ نوڪرين ۾ يهودين کي ديسي ماڻهن کان وڌيڪ پگهارون ڏنيون ٿيون وڃن. يهودين کي جيڪي زمينون ڏنيون ٿيون وڃن، تن لاءِ هو چون ٿا ته اهي سرڪاري ايراضيون آهن ۽ ڪنهن جي نالي ۾ رجسٽر ٿيل نه آهن.“

”اسان جي ماڻهن جو وڏو تعداد بيروزگاريءَ ڪري ڏتڙيل آهي. پر يهودين کي ننڍي يا وڏي نوڪري بنا دير ملئيو وڃي. ڪو يهودي ڪنهن آفيس جو مٿيون آفيسر آهي يا ڪنهن ڪارخاني جو مالڪ بڻجي ٿو ته آفيسر کان وٺي ڊرائيور ۽ پٽيوالي تائين پنهنجي ملڪ مان يهودي آڻي ڀرتي ڪري ٿو.“

”هتي ڪو ڪارخانو کلڻ سان يا ڪٿي پيٽرول نڪرڻ سان اسان کي خوشي ٿيڻ کپي ته ان ڪري هڪ ته اسان جي ملڪ جي اپت وڌندي ۽ ٻيو ته هتي جي رهاڪن کي روزگار ملي ويندو. پر ٿئي ٿو جو انهن مان جيڪا دولت پيدا ٿئي ٿي، سا يهودي اسرائيل ڏي ڏيوئي وڃن ۽ روزگار ۽ نوڪرين لاءِ ڌاريا يهودي اچيو نازل ٿين.“

جوشيلن نعرن جو آواز اڀري ٿو. هڪڙو ساٿي اٿي کڙو ڪيءَ وٽ اچي ٿو ۽ ٻاهر جهاتي پائي ٿو. فلسطيني شاگردن جو جلوس لنگهي رهيو آهي. فلسطيني ٻار ۽ ٻڍا، مرد ۽ ضاعفون گهرن مان نڪري آيا آهن. رستن جي ڪنارن، ڇتين ۽ وڻن تي اچي بيٺا آهن. هو زور زور سان تاڙيون

وچائن ٿا ۽ جوش مان مشيون هوا ۾ اڇلي جلوس وارن سان هم آواز ٿي نعرا هڻن ٿا.

هتي جيڪي مظاهرا، هڙتالون ۽ احتجاج ٿيندا هئا، انهن ۾ هتي ڪم ڪندڙ يهودي هاري ۽ يهودي پورهيت حصو نه وٺندا هئا. هو پرسار قوم جا ماڻهو هئا.

هن گهر ۾ ڪڏ ٿيل فلسطيني تنظيم جي ٽوليءَ ۾ ٻه نوجوان ڇوڪرا اهڙا هئا، جي هن شهر جي ڪپهه جي ڪارخاني ۾ ملازم هئا. هو اڪثر ڪچهرين ۾ پنهنجي ساٿين کي اهو قصو ٻڌائيندا هئا ته هنن کي هن ڪارخاني ۾ ڪيئن نوڪري ملي:

مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ هنن ڏاڍا چڪر ڏنا، پر ڪٿي نوڪري نه ٿي مليئن. نيٺ هو پنهنجي چاچي ڊاڪٽر وٽ آيا. ان ڪپهه جي ڪارخاني جو مالڪ ڊاڪٽر جي زير علاج مريض ۽ دوست هو. هن کي فون ڪيائين. ڪارخانيدار يهوديءَ چيس ته ڇوڪرن کي موڪل ته نوڪريءَ ۾ لڳايان ٿو. ڊاڪٽر هنن کي چٺي ڏني ۽ فئڪٽريءَ ۾ وڃڻ لاءِ چيو. ڇوڪرن جي ڪڙي واقفڪار جڏهن اها چٺي ڏٺي ته هن چين ته اتي توهانجو وڃڻ اجايو آهي، ان ڪارخاني ۾ ڪنهن به فلسطينيءَ کي نوڪريءَ ۾ نه رکندا آهن. هو جڏهن ڪارخاني جي دروازي تي پهتا ته اتي يهودي چوڪيدار هنن کي فلسطيني ڏسي، اندر وڃڻ نه ڏنو. هنن ڪافي ڪوشش ڪئي ۽ ڪافي مهل ترسيا، پر ڪنهن به نموني هنن کي سيٺ تائين پهچڻ نه ڏنو ويو.

هو هتي ڏينهن به ويا، پر وري به ساڳي ڪار ٿين. ڪنهن به هنن تي توجهه نه ڏنو. هنن ڊاڪٽر کي سچي ماجرا ٻڌائي. ڊاڪٽر سيٺ کي فون تي حقيقت ٻڌائي. هن چيو ته هينئر تي هتي پهچن. مان چوڪيدار کي چٺي ٿو ڏيان.

هنن کي ڇهين سوين واري نوڪري ملي وئي ۽ هو ڪم تي وڃي چڙهيا. ٿورن ڏينهن اندر ئي خبر پئجي وين ته ڪارخاني جي ٻارهن سوءِ ملازمن ۽ مزورن ۾ فقط هو ٻه فلسطيني هئا. منجهن کان ئي يهودين جي هنن سان روش اهڙي ۽ نفرت واري هئي. هنن کي هر طرح تنگ ۽ بيزار ڪيو ويو. هنن کي بجليءَ جي ڪم تي رکيو ويو هو. پر بجليءَ جو ڪم سيکارڻ بدران، هنن کان مشينون صفا ڪرڻ ۽ سامان ڍوئڻ جو ڪم ورتو ويندو هو ۽ وک وک تي چڙيون ڏنيون وينديون هيون ۽ فلسطيني هجڻ جا طعنا ڏنا ويندا هئا. هنن جي ڊيوٽي به هاڻڪاري ڏکئي ٽائيم يعني رات واري شفٽ ۾ رکي ويندي هئي. هنن جي سامهون فلسطينين کي گهٽ وڌ ڳالهايو ويندو هو ته ڪمچور آهن، ڪاهل آهن، جاهل آهن، بيڪار آهن، تخريبڪار آهن. ڇوڪرن کي ان وهنوار تي ڏاڍيو جوش ايندو هو، پر اڪيلا هئا ۽ ضرورتمند هئا، ۽ بيروزگاريءَ جي پيڙا پوڳي چڪا هئا. هنن ڊاڪٽر وٽ وڃي شڪايت ضرور ڪئي. ڊاڪٽر به هنن کي مات ۾ رهڻ ۽ محنت سان ڪم سکڻ جو مشورو ڏنو. ڇوڪرن پاڻ به سوچيو ته اڳي به جي ڪو سفارشي فلسطيني هتي ملازم رکيو ويو هو ته هتي جو نامناسب، ماحول

ڏسي پڄي ويو هو. ڇوڪرن جو ڇوڻ هو ته وايومنڊل اهڙو
هو جو ڪڏهن ڳالهه برداشت کان ٻاهر ٿي ويندي
هئي ۽ رت ٽهڪي اٿندو هو. هنن ٻڌايو ته شروع وارن
ڏينهن ۾، هڪ ڏينهن ڪم تان لهي ٻاهر نڪتاسين ته
ڪارخاني جي در جي ٻاهران، جتي اسين ٻئي بيٺا هئاسون،
هڪڙي يهودي مزدور ڪي مٿي تي عربي نموني رومال ۽
ٻڌي پهريل ڏٺيسين. ٻئي يهوديءَ مصنوعي ٽڙ هئي، هنجي
اها ٻڳ لاهي ڇڏي. ساڳئي يهوديءَ پٽ تي پيل ان پڳ
کي ٽڏو هڻي چيو اها آهي عزت ان ٻڳ جي. ڇوڪرا
ٻوندا هئا ته هنن کي ڏاڍو غصو آيو هو ۽ هنن مان هڪ
ته ٻڳ کي ٽڏو هڻندڙ تي حملو ڪرڻ خاطر اڳتي وڌيو هو،
پر ٻئي ساٿيءَ هٿ کان جهلي روڪيو هوس. ٻئي ڇوڪرا
ڪارخاني ۾ مٿي تي رومال ۽ ٻڌي ٻائي ويندا هئا. هڪ
ڏينهن ڪارخاني جي يهودي چيف انجنير انهن مان هڪڙي
کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي چيو ته ڪارخاني ۾ اها ٻڳ
پائي نه ايندو ڪر. ڇوڪر انجو ڪو جواب نه ڏنو ۽ نه
بحث ڪيائين ۽ مانُ ڪري موٽي آيو، پر پنهنجي قومي
پڳ پائڻ نه ڇڏيائين. وري ڪنهن به ان ڳالهه تي اعتراض
نه ورتو. جئن وقت گذرندو ويو تئن حرڪتن ۾ گهٽتائي
ايندي وئي. هنن جو ڪم تسلي بخش ڏسي به طعني بازيءَ
جي گنجائش نه رهي. ڪين ٻارهن مهنا ڪن ٿيا آهن. ڇوڪرن
چيو ٿي ته هاڻي اسان ۾ به خوداعتمادي پيدا ٿي وئي آهي
۽ يهودي فلسطين ۽ فلسطينين جي باري ۾ ڪا نامناسب

ڳالهه چونـدا آهن تـہ اسين بہ انجو جـواب ڏيندا آهيون ۽ بحث مباحثو ڪندا آهيون ۽ اڪثر هنن کي لاجواب بنائي ڇڏيندا آهيون. هو پنهنجي ٻي ڌرتيءَ تي پنهنجي اصلي لباس کي ترڪ ڪرڻ تي تيار نہ ٿيا هئا. ڇوڪرن اهو پڻ ٻڌايو ٿي تہ انهن ٻارهن مهنن ۾ ٻيو ڪوبہ فلسطيني هن ڪارخاني جي نوڪريءَ ۾ ڀرتي نہ ڪيو ويو آهي. هنن جو چوڻ هو تہ اسان گهڻي ڪوشش ڪئي آهي، پر اسان کي اتي رهڻ لاءِ ڪوارٽر نہ ٿو ملي. ڪارخاني اندر ڪوارٽرن جو شهر بنايو ويو آهي، ۽ ان ۾ پاڙا بنايا ويا آهن ۽ هر پاڙي تي يهودي نالا رکيا ويا آهن، جي هنن جي تاريخ ۽ تهذيب جي عڪاسي ڪن ٿا.

* *

هڪڙي محفل ۾، جڏهن ڇوڪرن پنهنجي هيءَ ڪٿا پوري ڪئي، تہ خيالن جي ڏي وٺ شروع ٿي وئي:

”سوال هي آهي تہ جڏهن هي سرڪاري ڪارخانو بہ ڪونهي ۽ هڪ يهودي سيٺ جو ذاتي ڪارخانو آهي، جنهن ۾ هو ٻارهن سوءِ ملازم ۽ مزور سڀ جا سڀ يهودي ڀرتي ڪري ٿو تہ هنکي ڪهڙو ضرور پيو آهي جـو هي ڪارخانو هتي اردن نديءَ جي اولهہ واري ڪناري جي پر ڳٽي ۾ اچي کوليو اٿائين. اهو تہ هن کي اسرائيل ۾ کولڻ گهرندو هو. ان طرح انهن ٻارهن سؤ يهودين کي جو پنهنجو گهر گهاٽ ڇڏي هيڏي اچڻو پيو ٿو، ان تڪليف کان بچي پون ها.“

”۽ هتي جي عرب رهاڪن جي ڏتل ۽ اٽڌتل، لڪل ۽ پڌري نفرت جو نشانو بنجڻو نه پوي ها.“
”هتي زمين جو پلاٽ سولو ۽ سستو مليو هوندس.“
”هتي ٽئڪسون بچائڻ جون سهوليتون هوندس.“
”هتي ڪچو مال گهٽ قيمت ۾ ۽ آسانيءَ سان ملندو هوندس.“
”هتي جي آب هوا گهميل آهي، ان ڪري ڪپهه جون ٿندون جلدي نه ٿيون ٽٽن ۽ اهڙي قسم جو ڪارخانو هتي ئي هلي سگهي ٿو.“
”شايد هتي جي ماڻهن کي جتائڻ چاهين ٿا ته ملڪ جا حاڪم اسين ئي آهيون.“
”حفيفه بندر ويجهو آهي، ان ڪري ٻاهران مشينري گهرائڻ ۽ پنهنجو تيار ڪيل مال ٻاهر موڪلڻ ۾ سستو پوندو هوندو.“
”ڳالهه جو مطلب هي آهي ته اقتصادي ۽ مالي طرح مالڪ توڙي مزورن کي نفعو آهي، تمام وڏو نفعو. اها ئي آهي يهوديت ۽ سامراجيت.“
”توهان کي ياد هوندو ته هي يهودي جڏهن هتي ڪو ڪارخانو کولڻ لڳندا آهن، ته وڏي واڪي چوندا آهن ته هن علائقي جو پاڪ ڪلي رهيو آهي. دولت به وڌندي ۽ ڪارخاني ۾ نوڪريون تر جي ماڻهن کي ملنديون.“

* *

اردن نديءَ جي الهندي ڪناري جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾

بي آرامي وڌي وئي هئي . هڙتالون پيون ٿينديون هيون . پر انهن هڙتالن ۾ يهودين جا ادارا ۽ ڪارخانا ڪم جاري رکندا هئا. انهن جا فلسطيني ملازم ان ڏينهن ڊيوٽيءَ تي نہ ويندا هئا تہ هنن جي پگهار ڪٽي ويندي هئي. يا برطرف ڪيو ويندو هو يا ٻي ڪا سزا ڏني ويندي هئي. هينئر جنهن اسٽرائيڪ لاءِ، عربستان جي شاهہ خالد، دنيا جي مڙني مسلمان ملڪن کي ڪوٺ ڏني هئي، تنهن سلسلي ۾ يهودين جي ان ڪپهہ جي ڪارخاني ۾ ڪم بند ڪرائڻ جي باري ۾ ويچاريو ٿي ويو:

”هڪڙو طريقو اهو آهي تہ ان ڏينهن ڪارخاني ڏانهن ويندڙ رستن تي رڪاوٽون ڪڙيون ڪيون وڃن. ٻيو رستو هي آهي تہ ڪارخاني جي مک دروازي وٽ ڏرڙو ماري ويهجي يا پڪيٽنگ ڪجي ۽ ڪنهن کي اندر گهڙڻ نہ ڏجي.“

”ان ريت جيڪڏهن اسين ڪامياب بہ ٿيون تہ بہ رکو ٻاهر رهندڙ ملازمن کي روڪي سگهبو. پر ملازمن جو گهڻو ڀاڱو ڪارخاني اندر رهي ٿو، سي ڪم شروع ڪري ڏيندا. پر وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اهڙن موقعن تي يهودي لشڪر جي پوري پلٽڻ ؛ مشين گنن ۽ اسٽين گنن سان هٿيار بند ٿي، ٽئنڪن سميت ڪارخاني جي حفاظت واسطي ڪارخاني کي گهيرو ڪري بيهندي آهي . ان حالت ۾ اسان جو ڪيڏو بہ هجوم، هنن جو مقابلو ڪندو تہ اسان جي وڏي رتوڇاڻ ٿيندي. هو وڏا ظالم آهن.“

”منهنجي ذهن ۾ هڪڙي ترڪيب آهي.“ ابن وهاب چيو، جو ان ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙن مان هڪ نوجوان هو.

هو پوري تفصيل سان پنهنجي رٿا ٻين کي ٻڌائي ٿو.

”ان ۾ جوکو نه وڏو آهي.“

”جوکو رکو هڪ چٽي کي ٿي سگهي ٿو. ٻي حالت ۾ اسان کي پنهنجا سوين ماڻهو موت جي منهن ۾ ڏيڻا پوندا.“ ابن وهاب ورائي ٿو.

* *

ڪارخانو سٺ ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي. ان جي چوڌاري ڪنڊن وارن تارن جو اوچو ۽ مضبوط لوڙهو ڏنل آهي. متئين ڏينهن واري شام جو ئي ابن وهاب ڏاڍي خبرداريءَ سان، لوڙهي جي هڪ ويران پاسي، وٽ پهچي ٿو. هو چپي چپي جو واقف آهي. هڪڙي اهڙي هنڌ، جتي لوڙهي اندران ٿورو جهنگل آهي، اتي هو تارن جي وٿين وچان هٿ لنگهائي، پولن جي وچ آهستي آهستي هڪڙو بنڊل اچلائي ٿو.

ٻئي ڏينهن ڊيوٽيءَ دوران، هو بجليءَ لائٽن جي چڪاس ڪندي، جا ڳالهه هن جي ڊيوٽيءَ ۾ شامل آهي، هو ان هنڌ پهچي ٿو. اڪيلو سان وڃي ڪالهوڪو بنڊل کولي ٿو. اهو پاڻي جو هڪ ننڍڙو کوکو آهي ۽ ان ۾ اندر ڪپهه ۾ ويڙهيل هڪ ٽائيم بم آهي. هو بم پنهنجي اوزارن جي ٿيلهي ۾ وجهي ٿو ۽ دستور مطابق ڪارخاني اندر پهچي

ٿو. هڪڙي صفي ۾، جتي پنج سؤ مزور ڪم ڪري رهيا آهن، اتي ڏهاڙي وانگر، پنهنجو بجليءَ جو ڪم ڪندو رهي ٿو. وجهه وٺي مک بٽڻ (مين سئچ) جو چار فوٽ ڊگهو ۽ فوٽ ويڪرو ۽ هڪ فوٽ اونهو ۽ پٽ ۾ لڳل ڪيٽ وانگر آهي ۽ جنهن ۾ اندر ڪافي وٿي آهي، ان ۾ ٽائيم بم رکي ٿو ڇڏي.

* *

هڙتال واري ڏينهن، هو ڪارخاني پهچي ٿو. شهر ۾ جتي ڪٿي سپاهي بندوقون تاڻيو بيٺا آهن. ڪارخاني جي چوطرف ۽ فوج پنهنجي ساز سامان سان موجود آهي. اچ ابن وهاب کي ڏسي، هر يهودي عجب ٿو کائي.

سيڪو هن کي شڪي نگاهن سان ڏسي رهيو آهي. هن کان هزارين سوال پڇن ٿا. هو جواب ڏئي ٿو ته مسڪين ماڻهو آهيان ۽ هڪڙي ڏينهن جي پگهار تان هٿ ڪڻ جي پڇت ۽ ڪانهي. ڪارخاني اندر ڇڏڻ کان اڳ، هن جي جسم ۽ ڪپڙن جي ٽي پيرا چڱيءَ طرح تلاشي ورتي وڃي ٿي.

اندر ڪم ڪندي ۽ هن کي محسوس ٿئي ٿو ته ڇڻ هر ڪو هن تي نگاهه رکي رهيو آهي، بلڪ چوڪسي ڪري رهيو آهي. پر سگهوئي هن کي موقعو ملي وڃي ٿو ۽ هو مين سئچ کولي ٽائم بم جو بٽڻ دٻائي ٿو ڇڏي.... اڌ ڪلاڪ کان پوءِ بم ڦاٽڻو آهي. هڪ ته بم خود ئي خطرناڪ آهي، وري بجليءَ جي ايڏي زبردست طاقت

واري سٽ سان ڳنڍيل هجڻ ڪري نهايت وڏو ، پيمانے ۽ تباهي آڻيندڙ ڌماڪو ٿيڻ جا سڀ امڪان موجود آهن.

ڏسجي ٿو ته بجليءَ جي وڏي مستريءَ کي هدايتون ڏنيون ويون آهن ته هو ابن وهاب کي پنهنجي نظرن کان پري وڃڻ نه ڏئي. هو گهڻو ڪجهه سوچي ٿو ، پر ڪا ترڪيب ڪانه ٿي سجهيس. هو ڪا اهڙائي ڪرڻ به نه ٿو چاهي ته متان شڪ پئجي وڃين ۽ ڪارخاني مان سڀ ماڻهو ٻاهر ڪڍي ڇهارين. وڏو مستري هاڻي ته هن کي ڪم ڪرڻ به نه ٿو ڏئي ته اڄ توکي موڪل آهي ، بس منهنجي سامهون ويٺو هج.

وقت ويجهو پئجي رهيو آهي. هو ظاهري طرح ته ظاهر ٿيڻ نه ٿو ڏئي. هو ٻاهريون پنو ته رکي ٿو. پر هن جي اندر ۾ ماندائي آهي. هڪ گهڙيءَ هن جي دل زور زور سان ڌڙڪي ٿي، رڳن ۾ رت تيز ٿي وڃي ٿو، دماغ ۾ انديشن جو اهڙو هجوم اپري ٿو جو هن جو ستو قائم لڳي ٿو ۽ هن کي ساري سرير ۾ ڏڪڻي محسوس ٿئي ٿي. ٻي گهڙيءَ هن جي دل ڇڻ بند ٿي وڃي ٿي، رڳن جو رت سڪي وڃي ٿو، دماغ سُن ٿي وڃي ٿو ۽ اکين آڏو انڌيرو ڇانئجي وڃي ٿو. ٽين گهڙيءَ هن کي پنهنجي ننڍي ڀاءُ جو رت ۾ ٻڏل لاش سامهون اچي ٿو . هن جو هي ڀاءُ مشترڪ ۾ پڙهندو هو. ان اسڪول جي فلسطيني شاگردن يهودين جي ڌاڙاين خلاف جلوس ڪڍيو هو ۽ ان تي يهودي پوليس بيرحميءَ سان گوليون هلايون هيون جنهن ڪري ٻه شاگرد

ٽڏي تي ٽي مري ويا هئا. انهن ۾ مان هڪڙو هن جو ڀاءُ هو .... هنن گهڙين جو چڪر هڪ ڀيرو ٻيهر هلي رهيو آهي ... جڏهن باقي پنج منٽ وڃي ٿا رهن ته هو صفا گهٻرائجي ٿو وڃي، اصل پنواٽي اچڻ تي لڳيس. چپ ۽ زبان سڪي ٿا وڃنس. اوچتو ”مان پيشاب ڪرڻ ٿو وڃان.“ چئي، هو هڪدم ٻاهر ڀڄ ٿو پائي. يهودي نه هن جي تاڙ ۾ بيٺا آهن ۽ هن کي گهٽو پري پڄڻ ڪونه ٿا ڏين. ڪنيي، اندر وڏي مستريءَ آڏو ٿا آڻينس. سڀني جي چهرن تي پريشاني مڙي آئي آهي. ابن وهاب پهلو ٻئجي وٺو آهي ۽ سڄو ڏڪي رهيو آهي . مستري ڪاوڙ مان هن کي ٽڪا ٽوڪي ڪري ٿو ۽ هن جو ٻهريون سوال اچا چپن تي ٿي آهي جو وڏو ڌماڪو ٿئي ٿو، جو ڪوهن تائين ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.... چتين جو پرزا پرزا ٿي اڏامڻ ، پتين جو ٻهڻ ، دونهون، دز، انڌيرو، باهه، شعلا، ماڻهن جون رڙيون!

۴- مارچ ۱۹۸۲

آواز ڏي ڪٿي آن!

لڪين ماڻهو پهچي ويا آهن ۽ انهن جو سمنڊ جاري آهي. ڪل گهوڙن، ڦٽ ڦٽين، موٽرون، بسون، بگيون ۽ گڏهه گاڏيون ماڻهن سان ڀريون پڇنديون ٿيون اچن. هيڏانهن اينڊز ٽيڪسين ۽ بسين وارا اهو به خيال ڪونه ٿا ڪن ته چڙهندڙ ڀاڙو ڏين ٿا يا نه. هوائي اڏي جا ميدان، ترسڻ جايون، وراندا، صُفا، ڪوٺيون، هوٽلون، گٽس، ڪٿلريون ۽ چيٽيون خلق سان ستجي ويون آهن. هتي جا سرڪاري ملازم، سيڪورٽيءَ جو عملو، پوليس ٽوڙتي ڪسٽم وارا اڄ ڏاڍا خوش طبع ۽ درياهه دل بنجي پيا آهن ۽ ماڻهن سان وهنوار ۾ پنهنجيون مرڪون اصل ارپيو ٿا ڇڏين. مرڪ ته هر چهري تي آهي. ميڻاج به هر چهري تي آهي. رونق به هر چهري تي آهي. ائين ٿو ڏسجي ته ماڻهو پوري وابومنڊل ۾ سِرُ ۽ ماڪي ٿا محسوس ڪن. هر آواز سريلو آواز بنجي ٿو وڃي. هجوم جو گوڙ، اڏند جهاز، جي ٽوري ٽوري وٺيءَ ڪان پوءِ پيا ٿا لهن چڙهن تن جا گهوگهٽ، گاڏين ۽ موٽرن جا رينگٽ، هوا جا سوسٽ، هر گونج، هر پڙاڏو، سڀ موسيقيءَ جو روپ وٺي رهيا آهن. ماڻهن جي ذهنن مٿان ڪو منڙو

آواز سوار آهي. گهڻا ته پنهنجا ڪئسيٽ وڄائڻا ڪڻي آيا آهن ۽ اهو مٺڙو آواز وڄائي فضا ۾ پکيڙي رهيا آهن. اڄ ان مٺڙي آواز جي مالڪياڻي اچي رهي آهي.... ماڪيءَ ڀريل سُرن سان ڪڏ ماحول ۾ سڄڻ آهي، سرهاڻ آهي. ڪيترا آيل گلن جا هار ۽ گلن جا ٽوڪرا ڪڻي آيا آهن. جڏهن ديويءَ تي چاڙهڻ لاءِ مندر ڏانهن گل ڪڻي وڃبو آهي تڏهن ڪوڙ بيحد سندر نينگريون گلن سان ڀريل ٿالهيون هٿن تي ڪڻي آيون آهن. ها، گل ڳائڻيءَ جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ، گل هنجي آڏو پيٽا رکڻ لاءِ، گل هن تي ورڪا ڪرڻ لاءِ ۽ گل هنجي راهه ۾ وڇائڻ لاءِ. فلم، فن ۽ راڳ جون اهم ۽ عظيم هستيون پنهنجن هٿن ۾ گلن جا هار جهليو بيحد سڪ، شوق ۽ انتظار ۾ بيٺيون آهن. انهن ۾ دليپ ڪمار، لتا منگيشڪر، اشوڪ ڪمار، پران ۽ نوشاد به آهن.

بمبئيءَ جي خوبصورت شهر جي شاندار هوائي اڏي جي هن اٿاهه هجوم مان هر انسان جي سوچ ۽ خيال الڳ الڳ آهي. ڪهاڻيءَ لاءِ فقط ٻن ڄڻن کي چونڊجي ٿو: هڪڙو ڊاڪٽر ۽ ٻيو مولانا عزيزالله نقشبندي.

ننڍي هوندي کان ئي ڊاڪٽر هن ڳائڻيءَ جو متوالو هو. هن جا ڳايل هڙئي گانا ۽ گيت رڪارڊن ۽ ڪئسيٽن جي صورت ۾ هن وٽ محفوظ هئا. تازو ريڊيءَ تي ان ڳائڻيءَ جو انٽرويو ٻڌائين ته ڏاڍو متاثر ٿيو. اڳي هن کي ڪاٿو ڪونه هو ته هوءَ ڪو ايتري ذهين به آهي. هن کي هنجي واتان اها ڳالهه ٻڌي به ڏاڍي پسند آئي ته "مان ڳائڻ کي

عبادت ٿي سمجهان، انڪري جڏهن ڳائيندي آهيان ته جڻ ته لاهي پير اڳهاڙا ڪري ڇڏيندي آهيان.“ جيتوڻيڪ ڊاڪٽر سوچيو ته اها ڪا نئين ڳالهه ڪانه آهي. اهو هڪڙو اصطلاح آهي جو صدين کان استعمال ٿيندو اچي. جنهن جو به پنهنجي فن يا ڌنڌي سان بيحد ذاتي چاهه يا عشق هوندو آهي ته هو ان فن يا ڌنڌي کي پنهنجي عبادت چوندو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر پنهنجو شخصي ويچار ٻئي نموني سوچيو هو. هو پڻ چوندو هو ته ڊاڪٽري منهنجي عبادت آهي. هڪ پيري خيال آيو هوس ته اها هڪ رسمي سوچ آهي. تنهن کان سواءِ عبادت جي لفظ سان مذهب جو تصور ڳنڍيل آهي ۽ اها تشبيهه يا اهو اصطلاح استعمال ڪري مذهب کي اهميت يا برتري ذهن هنڪي نه ٿي وڻيو. بهرحال ريڊئي تي پنهنجي پسند جي ڳائڻيءَ جي واتان اها ڳالهه هن کي ڏاڍي ڀلي محسوس ٿي هئي.

ڊاڪٽر جي اسپتال جو ٽائيم آهي، ان ڪري اڏند جهاز جي مقرر مهل کان ٿورو ئي اڳ اچي سهڙي ٿو. هو ان اٿاهه انبوهه جو حصو بنجي وڃي ٿو جنهن ۾ هر قوم، هر زبان، هر طبقي، هر مذهب، هر عمر، هر جنس ۽ هر سوچ جا ماڻهو شامل آهن. اڳواٽ اعلان ٿي چڪو آهي ته اڏند جهاز هڪڙو ڪلاڪ ليٽ پهچندو. ڊاڪٽر ميڙ ۾ پرسان ڪنهن کي چوندي ٻڌي ٿو ته هي ته هڪڙو ڪلاڪ آهي، پر جي هڪڙو سال ليٽ ٿئي ته به انتظار ڪبو. ڊاڪٽر به بنا ارادي دل ئي دل ۾ ورجائي ٿو: ها، هڪڙو سال ليٽ

ٿئي ته به انتظار ڪيو. هو ڪيترن ماڻهن کي هن ٿي ڳالهه جا نغما جهونڪاريندي ٻڌي ٿو ۽ پاڻ به جهونڪارڻ لڳي ٿو: آوازڏي ڪٿي آن اهوبار بار واچ ڏسي ٿو ۽ باربار مٿي آڪاش طرف نگاهه ڪري ٿو. اڏند جهاز جي انتظار ۾ هن جي سوچ جي اڏام جاري آهي: اسين هن جو آواز ته پنهنجي ڪهرن ۾ به ٻڌي سگهون ٿا. پر سڀ ڪجهه ڇڏي سيڙجي ڪهي هتي آيا آهيون، رڳو هن جي هڪڙي جهلڪ ڏسڻ خاطر، رڳو هن جو هڪ پيرو درشن حاصل ڪرڻ خاطر . ان ۾ اسين پنهنجي خوش نصيبي ڇو ٿا سمجهون؟ ان ۾ اسين فخر ڇو ٿا محسوس ڪريون؟ ان ۾ اسان جي ڪهڙي جذبي جي تسڪين ٿئي ٿي؟ اسين مذهبي ۽ ملڪي ويڇا وساري ڇو ٿا وهون؟ هن جي راڳ ۾ اسان کي ڇا ٿو ملي ۽ هن جي راڳ جو اثر ڪهڙو آهي؟ شايد هن جي سُرن ۾ اسين جيون جي پيڙا ۽ دنيا جا سور گهٽ ۾ گهٽ وقتي طور وساري ٿا وهون. يا شايد هن جي نغمن ۾ جا سونهن جواني ۽ پيار جي پچار آهي سان اسان جي جذبن سان هم آواز ٿي مايوسيءَ جي اوڙاهه ۾ اميد جو ترورو بنجي وڃي ٿي. ڇا هن اهڙي سماج لاءِ گيت ڳايا آهن جنهن ۾ جيون جي پيڙائن ۽ دنيا جي سورن کان ڇوٽڪارو ملي؟ ڇا هن اهڙي سماج لاءِ گيت ڳايا آهن جنهن ۾ سونهن، جواني ۽ پيار، آزادي ماڻن؟.... پر لفظ ته پين جا هوندا آهن، هن جو ته آواز هوندو آهي، هن جا ته سُرَ هوندا آهن....

اڏند جهاز ڌرتيءَ تي بيهي چڪو آهي. ڏاڪڻ لڳائي

ٿي وڃي ۽ دروازو کلي ٿو. پران، جو فلمن ۾ هيرئن جي حيثيت ۾ ڳائٿيءَ جو پهريون هيرو هو، سو ڏاکڻ تان ٽيون پرانکهون پرينڊو جهاز اندر داخل ٿئي ٿو. هو ڳائٿيءَ کي پنجتيهن سالن کان پوءِ ڏسي، هن جي قدمن تي ڪري پوي ٿو. مسافر حيرت مان نهارين ٿا. پوءِ پران خوبصورت ۽ خوشبودار گلن جو گلدستو ڳائٿيءَ کي پيش ڪري ٿو ۽ هن کي وٺي جهاز جي دروازي وٽ اچي ٿو. عوام خوشيءَ جا نعرا هڻي ٿو ۽ تاڙيون وڄائي ٿو. ڳائٿي پنهنجي اهڙي شاندار ۽ محبت ڀري آجيان جو ڏيک ڏسي جذبن جي شدت کان بت بڻجي وڃي ٿي ۽ هن جي چپن تي مرڪ ڄمي وڃي ٿي. لتا منگيشڪر، جا هن کان وڏي ڳائڻي آهي ۽ جنهن جو آواز هن جي آواز کان وڌيڪ سريلو ۽ رس ڀريو آهي، سا ڏاکڻ جي پاڙ وٽ بيٺي آهي. هن جي هٿن ۾ گلن جو هار آهي ۽ اکين ۾ عقيدتمندي. هوءَ مٿي چڙهي ٿي ۽ ڳائٿي هيٺ لهي ٿي. وچ ڏاکڻ تي ٻئي ملن ٿيون. لتا هن جا پير ڇهي ٿي ۽ هن کي هار پارائي ٿي. دليپ ڪمار، جو مسلمان هوندي به هندڪو نالو رکيو اچي ۽ جنهن جو اصل وطن پشاور پاڪستان ۾ آهي، پر پنجتيهه سال گذرڻ بعد به هيڪڙو پيرو به اوڏانهن نه آيو آهي ۽ جو دنيا جي عظيم ترين اداڪارن مان هڪ آهي، سو وڏي ڳائٿيءَ جا هٿ چمي ٿو ۽ هار پارائي ٿو. هوءَ هيرو جي حيثيت ۾ دليپ ڪمار جي پهرين هيروئن هئي. ڌرتيءَ تي پهچي ٿي ته ماڻهو هن جي جهلڪ ڏسڻ ۽

هن جي ويجهو اچڻ لاءِ بيتاب ٿي وڃن ٿا. ڊاڪٽر به ”آواز ڏي ڪٿي آن!“ جهونگاريندو، ڪنهن طرح قريب اچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. هو ڏسي ٿو ته گهاٽيءَ کي گلن جا هار پارايا پيا وڃن ، گلن جي پيتا ڏني پٺي وڃي ۽ هن تي گلن جي ورڪا ڪٿي پٺي وڃي. هوءَ گلن جي وچ ۾ گلن جو گيت لڳي رهي آهي. ڊاڪٽر اهو محسوس ڪري الائي ڇو خوش ٿئي ٿو ته عمر هن گهاٽيءَ جي جسم جو گهڻو ڪجهه بگاڙي نه سگهي آهي. ماڻهن جي آجيان جاري آهي. ڪي پير ڇهي رهيا آهن، ڪي هٿ چمي رهيا آهن، ڪي هٿ ٻڌي نمستي چئي رهيا آهن، ڪي سامهون بيهي سلام ڪري رهيا آهن، ڪي سيس نوائي رهيا آهن. گلن جي بارش بس ٿيڻ واري نه آهي.

ڊاڪٽر جو هڪ ماڻهوءَ ڏانهن خاص ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو. هو هڪ دفعو نه پر ٽي چار دفعا گهاٽيءَ جي ويجهو آيو آهي. هر ڀيري جهڪي بيحد عقيدتمنديءَ سان فرشي سلام ڪري ٿو. ڊاڪٽر جو ڌيان ان ڪري به ڇڪجي ٿو، جو هن کي لڳي ٿو ته هي شخص منهنجو ڄاتل سڃاتل آهي، پر اهو ياد ڪري نه ٿو سگهي ته هو ڪير آهي؟ هن جي ڏاڙهي ڪوڙيل آهي، مڇون اٿس، اڇي گول ٽوپي، ڊگهو پهراڻ، لنبو پاجامو ۽ سادو جوتو پهريل اٿس ۽ اکين تي ڪاري عينڪ.

گهاٽي ۽ سندس پراڻا پيارا ساٿي ڏاڍي جذباتي گفتگو ڪري رهيا آهن. ڊاڪٽر ڏاڍي دلچسپيءَ سان اها ٻڌڻ جي

ڪوشش ڪري ٿو. دليپ ڪمار چوي ٿو: ”پنجٽيهن سالن ڪان جڏهن ڪان تون هتان وئي آهين، تيڪ ان ڏينهن ڪان سان تنهنجو انتظار ڪندو رهيو آهيان. دنيا ۾ تو جهڙيون مهان هستيون فن جي افق تي روز روز ڪونه ايرنديون آهن - خدا توکان وڏي ۽ توکان پياري فنڪار پيدا نه ڪئي آهي. تنهنجي ڏسڻ جي ايڏي آس هئي جو هاڻي مري وڃان ته موڻ کي ڪو غم نه رهندو.“

لتا منگيشڪر چوڻ لڳي: ”تون مندر آهين ، مان پوڄارڻ. تون ديوي آهين، مان داسي.“

گائڪي پاڻ چوڻ لڳي: ”مان صرف پيار آهيان، صرف محبت آهيان . مان امن آهيان ، مان چين آهيان ، مان سڪون آهيان!“

ڊاڪٽر ويچاري ٿو ته گائڪيءَ لاءِ پنجٽيهه سال اڳ ۽ اڄ ۾ ڪيڏو نه فرق آهي. پنجٽيهه سال اڳ سرحد جي خوف کان هوءَ لڪي لڪي هتان وئي هئي ۽ اڄ آئي آهي ته ان ڏي هند لکين ماڻهن جي پيار ڀري آجيان ۽ شان شوڪت ملي اٿس. جيتوڻيڪ هن هيءَ سر زمين مذهب جي حوالي سان ڇڏي هئي ۽ جڏهن ٻنهي ملڪن جي جنگ لڳي هئي ته نغما گائڻي، جن کي هوءَ قومي نغما سڏيندي آهي ، اتي جي سپاهين کي جوش ڏياريو هئائين. پنجٽيهه سال اڳ هن اوچتو آنَ ڌرتيءَ کي ڇڏيو هو، جنهن هن کي فن ڏنو هو ۽ فن جي بلندين تي پهچايو هو. هوءَ وطن جي حوالي سان به هي ملڪ ڇڏي ٿي سگهي ڇو ته هن جو وطن سرحد پار

رهجي ويو هو، پر هن هي ملڪ مذهب جي حوالي سان ڇڏيو هو. دليپ ڪمار به ڳائڻيءَ جي مذهب وارو هو، پر هن مذهب جي حوالي سان هي ملڪ نه ڇڏيو. هن جو وطن به سرحد پار هو، پر وطن جي حوالي سان به هن هي ملڪ نه ڇڏيو هو. هن ته اڄ ڏينهن تائين پنهنجو هندو نالو به نه ڇڏيو آهي. ڳائڻي هتان لڏي آتي رهي به پنهنجي فن ۾ ڪمال حاصل ڪيو. دليپ ڪمار هتي رهي به دنيا جو چوٽيءَ جو ائڪٽر بنجي ويو. هيتري عمر گذرڻ کان پوءِ به ٻئي اڄ تائين ناموس ۽ پنهنجي پنهنجي فن جي بلندين تي آهن. البت ڳائڻيءَ جي مذهب جي حوالي سان قرباني پڌري آهي.... ڳائڻي ۽ سندس ويجها ساٿي جلوس جي صورت ۾ وي- آءِ- پي (V.I.P) ڪمري ڏانهن وڃي رهيا آهن. ڳائڻيءَ مٿان گلن جي ورڪا ٿيندي هلي، ٿي ۽ هوءَ آسپاس ڳاهٽ ٿيندڙ پنهنجن مداحن تي مرڪن جو مينهن وسائيندي وک وک کڻي رهي آهي.

جنهن پاڙي ۾ ڊاڪٽر جي اسپتال هئي، مولانا محمد عزيز الله نقشبندي اتي جي جامع مسجد جو پيش امام هو. هن جي عقيدي موجب راڳ حرام هو، خاص ڪري غير مذهبي ۽ سازن جي سات وارو. پر ننڍي هوندي کان ئي هن ڪي هن ڳائڻيءَ جا گانا ڏاڍو وڻندا هئا ۽ اڄ به هن جو سُرُ ۽ آواز ٻڌڻ سان هن جو انگ انگ جهومڻ لڳندو هو. ٻاهر ته نه، پر پنهنجي گهر اندر پنهنجي ڪئسيٽ وڄائڻي تي هن ڳائڻيءَ جا ڳايل گيت ۽ نغما جام پيو

ٻڌندو هو ۽ هن جي راڳن جي ڪنسيٽن جو چڱو ذخيرو ڪٺو ڪيو هئائين. جڏهن معلوم ٿيس ته اها ڳائڻي اسان جي ديس ۾ اچي رهي آهي ته هن کي ڏاڍي خوشي ٿي. هن هنجي هڪ جهلڪ ڏسڻ ٿي چاهي، هن جي وڄجهو وڃڻ ٿي چاهيو ۽ هن جو جئرو جاڳندو آواز ٻڌڻ ٿي چاهيو. هو هن جي اچڻ جي ڏينهن جو بيتابيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو. ان وچ ۾ ٻي خبر ٻڌائين. سرحد پار ڳائڻيءَ جي ملڪ جي هڪ عالم فتوا ڪڍي هئي ته هن ڳائڻيءَ ڪفر بڪيو آهي، هوءَ ڪافر آهي ۽ هن جي جنازي نماز پڙهڻ جائز ناهي. انهيءَ عالم ان فتوا جو بنياد هن ڳالهه تي رکيو هو ته ان ڳائڻيءَ پنهنجي انٽرويو ۾ چيو هو ته: ”ڳائڻ منهنجي لاءِ عبادت آهي.“

مولانا منجهي پيو. سامرو اول ته ڏکيو هو. سوچيائين پئي ته اهڙي قسم جي ميڙ ۾ ٻڪهي ڏاڙهيءَ وارو ڏسي، ماڻهون کِلون ڪندا ۽ ٽوڪون هڻندا. اهي سهڻ لاءِ هن پاڻ کي ذهني طرح تيار ڪيو هو. پر هاڻي شريعت جو مسئلو ٿي پيو، سو ته نازڪ ۽ ڀڙرو مسئلو. جنهن کي تازو تازو فتوا ڏئي ملحد ٺهرايو ويو آهي، ان جو آڌر ڀاءُ ۽ عزت افزائي ڪرڻ پاڻ کي ملحد بنائڻ آهي. ماڻهن سڃاڻو ته ڏاڍي بدنامي ٿيندي، ڏاڍي وٺ پڪڙ ٿيندي. جي ڳالهه مسجد جي متولين تائين پهتي ته نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندا ۽ بيروزگار ٿيڻو پوندو.... ڳائڻيءَ کي ڏسڻ جي خواهش هن تي وڌيڪ حاوي پوندي ٿي وئي ۽ ان خواهش

جي شدت جنون جيون حدون ڇهي لڳي. پنهنجي اهڙي خواهش کي ڪنهن به نموني پوري ڪرڻ خاطر سوچيندو رهيو.... اڄ جنهن روپ ۾ هوائي اڏي تي پهتو آهي ۽ بار بار ڳاٽيءَ جي آڏو نمي فرشي سلام ڪري ٿو، تنهن روپ ۾ ڏسي ڊاڪٽر شڪجي ٿو، پر هن کي پوري طرح سڃاڻي نه ٿو سگهي.

١٧- مئي ١٩٨٢

نارنگي ڌرتي

مان اردن نديءَ جي الهندي ڪپ تي بيٺو آهيان. ان سانئي ملاح جي ٻيڙيءَ جي اوسيڙي ۾ آهيان، جو هتي اچي مون سان ملندو ۽ وقت مقرر ڪري، رات جي اونداهيءَ ۾ هي درياهه اڪاري ٻئي پار پهچائيندو. مونکي روپوش ٿيڻو پيو آهي. راتوڪي مهم ڪانپوءِ، گهر پهچڻ کان اڳ ئي مون کي ڪڙڪ پهچي وئي ته پوليس مونکي پڪڙڻ واسطي منهنجي گهر جو گهيرو ڪري چڪي آهي. يهودين جي جيل ۾ سڙڻ، گهرڻ ۽ مرڻ کان بهتر آهي ته مان ٻاهر رهي، ڪنهن نه ڪنهن نموني قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺندو رهان. مان نـدي پار ڪري، اردن پهچندس ۽ اتي ڪنهن فلسطيني ڪئمپ ۾ پهچي، سگهيا وٺي باقاعدي الفتح جو گوريلو بنجي ويندس.... پنڌين ڏيک ۾ پري پري تائين نارنگين جا باغ آهن. توهان هن درياهه ۽ نارنگين جي وڻن کي منهنجي نظرن يا هڪ فلسطينيءَ جي نظرن سان ڏٺو آهي؟.... پڪل نارنگين وارو وڻ دنيا جي حسين ترين وڻ آهي . ڇهچ سائي رنگ جي پنن جي وچ وچ ۾ گول گول نارنگي رنگ جون نارنگيون . رنگن جو هڙو دلڪش فرق

(Contrast) دنيا ۾ نہ پيدا ٿيو آهي ۽ نہ ڪو پيدا ڪري سگهندو. وري ڪائنات ۾ جيڪي رنگ رچيل آهن، تن ۾ نارنگيءَ جهڙو وڻندڙ رنگ ڪو بيو ٿي ئي نہ ٿو سگهي. هي سونهري، چٽو ۽ چمڪندڙ رنگ. اڪين ۾ ويهيو وڃي، پرينءَ جي چهري وانگر. اسين تہ سهڻي ڇوڪريءَ جي چاتين، ڳٽن ۽ رنگ کي نارنگيءَ جي گولائي ۽ رنگ سان تشبيهہ ڏيندا آهيون. صبح جو سج اڀرندو آهي تہ آسمان تي ان جي آجيان واسطي نارنگي رنگ جو غاليچو وڇائجي ويندو آهي. ڪالهوڪي هنگامي دوران، جڏهن پيچ ڍاهہ ۾ نارنگين جي رس سان ڏرتي رنگجي وئي، تڏهن مونکي خيال ايريو هو تہ امان جي قومي جاڳوڙ انهيءَ پد تي پهتي آهي جو انقلاب جو سورج ايرڻ وارو آهي. ڪلهوڪي هنگامي اندر مون اهو پڻ ڏٺو هو تہ پورهيتن جي زخمن مان جو رت وهي رهيو هو، سو ڳاڙهو نہ هو. اهو نارنگي هو. ڳاڙهو رت تہ سيٺين، سرمائيدارن ۽ پيٽ پريل وارن جو ٿيندو آهي. بکئي پيٽ وارن پورهيتن جي رت ۾ ڳاڙها جزا گهٽ ٿيندا آهن ۽ پاڻي گهڻو ٿيندو آهي، ان ڪري انهن جو رت ڇڊو ۽ نارنگي نظر ايندو آهي.... درياهہ جي ڪري هي ڏيک بيحد سندر لڳي رهيو آهي. سانوڻي ختم ٿي چڪي آهي. درياهہ لٽل آهي ۽ ان جو پاڻي نيم شفاف آهي. انهہ نهارجي ٿو تہ آسمان سميت پورو ماحول ان ۾ سمايل ڏسجي ٿو. نارنگيءَ جي وڻن جا لڏندڙ اولڙا دل کي ليائيندڙ لڳن ٿا. شوق پيو ٿئي تہ پاڻيءَ م ٽپو ڏئي، انهن اولڙن ۾ وڃي هٿڊ

وجهجي. جڏهن ڪلثوم هتي مون سان گڏ هوندي آهي ته
هن نظاري جي سندرتا جو انت ئي نه رهندو آهي. ڪلثوم،
جنهن جا ارهه نارنگين جهڙا آهن، جنهن جون مٽون نارنگين
جهڙيون گول مٽول آهن ۽ جنهن جو رنگ سونهري نارنگي
آهي. وري هنجي پوشاڪ جي پسند جو رنگ به نارنگيءَ
جي وڻ جي پن وارو آهي. چکڻ تي هنجو ذائقو به نارنگيءَ
جي رس جهڙو آهي؛ کٽڙو مٺڙو، خمار ڏياريندڙ. هن ۾ سڳنڌ
به نارنگيءَ وارو رچيل آهي، شايد نارنگين جي ڪارخاني
۾ ڪم ڪرڻ ڪري.... ڪارخاني ۾ جڏهن نارنگيءَ جي
رس سان بوتلون ڀريندا ويندا آهيون، تڏهن اهي بوتلون،
منهنجي اکين ۾ ويهي ويندون آهن، منهنجي جيءَ ۾ جڙي
وينديون آهن، منهنجي من جو تار بڻجي وينديون آهن. اهي
بوتلون مون کي بيحد خوبصورت لڳنديون آهن ۽ ڪلثوم،
جا پڻ ان ڪارخاني ۾ ڪم ڪندي آهي، سا به مون کي
نارنگيءَ جي رس ڀريل هڪ بوتل ڀاسندي آهي.... پر
هيءَ بورجوا سوچ منهنجي دماغ ۾ ڪيئن ايري، جو هڪ
انسان کي و کر (Commodity) پيو سمجهان. سو به ڪلثوم
جهڙي پياري ۽ پياري انسان کي! شايد نارنگي منهنجي
دل ۽ دماغ تي ايڏو ڇانيل آهي، جو اهڙي قسم جون
تشبيهون پائمرادو بنا سوچ منهنجي ذهن ۾ پيدا ٿيو پون.
مونءَ ڪلثوم نه رڳو صورت جي سندر آهي، پر سگهاري،
زندگيءَ ۾ سرونيچ به آهي. ڪڏهن ڪڏهن، اسان [illegible]
[illegible]

جو تباهي مچائي ته رات جو اسان هنن جي وسندي (Settlement) تي موت حملو ڪيو. ان ۾ مردانو ويس پائي، ڪلثوم به شامل ٿي ۽ پنهنجي حصي ڪان وڌيڪ ٿي بهادريءَ جو ڪارنامو سرانجام ڏنائين .... مان پنهنجي ساٿي ملاح جي ٻيڙيءَ جي تلاش ۾ هن سنڌر ڏيک جي ٻي طرف نهاريان ٿو: نظرون جهومنديون درياهه مٿان هيڊل برج ۽ پل تي پهچن ٿيون. ان ڪان ٻه ميل ڪن مٿي الخليل آبشار آهي، جنهن جي پاڻي ڪرڻ جي گجگوڙ هڏڻ ۾ پئي اچي. پل تي يهودي سپاهين جو پهرو آهي. برج وٽان واهه نڪرن ٿا ۽ ويهن فوٽن تان ڪرندڙ پاڻيءَ جي هن آبشار وٽ پربت جيڏو بجلي گهر اڏيو ويو آهي، جو آبشار مان بجلي پيدا ڪري ٿو .... هي درياهه اسان جي ڌرتيءَ جي سونهن، اسان جي ماڻهن جو جياپو ۽ اسان جي ملڪ جي اقتصاديات جو محور آهي. هي درياهه هن زمين جو جيون رت آهي. ٻوٽا، وڻ، گل، ميوا، رنگ، ساوڪ، جهنگل، باغيچا، فصل، پکي، جانور، چوپايا سڀ هن درياهه ڪري آهن. هن درياهه جو پاڻي اسان جي ڌرتيءَ ۾ ملي نارنگين کي جنم ڏئي ٿو، ۽ نارنگين جي رس هتي جي رهاڪن لاءِ جيون رَتَ جي حيثيت رکي ٿي .... نارنگيون اسان واسطي پرڏيهي ناڻي ۽ روانگي واپار جو مکيه ذريعو آهن. نارنگين سان لاڳاپيل ڪيترن ئي ڌنڌن ۾ اسان جا اڪيچار ماڻهو رڌل آهن. هتي ۽ خاص ڪري اسان جي شهر حيفا ۾ نارنگين جي رس ڪڍڻ، نارنگين جو شربت، مڪاني ... ۽ ٻيون شيون

ناھن لاءِ ڪيترا ئي ننڍا وڏا ڪارخانا آھن ۽ نارنگين جو ذخيرو ڪرڻ لاءِ ٿڌا گدام (Cold Storages) پڻ. انھن تي ئي ته ڪالھ يھودين رتيل حملو ڪيو ھو.... ھن تي پيڙيون لنگھي ويون آھن، پر مون کي سيجانپ وارو مخصوص اشارو ڪندڙ پيڙي اچا نظر نه آئي آھي .... ھي پربت جھڙو بجلي گھر اسان جي ڪمايل پرڏيھي ناڻي مان ئي ته اڏايو ويو آھي. پر ان جي بجليءَ جو وڏو حصو اسرائيل ڏي ڇڪيو وڃن ۽ اسان جون ضرورتون اڻ پوريون رھجيو وڃن. يھودي اسان سان اھي جنيون ١٩٦٧ کان پيا ڪن، جڏھن ھنن اسان تي جنگ مڙھي، ھي ملڪ والاريو ھو. ھي بجلي گھر اسان جي پيسي سان ناھيو ويو ۽ اسان کي آسرو ڏنو ويو ته ھيءَ رٿا عمل ۾ اچڻ سان ھڪ ته توھان جي علائقي کي بجليءَ جون سھوليتون ملنديون ۽ ٻيو ته توھان جي ماڻھن کي الاھي ملازمتون ۽ روزگار ملندا. اھو سڀ ڏوکو ثابت ٿيو. بجلي گھر جي ھزارين ملازمن مان آڱرين تي ڳڻڻ جيترا فلسطيني آھن، ٻيا سڀ والاريندڙ يھودي آھن. اسين فلسطيني ملازمت ۽ نوڪريءَ لاءِ پٽڪندا ۽ ھٿون ڪاٽيندا وتون. خود منھنجي حالت اھا آھي جو بي-اي پاس ھوندي ھڪڙي ڪارخاني ۾ مزوري ڪرڻ تي مجبور آھيان ۽ ڏريان ڏاريا ۽ ڏرتيءَ تي ڏاريا والاريندڙ يھودي غير مئٽرڪيوليٽ ھوندي به آفيسر بڻيو ويٺا آھن. اسين ھتي جا صدين کان رھاڪو اچا ٽائين بي اجھي آھيون، پر والاريندڙ يھودين واسطي ڪارخاني اندر به رھڻ لاءِ ڪوارٽر

آهن ۽ شهر کان ٻاهر هنن کي وسندي (Settlement) ٺهرائي ڏني وئي آهي، جتي موجوده دور جون بجلي، پاڻي، گئس وغيره، اسڪول، اسپتال ۽ ٻيون سڀ سهوليتون آهن. هتي جي نارنگين جو ڪاروبار البت فلسطينين جي هٿ ۾ پئي رهيو آهي ۽ اها ڳالهه والاربندڙ يهودين کي زهري ڪندي وانگر پئي چڀي. ان ڪاروبار تي قبضو ڪرڻ خاطر ۽ فلسطينين کي هن شهر مان پچائڻ لاءِ هو ڪيتري عرصي کان حيلا هلائيندا رهيا آهن. والاربندڙ يهودين جو ڪالهوڪو هنگامون به ان جي هڪڙي ڪڙي هو .... ان گهٽنا جي شروعات اڪيهه تي ٿي چڪي هئي:

اسانجي شهر جي هڪڙي پراڻي پاڙي ۾ يهودين جو عبادتگاهه (Synagogue) آهي. ان جي مک ماڙيءَ سان نه پر اڳڻ جي چؤديواريءَ سان هڪڙي فلسطينيءَ جو گهر آهي. فلسطينيءَ جي اها جڳهه جهوني ٿي وئي هئي ۽ ڏار پئجي ويا هئس. هن اها ڍهرائي، نئين ماڙي اڏائڻ جو سوچيو. پر اها ڀاهڻ سان يهودي عبادتگاهه جي چوديواريءَ کي جوکم رسي ٿي سگهيو ۽ انجي ڪري ٻوڻ جو به امڪان هو. ان ڪري هو ان عبادتگاهه جي رَبي (يهودي ملّي) ۽ شهر جي يهودي حاڪم سان مليو ۽ هنن کان لکيت ۾ اجازت ورتائين ته هو پنهنجي جاءِ ڍهرائيندو ۽ جوڙائيندو ۽ عبادتگاهه جي ديوار جو اهو ڪريل ٽڪرو پنهنجي خرچ تي اڏائيندو. جنهن ڏينهن مزورن جاءِ ڊاهڻ شروع ڪئي ۽ ڪجهه پراڻيون سرون وڃي عبادتگاهه جي پٽر ۾ ڪريون،

ته هڪڙو اهو يهودي ملو تن چئن چيلن سميت ٻاهر نڪري آيو، ۽ رڙيون ڪري چوڻ لڳو: "هنن مڇلن پنهنجيون پليت سرون اچلي اسان جي عبادتگاهه کي ناپاڪ ڪري ڇڏيو...." پوءِ ته خبر ناهي هو ڪٿي لڪا ويٺا هئا ۽ ڪيئن اطلاع مليو، پر پڌرو هو ته ڪنهن رٿيل سازش هيٺ، سوين هزارين يهودي مڪڙن وانگر پهچي ويا ۽ فلسطينين جي گهرن، دڪانن ۽ ڪارخانن تي هٿياربند حملا ڪري، ٻيچ ٻاهه شروع ڪري ڏنائون.... جڏهن ١٩٦٧ جي جنگ ۾ يهودين اسانجو هي علائقو والاريو، تڏهن هتي هنن پنهنجو لشڪري راڄ مڙهي ڇڏيو. لشڪر ۾ ته هڙئي يهودي آهن. پوليس ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ فلسطيني آهي نه ته اتي به گهڻا يهودي ڀرتي ٿيل آهن. ڏسجي ٿو ته يهودي اسانجو هي اردن نديءَ جي الهندي ڪنارو وارو علائقو به اسرائيل سان ملائي ڇڏيندا، جهڙي طرح شام جو جولان جي ٻهاڙين جو علائقو اسرائيل سان ڳنڍي ڇڏيو اٿن. انهيءَ نيت سان هو هتي جي فلسطينين کي ملڪيتن ۽ زمينن کان محروم پيا ڪن، ۽ سماجي ۽ معاشي طرح هنن کي تنگ پيا ڪن، ۽ سياسي طرح هنن کي پيڙين پيا ته جئن هو مجبور ٿي پنهنجو ملڪ ڇڏي اردن، شام يا لبنان ڏي لڏي وڃن. يهودين کي وري هتي وسنديون نهرائي آباد پيا ڪن ۽ هنن کي اسرائيل سان آٿي اسان جي ڌرتيءَ جي ڪارخانن ۽ آفيسن ۾ ملازمتون ۽ مزوريون ڏين ۽ هتي آباد ٿيڻ ۾ سهوليتون ڏين. اسان کان لسن وارا هٿيار به کسيا ويا آهن، پر يهودين کي بنا لسن

پنڊري پٽ، اسٽين گن جهڙا سوتمار هٿيار ڪٽي هلڻ جي به عام اجازت آهي.... يهودين جي هن اوچتي، رٿيل ۽ سرڪاري پٺڀرائيءَ واري حملي اسان فلسطينين کي بيوس بڻائي ڇڏيو. هن کي وجهه ملي ويو. اسانجا لڳ ڀڳ چاليهه گهر ۽ دڪان ساڙي ڇڏيائون، جن ۾ اسانجي لکن جي مالي نقصان کانسواءِ ٿي ابهم ٻار، چار پوڙها ۽ چار ضاعفون سڙي موت جو شڪار ٿي ويون ۽ سوين ماڻهو زخمي ٿيا. هن شهر اندر فلسطينين جا نارنگين جا ڏهه ڪارخانا هئا. انهن مان ٽن کي پڻ پوري ناس ڪري ڇڏيائون ۽ جيڪي ڇڏي ڏنائون سو وڏي ۾ وڏو ڪارخانو آهي ۽ ان جو مالڪ هڪ ڪٻر سرمائيدار فلسطيني سيٺ آهي، جو يهودين جو دلال ۽ چاڙتو آهي ۽ پنهنجي ان ڪارخاني ۾ گهڻو ڪري يهودين کي نوڪرين ۾ رکندو آهي. پورا ٻه ڪلاڪ يهودي پنهنجون ڪارروايون ڪندا رهيا. يهودي لشڪر ۽ يهودي پوليس موجود هئي، پر هو پري کان تماشو ڏسندا رهيا، يا هڪ ٻه پيرو نالي ماتر هوائي فير ڪيائون. انهيءَ ٽائي دوران، هن حملي جي خبر سڄي شهر ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۾ ٻڪري جي وٺي هئي ۽ هزارين فلسطيني واردات واري هنڌ پهچي ويا. انهن مان ڪن پنهنجا لڪل ۽ پوريل هٿيار به آندا هئا. انهن کي يهودين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ڏينندي ڏسي، يهودي لشڪر ۽ يهودي پوليس چر پر ۾ اچي ويا. ڳوڙها گئس، لٺين ۽ رٻڙ جي گولين جا ٺڪاءُ ۽ ڦهڪا شروع ٿي ويا ۽ هجوم ڇڙوڇڙ ٿي ويو .... اسانجي فلسطيني تنظيم

جوابي ڪارروائي جو سوچڻ ۾ دير نه ڪئي. وقت اسان ۾ پڻ ڦيرو آڻيندو آهي. اسانجي قوم جو هر فرد زير زمين ويڙهو سڪيا وٺڻ جو ڪوبه وجهه هٿان نه ڇڏيندو آهي. اسان اهو به پروڙيو آهي ته اسانجي قوم جا ڪي جاگيردار ۽ سرمائيدار پنهنجن جا ويري آهن ۽ يهودين جا ڇاڙتا ٿي ڪم ڪن ٿا. اهي به اسانجي تحريڪ جو نشانو بنجي رهيا آهن. اسانجي ماڻهن ۾ اڳين مايوسي، بيحسي ۽ بي شعوري ڪانه رهي آهي. اڳي اسانجو عوام ڪمتريءَ جي احساس ڪري خود رحمي (Self-pity) جو روڳي هو. پاڻ تي رحم ڪائڻ وارا ۽ دنيا کي اهو ڇئي همدردي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا ته اسين ته سنوان سڌا ۽ مهمان نواز آهيون، اسين ته ڏاڍا شريف آهيون، پر ٻيا اسان تي ڏاڍايون ٿا ڪن. سي ويچارو بنجڻ بدران، ستائيندڙ ۽ ڏاڍايون ڪندڙ کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لڳا آهن. اسانجي شاعرن ۽ اديبن جي ذهنيت ۽ روش ۾ به وڏي تبديلي اچي وئي آهي: هتي جي ڪن ليکڪن پنهنجي ذات ۽ پنهنجو فن پنهنجي ئي ذات لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو، سو به اهو ثابت ڪرڻ واسطي ته هو پيڙا ڀوڳيندڙ يا پيڙا ڀوڳيندو رهندڙ جيوُ آهن ۽ بس. هو پنهنجي ان تخليق کي ڪامياب سڏيندا هئا، جنهن ۾ اها ئي ڳالهه ثابت ڪئي وئي هجي. فن ۾ هو اظهار جي ان اسلوب کي چوندا هئا، يا اظهار جو اهڙو اسلوب اختيار ڪندا هئا، جو ٻين جي سمجهه ۾ ته ڪونه ايندو هو، پر هو پاڻ يا هئي لا سمجهي، همخيال دوستن ان تي واهه واهه ڪندا هئا، ٻهڻا

دانشور اهڙا به هئا، جي پاڻ کي عام ماڻهن کان الڳ ۽ عام ماڻهن کان اوچو ڪري پيش ڪندا هئا. هو پنهنجي لکڻين ۾ پين کي اهڙي لهجي ۾ مخاطب، ٿيندا هئا، جهڙي لهجي ۾ ڪو مذهبي پيشوا ممبر تي ويهي مخاطب ٿيندو آهي. هو چوندا هئا؛ توهانکي هيئن ڪرڻ گهرجي، توهان کي هونءَ ڪرڻ گهرجي.... توهان هيءَ قرباني ڏيو، توهان هوءَ قرباني ڏيو .... توهان سجاڳ ٿيو، توهان اٿي کڙا ٿيو. ائين ڪونه چوندا هئا ته اسان کي هيئن ڪرڻ گهرجي يا اسان هيءَ قرباني ڏيون يا اچو ته اٿي کڙا ٿيون. انهيءَ نموني هو اهو اثر ڏيڻ چاهيندا هئا ته هو فقط ”چوڻ“ وارا آهن، باقي ”ڪرڻ“ وارا ٻيا آهن. جڏهن ٻهوڏين جو لشڪري راڄ ٿيو ۽ اهڙن ليکڪن کي آفيسري ته ڏيهو ٻر ڪلارڪي به ڪانه ملي ۽ هو جسماني پورهيو ۽ مزوري ڪرڻ تي مجبور ٿيا، تڏهن هنن ۾ ڪيترين ئي ڳالهين جو نئون احساس پيدا ٿيو ۽ هنن جي رخ ۾ وڏو فرق اچي ويو آهي. هنن محسوس ڪيو آهي ته جسماني ڪم جو قدر به اوترو ئي ٿيڻ کپي، جيترو دماغي ڪم جو. ٻنهي جي اجورن ۾ فرق نه هجڻ گهرجي. هنن اهو به سوچيو آهي ته هر انسان کي هڪ کان وڌيڪ هنر ۽ ڪم سکڻ کپن، ڪي جسماني ۽ ڪي دماغي، جئن هن کي لاڳيتو هڪڙي قسم جو ڪم ڪرڻ سان ٿڪاوٽ ۽ بيزاري محسوس نه ٿئي. ڪلارڪ ڪهاڻيڪار، ڪلارڪ شاعر، ماستر ڪهاڻيڪار، ماستر شاعر، صحافي ڪهاڻيڪار يا صحافي شاعر بڻجن، فرق

جي تقاضا اها آهي ته ماڻهو ڪارڪن ڪهاڻيڪار، ڪارڪن شاعر، گوريلو ڪهاڻيڪار يا گوريلو شاعر بڻجي. اسان جا گچ ليکڪ، گوريلا ڪارڪن بڻجي ويا، ۽ گچ ڪارڪن ۽ گوريلا ليکڪ بڻجي ويا. اهڙا ليکڪ، پيشوا، حاڪم يا بزرگ بڻجي ناصحاڻي يا حاڪماڻي انداز ۾ نصيحت نه ٿا ڪن يا حڪم نه ٿا ڏين، پر پاڻ کي ڪارڪن ۽ عوام مان سمجهي پاڻ کي به شامل ڪري، گڏيل عمل جو سڏڙو ٿا ڏين. اسان جا شاعر، هاڻي اهڙن اصطلاحن ۽ تشبيهن استعمال ڪرڻ کان به پاسو ڪندا آهن، جن جي پس منظر ۾ بي عملي هجي ۽ ان ۾ انسان جي شعوري ۽ عملي جاڪوڙ جو دخل نه هجي. هو ائين نه چوندا آهن ته: آخر ته ڪرندو ڦهري ڪوٽ .... پر پڪاريندا آهن ته: اچو ته ڪيرايون ڦهري ڪوٽ. هو ائين نه چوندا آهن ته: اوندهه ويندي ايرندو سورج.... پر پڪاريندا آهن: ڪرڻو آهي اونداهي رات کي روشن. هو اهڙين شين جي تشبيهه ئي نه ڏيندا آهن، جي پنهنجي وس ۽ ارادي جون مالڪ نه آهن. انهن خصوصيتن ڪري هاڻوڪو فلسطيني ساهت، دنيا جي ساهت ۾ مٿاهون مرتبو ٿو رکي .... ها، سو اسانجي فلسطيني تنظيم جوابي ڪارروائيءَ جو سوچڻ ۾ دير نه ڪئي. رات جو ئي يهودي وسنديءَ تي ڀرپور حملو ڪيوسين. پر ڏٺجي ٿو ته اتي ڪنهن مونکي سجائي ورتو آهي؛ ۽ هاڻي مونکي روپوش ٿي ڪم ڪرڻو پوندو، پنهنجي نارنگي ڌرتيءَ خاطر ....

٣- سيپٽمبر ١٩٨٢

ڪاري ڪاوڙ

آمريڪا جي ميامي شهر جي سمنڊ جي ڪناري هڪڙي هوٽل. ويٽلن ۾ رکيو شيدي. ڪجھ وڏيڪ شيدين جو اڇي ڪنو ٽيڇ. سيني جون نظرون ٽي-وي ۽ ٽي. خبرون پڙهندڙ جي خبر پڙهڻ: اڄ آرٿر مڪڊوفي ڪيس جي فتوا ٻڌائي وئي....

اها فتوا ٻڌڻ لاءِ ٿي ته هيترا شيدي بيتاب ويٺا آهن. فتوا ٻڌي، هنن جا منهن ڳاڙها ٿي وڃن ٿا . منهن ڳاڙهو ٿي وڃڻ ته هڪ چوڻي آهي. هنن جي ڪاري روڏي رنگ تي، ڳاڙهي رنگ جو اچڻ ڪيئن محسوس ڪري سگهبو. ان ڪري هتان جا گورا، هنن جي چهري مان، هنن جي ڪاوڙ معلوم ڪري نه سگهندا آهن. ڪاوڙ جو اثر اکين ۾ به پڌرو ٿيندو آهي. اکيون ڳاڙهيون ٿي وينديون آهن ۽ گهورڻ لڳنديون آهن. پر شيدي، گورن کان ايترو هيسيل ۽ ڏهيل هوندا آهن جو ڪڏهن به هنن سان اکيون اکين ۾ ملائي نهاري نه سگهندا آهن، ان ڪري اکين مان به گورا شيدين جي ڪاور محسوس ڪري نه سگهندا آهن. هن ٽائي هو سوچين ٿا ته هنن کي پنهنجي ڪاوڙ ڏيکارڻ جو ڪو

هيو طريقو اختيار ڪرڻو پوندو.

فتوا جي خبر پوري ٿيڻ کان پوءِ هوٽل جو مالڪ، جو به شيدي آهي، غصي مان بتڻ دٻائي، ٽي-وي بند ڪري ڇڏي ٿو.

”پاڻي چلڪندو آهي، پاڻي ايامندو آهي، پاڻي ڄمي برف جي صورت ۾ سخت ٿي ويندو آهي. تبديليءَ ۾ زندگي آهي، چرپر جيون جو اهڃاڻ آهي.“ هڪڙو شيدي، جو ڪئليفورنيا يونيورسٽيءَ مان سياسي سائنس (Political-Science) ۾ ايم-اي آهي، سو سمنڊ جي ڇولين ڏي ڏسندي چوي ٿو: ”پر ڇا اسين پٿر آهيون، جنهن تي نه گرمي اثر ڪري نه سردي. راڄنيتي، پنگتي ۽ گذراني ميدانن ۾ اسان سان هيٺرين ڏاڍايون، زيادتيون ۽ اڻبرابريون آهن، پر اسين پٿر وانگر بيحس آهيون.“

وڻلن مان هرهڪ جي ذهن جي ٽي-ويءَ جي پردي تي، هن شهر مياميءَ ۾ سنڌن هر رنگ وارن سان تازو ٿيل ظلمن جون تصويرون ابرڻ لڳن ٿيون:

هڪڙي تصوير... گورا سپاهي، هڪڙي شيدي ماستر جي گهر تي ڇاپو هڻن ٿا. گهر جي جهاڙو وٺي، سامان ڊانوانڊول ڪيو وڃي ٿو. ماستر کي ماري ساري اڌمئو بڻايو وڃي ٿو. پوءِ پتو پوي ٿو ته پوليس نشهدار شين جي هڪ سمگلر جي تلاش ۾ غلط ائڊريس تي هن ماستر جي گهر ۾ گهڙي هئي. ماستر ڪورٽ ۾ فرياد ڪري ٿو، پر ڪو داد ڪونه ٿو ٿئي.

ٻي تصوير... هڪڙو گورو پوليس وارو، هڪڙي بيگناهه شيدي نوجوان کي گولي هڻي ماري ٿو. ڪورٽ هن کي اهو چئي ڇڏي ٿي ڏني ته بندوق پنهنجو پاڻ چٽي وئي هئي.

ٽين تصوير... هڪڙو گورو سپاهي، واٽ ويندڙ هڪڙي ٻارهن سالن جي شيدڻ ڇوڪريءَ سان زوريءَ زنا ڪري ٿو. ڪورٽ هن تي ڪيس هلائڻ بدران، سپاهيءَ کي تربيت گاهه (Reformatory) ڏانهن موڪلي ڏئي ٿي.

چوٿين تصوير... تعليم کاتي جو هڪ شيدي علمدار موٽر لاءِ ورتل ائڊوانس جي قسط وقت اندر ڀري نه ٿو سگهي. هن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو وڃي ٿو ۽ ڪيس هلائي قيد جي سزا ڏني ٿي وڃي.

پنجين تصوير... سوين هزارين شيدي، روزگار جي تلاش ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا. انهن کي نوڪرين کان جواب ڏنو ٿو وڃي. پر ويتنام ۽ ڪيوبا مان آيل پناهگير، جن کي سياسي مقصدن لاءِ هتي پناهه ڏني وئي آهي، تن کي اول نوڪريون ڏنيون وڃن ٿيون. ڀرين گورا، پوءِ پناهگير ۽ پڇاڙيءَ ۾ شيدي، اهو هتي جو سماجي سٽاءُ بنجي ويو آهي.

تازي تصوير، جنهن جي سلسلي ۾ هينئر هو ڪورٽ جي فتوا ٻڌي چڪا آهن، سا سندن اکين آڏو پئي ڦري... شيدي موٽر سائيڪل سوار آرٿر مئڪڊوفيءَ کي رستي جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي الزام هيٺ روڪيو وڃي ٿو. چار گورا سپاهي، هن کي ايترو مارين ٿا، جو هو مري

وچي ٿو. سپاهي رڪارڊ ۾ ڏيکارين ٿا ته آرٿر منڪڊوفي، رستي جي حادثي ۾ مئو آهي. شهر جا شيدي احتجاج ڪن ٿا، ۽ حقيقتون ۽ ثابتيون ڪورٽ ۾ پيش ڪن ٿا. ڪيس ٣٩ ڏينهن هلندو رهي ٿو. جج ۽ جيوري وارا سڀ گورا آهن. اڄ تي - وڃ ۽ تي فتوا ٻڌائي وچي ٿي: "چارئي سپاهي بيڏوهي آهن ۽ هنن کي عزت سان آزاد ڪيو ٿو وڃي!"

هن هوٽل ۾ ويٺل، ٻين اهڙين هوٽلن ۾ ويٺل ۽ گهرن ۾ ويٺل شيدين جي دلين ۾، هيءَ خبر ٻڌي ، هڪ ئي وقت جوالا مکي ڦاٽي پوي ٿو، اهو جوالا مکي جو ورهين کان يا شايد صدين کان ٻري رهيو هو . هو رستن تي نڪري اچن ٿا ۽ ميامي جو سڄو شهر ٻرڻ لڳي ٿو. ... ٺڪاءَ ڦٺاڪا، ڌماڪا، واڪا، رڙيون، ٻيچ ٻاهه، ڦرلٽ، باهيون. باهين سان ، رات هوندي ، ميامي جو شهر ڏينهن جهڙو روشن ٿي وچي ٿو.... سرڪار جا انگ اکر: ١٦ ماڻهو مئا ٣٥٠ ڦٽيا ۽ ٧٠٠ گرفتار ٿيا.... شيدي مطمئن آهن ته هنن جي ڪاوڙ کي، هنن جي چهرن ۽ اکين مان نه ٿي سڄاتو ويو ته هنن جي ڪاوڙ نئون رنگ اختيار ڪيو آهي ، ۽ گورا انهيءَ ڪوجنا ۾ لڳي ويا آهن ته پٿر، پاڻي ڪيئن ٿيو!

Soorih Mirani

نيو فيلڊس طرفان نجم عباسيءَ جا جلد ٻيهر شايع ٿيندڙ ڪتاب

تلاش (ناول)

دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون)

للڪار (ڪهاڻيون)

بلنديون (ڪهاڻيون)

نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

تاريخ جو ڪفن	امر جليل
ٽڪرا ٽٽل صليب جا ۽ واڳون ڳلن چانئيون	شيخ اياز
سنڌو منهنجي ساهه ۾	امر جليل
لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ	طارق عالم ابڙو
ڪوٽ لکپت جو قيدي	رسول بخش پليجو
خط، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو II)	شيخ اياز
هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن	شيخ اياز
سوزيءَ سان پيار	الطاف شيخ
دنيا پنهنجي ديس پرايا	اياز لطيف پليجو
منهنجو ڏس آسمان کان پڇو	امر جليل
سفي مراد	ماهتاب محبوب
ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز
الون ماٺو (ڪهاڻيون)	سراج
جلاوطن (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاه
ساڻباهو سمونڊ جو (سفرنامو)	الطاف شيخ
همه اوست (ناول)	آغا سليم
آزادي خاطر (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد
سڌارٿ	هرمن هيس

نيو فيلڊس جي 153 شايع ٿيل ڪتابن مان موجود ڪتابن جي لسٽ

نمبر	ڪتاب	ليکڪ	قيمت
1-	۴- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	-	20/-
2-	اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	45/-
3-	سي ٿي جوهين ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	15/-
4-	سي ٻمڙيون رکين ٻاجھ سين (سفر نامو)	الطاف شيخ	20/-
5-	سڌارٿ (ناول)	هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي	20/-
6-	سانباهو سمونڊ جو (سفرنامو)	الطاف شيخ	50/-
7-	سپون	خليل جبران/فضل احمد بچاڻي	25/-
8-	آزادي خاطر (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد	35/-
9-	ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون)	امر لعل هنگوراڻي	12/-
10-	پيغامبر	خليل جبران/ ستار	20/-
11-	هم اوست (ناول)	آغا سليم	35/-
12-	آئيني جي اڳيان	١٧ ساهتڪار	12/-
13-	الون ماڻهو (ڪهاڻيون)	سراج	25/-
14-	اڳي ايئن هياس (جلد ٢)	فضل احمد بچاڻي	25/-
15-	ست يوگوسلاوياڻي آکاڻيون	جڳت آڏواڻي	10/-
16-	ست ڪشميري آکاڻيون	اختر محيمدين/ايشورچندر	12/-
17-	پن ڇڻ ۽ چنڊ (شاعري)	آغا سليم	25/-
18-	پيگل ڪنهراٽيون	خليل جبران/ عبدالله الفائز	25/-
19-	ڏيٺا تيل ڦليل جا	علي احمد بروهي	50/-
20-	ڀڙاڏو سوئي سڏ (ناول)	سراج	50/-
21-	رات وچ ۾ (ناول)	بريٽ هيليبدي/ فضل احمد بچاڻي	20/-
22-	اڪ سور (ناول)	رابندر ناٿ ٽئگور	50/-
23-	رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون)	امر جليل	40/-
24-	منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل (ناول)	سراج	25/-
25-	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز	55/-
26-	جلا وطن (ڪهاڻيون)	نورالهديٰ شاهه	50/-
27-	جڏهن مان نہ هوندس (ڪهاڻيون)	امر جليل	50/-
28-	راهون چنڊ ستارا (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	60/-
29-	يادين جي انڌلٺ	الطاف شيخ	50/-

Soorih Mirani

30-	وقت وٽيون وڇوڙيون (ناول)	ڪلاپرڪاش	20/-
31-	شاهه لطيف جي شاعري (جلد I، II ۽ III)	تنوير عباسي	80/-
32-	وڄون وسڻ آئيون (شاعري)	شيخ اياز	65/-
33-	ونڊ سر محل جو مسافر (سفرنامو)	عبدالجبار جوڻيجو	20/-
34-	ڳالهيون آهن ڳچ (سفرنامو)	الطاف شيخ	55/-
35-	روس جو سير (سفرنامو)	جواهر لال نهرو	30/-
36-	منهن تنين مشعل (خاڪا)	تنوير عباسي	30/-
37-	فرينچ انقلاب	مترجم: محمد ابراهيم جويو	80/-
38-	علم تحقيق	ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو	70/-
39-	السين ڪٿا (ڪهاڻيون)	موهن ڪلپنا	30/-
40-	اُڀر چنڊ پس، پرين (شاعري)	شيخ اياز	60/-
41-	منهنجي دنيا مرگهه ترشنا (ناول)	سراج	80/-
42-	اي جرني ٽو ٿائلنڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	70/-
43-	پتڻ تو پور ڪري (شاعري)	شيخ اياز	50/-
44-	مٺي مراد (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	33/-
45-	منهنجو ڏس آسمان کان پڇو (ڪهاڻيون)	امر جليل	40/-
46-	دنيا پنهنجي ديس پرايا (سفرنامو)	اياز لطيف پليجو	30/-
47-	سوزيءَ سان پيار	الطاف شيخ	40/-
48-	هينئڙو ڏاڍون گل جئن (شاعري)	شيخ اياز	60/-
49-	خطَ، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو II)	شيخ اياز	60/-
50-	ڪوٽ لکپت جو قيدي	رسول بخش پليجو	100/-
51-	لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو)	طارق عالم ابڙو	80/-
52-	سنڌو منهنجي ساهه ۾	امر جليل	60/-
53-	ٽڪرا ٽٽل صليب جا ۽ واٽون ڦلن ڇانئيون	شيخ اياز	60/-
54-	ڪربلا	نورالهديٰ شاهه	45/-
55-	تاريخ جو ڪفن	امر جليل	40/-
56-	رهجي ويل منظر	طارق عالم ابڙو	50/-
57-	پسي ڳاڙها گل	رسول بخش پليجو	45/-
58-	دل جي دنيا	امر جليل	45/-

گهرائڻ لاءِ لکندا: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
فون نمبر 610108 ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

Soorih Mirani

هن ڪتاب مان ڪنيل:

• "مونکي اندازو ٿي ڪونہ هو تہ ڀهراڙيءَ جو سنڌي اديب ايترو سڄاڻ آهي ۽ هن جو مطالعو ايترو وسيع آهي جو انقلاب جي جديد نظرين ۽ انهن جي عملي اثرن کا واقف آهي ۽ انهن تي سنڌ جي حوالي سان روشني وجهي سگهي ٿو، ۽ هنجي ڳوٺ ۽ ڳوٺاڻن سان ايتري لهہ وچڙ آهي ۽ هو هنن کي ايتري سچائيءَ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جو هنن جي ننڍي کان ننڍي سماجي ۽ اقتصادي مسئلي کان واقف آهي، ان کي سائنسي طرح سمجهي ٿو ۽ ان جي حل جي صحيح سوچ رکي ٿو. هي اديب فقط ميز تي ويهي لکڻ وارو نہ آهي، پر عملي اديب آهي."

• "هتي جي نوجوان شاعرن جو حوصلو بلند ڏسي ۽ انقلابي ڳالهيون ٻڌي منهنجي سنڌي رت ۾ نئون جوش اچڻ لڳو آهي. معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ڳوٺاڻو ٻہ قوميت جي جذبي سان ٽمٽار آهي، هو ڪهاڙيءَ جي صحيح استعمال کي سمجهڻ لڳو آهي. وڏي ڳالهہ تہ هو وڏيري کي پنهنجي آزاديءَ جو سماجي دشمن سمجهي ٿو ۽ اهڙو دشمن سمجهي ٿو جو وقت تي سنڌن دشمن سان وڃيو ساٿ ڏئي. جي اها ڳالهہ سچي آهي تہ اسانجي شاگردن ۾ ايترو جذبو پيدا ٿي ويو آهي جو هو هاري ٻنجيو ڀهراڙيءَ ۾ وڃي هارين سان گڏ هر ڪاهين ۽ لابارو لڻن ۽ اهڙي نموني پنهنجو قومي پرچار ڪن، تہ پوءِ حالتون ڏاڍيون اميد افزا آهن. اسانجو آئيندو سٺن سڄڻ جي روشنيءَ کان وڌيڪ روشن آهي....."

سوره سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارا لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوبار

صاحب خان ·سوره· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488